# اوهريا جي عميق ڏي



# اوهريا جي عميق ڏي

# اوهريا جي عميق ڏي

(سفرنامو)

الطاف شيخ

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ.
1998ع

نيوفيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ ايڪهٺ

ڇپائيندڙ — نيو فيلڊس پبليڪيشنس
تنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ — القادر پرنٽنگ پريس ڪراچي.

ڪمپيوٽر ڪمپوزر — بشير جمالي

پهريون ايڊيشن — جون 1992ع

ٻيو ايڊيشن — جولاء 1998ع

قيمت — 100/- رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

OHERYA JA AMEEQ DA (Travelogue) Written By ALTAF SHAIKH. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad, Sindh. Pakistan. First Edition June 1992. Second Edition July 1998. Price Per Copy: Rs. 100/-
Book No. 161

# انتساب

پنهنجي پياري ۽ پراڻي دوست، ٽنبو قيصر جي

**رئيس نور احمد نظاماڻيءَ نالي.**

نور احمد ڪئڊٽ ڪاليج مان تعليم وٺڻ بعد پندرهن سال کن آمريڪا ۾ رهيو جتي تعليم سان گڏ نوڪري پڻ ڪيائين. پنهنجي والد محترم الحاج شير محمد نظاماڻي جي وفات بعد، ڳوٺ ۾ رهي زمينون سنڀالي ٿو. پاڻ هڪ پروگريسو فارمر ۽ اعليٰ پايه جو جرنلسٽ آهي ۽ ڪيترين ئي انگريزي اخبارن ۾ ڪالم لکي ٿو. گذريل ڪجهه سالن کان پيٽارو اولڊ بوائز ائسوسيئشن "Petarians" جو صدر ۽ سنڌ ائگريڪلچر يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي سنڊيڪيٽ جو ميمبر آهي. پاڻ" مابرن ائگريڪلچر" انگريزي ماهوار رسالي جو ايڊيٽر ۽ ٻاهر جي ڪنهن NGO جو ڊائريڪٽر آهي.

الطاف شيخ

## نيو فيلڊس طرفان الطاف شيخ جا ڇپيل ڪتاب

1- اناميڪا
2- منهنجو ساگر، منهنجو ساحل
3- پيار جي گهٽ
4- وايون وڻجارن جون
5- سي پيڙيون رڪين پاڄهه سين
6- دنيا آهي ڪاڪ محل
7- سمونڊ جي ساٿيهه
8- بندر بازاريون
9- سمونڊ جي سيوين
10- سي ٿي جوين ڏينهن
11- بندر ديسان ديس
12- خبرون ڪيڙائن جون
13- ڪويت ڪنارا
14- ڇا جو ديس، ڇا جو وديس
15- جاني تہ جهاز ۾
16- جپان جن جي جيءَ سان
17- ڳالهيون تنهن جپان جون
18- خدا ڏي خط
19- جپان رس
20- سانباهو سمنڊ جو
21- موج نہ سهي مڪڙي
22- الطاف شيخ جي نوٽبڪ تان
23- بهترين سفرناما
24- لنڊن تائين لفٽ
25- پارن جون آڪاڻيون
26- مس سدا بهار چنبيلي (ٽوڪيو جي گيشاگرل)
27- مڪليءَ کان ملاڪا تائين
28- سنگاپور ويندي ويندي
29- ڪوالالمپور ڪجهہ ڪوهہ
30- ماستر هريامر جو بئنڪاڪ وڃڻ
31- ڊنگيءَ منجهہ درياهہ
32- ڏاهي جهرڪي ۽ پيون آڪاڻيون
33- جت جَرَ وهي تو جال
34- يادين جي اندلٺ
35- ڳالهيون آهن ڳچ
36- اي جرني ٽو ٿائلينڊ
37- سوزيءَ سان پيار
38- *Proverbs of Far- East*
39- اوهريا جي عميق ڏي
40- اچن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا
41- ملير کان مالمو
42- جت برف پئي ٿي جامر
43- ڪراچي کان ڪوپن هيگن
44- ارائونڊ دي ورلڊ
45- رني آهي گهوٽ سان
46- يورپ جا ڏينهن يورپ جون راتيون
47- اي روڊ ٽُ مدينہ

# سنـاءُ


اوهـريا جـي عـميـق ڏي

مهـاڳ ـــ علـي احـمـد بـروهـي 13

مهاڳ يا پڇاڙيءَ جو جواب ـ سـراج 20

-1 جوين ورائٽ لاءِ جتن 28

-2 جل پريون 44

-3 ڪوپن هيگن جي جل پري 50

-4 ڪتا ۽ اسانجو معاشرو ۽ مذهب 51

-5 ملائيشيا جا ڳوٺ ۽ ماٺهو 54

-6 موت ۽ نئين ڪٺ بسترو 60

-7 مئل جو آڱوٺو رکڻ 62

-8 Hello! Friend! Change Money! 64

-9 تصـويـرون 81

-10 نهال شرما ـ ٽر جي اهم شخصيت سنگاپور ۾ 97

-11 ”ما ـ اندام“ ـ ڪنوار جي ٻي ماءُ 115

-12 شهنشاهه ڪان شهريءَ تائين 124

-13 Your Old Prayerfully 131

-14 سنگاپور ۾ ڪلف ڪولڻ جو هنر 137

-15 ڪجهه چنگيز خان جي منگوليا بابت 142

-16 مينهن وڏي يا عقل وڏو 148

-17 شهزادي ڪي ڪهڻ 149

-18 مغلن جو هندستان 152

-19 بئنڪاڪ جي عورتن طرفان نياپو 156

-20 قسطن وارا خواب 164

-21 هتان هُتان جا ٽڪراٽا 168

-22 عِورت جي اوُر ـــ حلال يا حرام؟ 186

-23 سوپاري ـــ بيوقوفن لاءِ ڪنڌ لڳل زهر 191

# مـهـاڳ

مهاڳ لکڻ وينس مَس تہ ملير کان ماسي حوا اچي سهڙي. چي، ابا، ”جمع سندي پلاري ڏينهن تي وينو ڪاغذ ڪارا ڪرين. خئر تہ آهي؟“ چيم تہ ”هائو، ماسي مهاڳ وينو لکان.“ چي ابا، ”هاڻ عمر جي پچاڙيءَ ۾ وينو وتائي فقير وارا اڳ وٺين.“ ڪيس سمجهايم تہ ڪتاب اڳيئي لکجي چڪو آهي ۽ آءٌ اڳ نہ پر مهاڳ، جو باقي رهيل آهي، سو وينو رهڙيان. ماسي ڪو آڻ مجڻ واري تـوروئي آهي. چي، ابا جڏهن ڪتاب پورو تي چڪو تہ پوءِ جو ڪجهہ وينو لکين سو مهاڳ ڪيئن ٿيو. اها تہ ڪهاڻيءَ جي مهاڙي نہ پر پوياڙي ٿي، يا ”پوڳ“، جو تڪائي جا ٻاوا ٻانيڻ پوتي يا پوڃا پاٺ جي پڇاڙيءَ تي وجهندا آهن... پر ابا هي تہ ٻڌاءِ توکي لهٽو اٿن ڇا؟ جو اڃان سوڌو توکي ڏڳي جيان پيا وهائين. جڏهن تي اڃان تہ توکي قلم تي هٿ ۾ ڏسان. ڀيو کو واندومل ڪين ڪونہ ٿو ملي ڇا؟ آخر ڏاڻ بہ ست گهر تاريندي آهي! پر ماسي، مون مرڪندي چيو تہ، ”جي ڳوٺ ۾ ڪل گهر ئي ست هجن تہ پوءِ ڏاڻ ڪنهن ڪي تاري ۽ ڪيئن؟“

ماسي تہ منهنجي متي ۾ پٽُ رندي پنڌڻ وجهي هلي ويئي. پر آءٌ مونجهاري ۾ پئجي ويس تہ ’مهاڳ‘ ڪي واقعي ئي ”پيش لفظ“ جي جاءِ والارڻ جڳائي يا سندس بجاءِ ”آخري بہ اکر“ لکي ڪتاب جي آخر ۾ شامل ڪيا وڃن. ڇاڪاڻ تہ مهاڳ بہ تہ پرائي قلمي پورهئي تي هڪ قسم جي ٽيڪاٽپٽي ڪرڻي آهي. تڏهن تہ فارسيءَ ۾ مهاڳ کي ”مقدمو“ چيو ٿي ويو. هونئن بہ مهاڳ ڪو ڪتاب جي قصي يا ڪهاڻيءَ جو نچوڙ تہ نہ آهي، پر هڪ تنقيدي جائزو يا تبصرو آهي جنهن تي سرسري نظر

وڃڻ سان ڪتاب جو تعارف ٿئي ٿو.

”اوهريا جي عميق ڏي“ جو سالڪ ”الطاف شيخ“ ڪنهن تعارف جو محتاج نہ آهي. ڪيس سنڌ جو ٻار ٻار سڃاڻي. جديد سنڌي جو ’سنڌباد‘، بلڪ سنڌ جو ”سيلاني سفير“ آهي، جو ديس ۾ سنڌس سڪ جو سنيهو پهچائيندو ٿو رهي. سنڌس چاليهارو ڪن سفرناما شايع ٿي چڪا آهن. اهڙا ست اٺ نسخا ڇپائيءَ هيٺ آهن. سنڌس هر هڪ تصنيف حقيقت پسندي ۽ حقيقت نگاريءَ سان گهڻو تعلق رکي ٿي. ممڪن آهي تہ سنڌس لکڻين ۾ ڪي اهڙا خواب ۽ سندن تفسير بہ شامل هجن جي منهنجي نظر کان گذريا نہ هجن. بهرحال هن ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ الطاف سچو سيلاني آهي ۽ هو فقط هيءَ آس اميد رکي سفر جي الله توهار ٿو ڪري، تہ ڪيس خدا جي بستي ۽ زمين تي اوچي ڳاٽ ۽ آزاديءَ سان گهمڻ ڦرڻ نصيب ٿئي. الطاف شيخ ڪي نہ منوچي يا مارڪوپولو ٿيڻ جو شوق دامنگير آهي ۽ نہ وري هن ڪڏهن ابن بطوطہ يا البيروني سڏائڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. سنڌس مدعا فقط هيءَ آهي، تہ هو پنهنجي قلم سان اهڙيون ڳالهيون قلمبند ڪندو رهي جنهن ۾ ملڪ قوم ۽ سنڌس هم وطنين جي ڀلائي هجي.

سفر هوندئن بہ آهيئي علم جي آبحيات تائين رَهائي ۽ رسائي. گهر وينئي گنگا تہ ڪونہ ملندي؟ جيسين ڪو مهاساگر جي عميق ۾ ٽٻي نہ هڻندو تہ موتين مالها ڪيئن هٿ ايندي؟ شهباز آڪيرو ڇڏي اڏام نہ ڪندو تہ پکي سنڌس آکيري ۾ اچي آپگهات ٿورو ئي ڪندا؟ فارسيءَ ۾ چوٽي آهي تہ ”وڻ“ جيڪڏهن هڪ هنڌ بيهڻ بجاءِ ٻي ماڳ ڏانهن پنڌ پوي ها تہ جيڪر ڪهاڙين جي گهاءُ کان محفوظ رهي ها. يعني وڻ ويڃوئي تڏهن آهي جڏهن هڪ هنڌ تي ديٺ ٿي بيٺو هوندو آهي. الطاف سفرناما لکي پنهنجي ملڪي ماڻهن کي ديس پرديس جي ماڻهن سان روشناس ڪرائي ٿو تہ جئن سنڌس ملڪي ماڻهن ۾ مسافري ڪرڻ ۽ ملڪ گهمڻ جو ذوق پيدا ٿئي. هوندئن بہ هيرن جو قدر هيرن جي کاڻ ۾ ٿورو ئي ٿيندو آهي جتي هو ڍڳ ۽ ڍيريون ٿي پيل هوندا آهن. مزو تہ

تڏھن آھي جڏھن ماڻھو پھرين تاريخ جي چند جيان لڳاتار سفر ۾ رھي. جيسين وچي پنھنجي چوڏھينءَ واري روپ کي رسي ۽ چوڏس چوڌار چاندوڪي ڪري.

سئر سفر اسان ۾ ھر ھڪ تو ڪري. پر سفرنامو ڪو ورلي ئي لکي. چاڪاڻ تہ مسافر ۽ سيلانيءَ وچ ۾ زمين آسمان جو فرق آھي. ڪي ولايت وڃي بہ گھمي ڦري خالي پيلي موٽي اچن ۽ ڪجھہ بہ نہ ڏسن. ڪي گھر ڪان مارڪيٽ ويندي بہ اھڙا لقاءُ ڏسن جن جي بيان ڪرڻ لاءِ بياض گھرجن. اصل ڳالھہ آھي اکيون کولي ڏسڻ وائسڻ جي. اسان جي زماني ۾ اسڪولي ڪتاب جي الله توھار ئي اھڙي نصيحت سان ٿيندي ھئي. "سبق پھريون، اکيون ڪم آڻيو." وري جي ويراڳي اکيون ٻوٽي وڪ وجھندا ھئا، تہ بہ عقل ادراڪ ڪان ڪم وٺندا ھئا. تڏھن تہ انڌي ملتان لڌو ھيو!

لنڊن ٽائمس جو اڳوڻو ايڊيٽر "آتم ڪھاڻيءَ" ۾ ڄاڻائي ٿو تہ ائڊورٽائيزمينٽ پڙھي اخبار ۾ رپورٽر ٿيڻ لاءِ انٽرويو ڏيڻ ويس، تہ ڍاڪو ڪن ٻين اميدوارن سان گڏ اسان جي امتحان وٺڻ خاطر چيو ويو، تہ لنڊن ٽاور تي چڙھي وڃو ۽ اتي جو ڪجھہ اوھان کي نظر اچي رپورٽ لکي ڏيو. ايوانس (Eyans) لکي ٿو، تہ مٿي چڙھي ڏٺم تہ ڪجھہ بہ ڏسڻ ۾ نہ ٿي آيو. ھڪ ڪوھيڙو ۽ ڌنڌ ھيو ۽ ٻيو منھنجي نظر انڌن واري! جو ڏھن قدمن تي ھاٿي ڏسي نہ سگھان! پوءِ جڏھن ٻين وڃي رپورٽ رھڙي تہ آءُ مايوسيءَ ڪان روئي وينس. پر منھنجي تواريخ پڙھيل ھئي. سو دماغ جا ڪپاٽ ۽ ڪپاٽ کولي رپورٽ لکڻ ۾ جنبي ويس. آلفريڊ اعظم ۽ اينگلوسيڪسن ڪان ويندي ٽيوڊر اسٽوئرٽ ۽ ھئنور دور تائين، لنڊن شھر سندس اڏاوتن ۽ انقلابن جي سر گذشت لکيم. شايد پاڳ پڙايو جو اول نمبر آيس. آخر انسان جي اندر ۾ بہ تہ اکيون آھن!

ڪنھن زماني ۾ مسافري ڪرڻ جو مول مقصد ھوندو ھيو علم حاصل ڪرڻ ۽ مشاھدو ماڻڻ. ھندن ۾ سنياس ۽ بنواس وڃڻ، جين ۽ ٻڌمت جي ڀڪشو ۽ ٻاون لاءِ بربتن ۽ غارن ۾ وڃي تپسيا ڪرڻ، تہ

مسلمانن ۾ عمرو ۽ حج ڪرڻ جيان، دين ڌرم جي فرض ادائي ليکي ويندي هئي.

اسان جي سنڌڙيءَ جو سرتاج سهڻو شاهه پٽائي به سچو سيلاني هيو ۽ زندگيءَ جو اوائلي حصو سئر سفر ڪندي گهاريائين. شاهه سالن جا سال ڪائنات ۽ قدرت جو مطالعو ۽ مشاهدو ماڻيندو رهيو. سيد عبدالقادر جيلاني چاليهه سال لڳاتار عراق جي جهنگلن ۾ رياض ۽ عبادت ڪندو رهيو. امام غزالي لالن جي لوءِ ۾ ليئا پائڻ خاطر اڌ عمر تائين شام ولايت جا رڻ پٽ لتاڙيندو رهيو. ابوذر غفاري، جنيد بغدادي ۽ بايزيد بسطامي پڻ پنهنجي وطن جا وڻ ڇڏي تلاش حق جا پانڌيئڙا ٿي جهنگ جبل جهاڳيندا رهيا. جڏهن ياوڻ چانگ، ستين صديءَ جي جڳ مشهور چيني سياح کان هندستان جي هاڪاري حڪمران "هرشا" سوال ڪيو ته "هڪ هنڌ ويٺي ڇو نه ٿا راڄ ريجهايو؟" ورائي ڏنائين ته "سڄ دنيا جي چوگرد ڇا لاءِ ٿو چڪر ڪاٽي؟" پاڻ ئي جواب ڏنائين ته "فقط هن مقصد لاءِ ته جيئن اونده کي ختم ڪري انڌيري کي تڙي ڪڍي."

"اوهريا جي عميق ڏي" - فقط سفرنامو نه آهي پرڪيس روزنامچو ڊائري يا اجان به ڊائجيسٽ سڏي ٿو سگهجي. سندس مواد ڪيترن مختلف مضمونن جو مجموعو آهي جنهن جو عنوان جيڪڏهن گلن جي ٽوڪري، ڦلواري يا گلدستو رکجي تڏهن به غلط نه ٿيندو. بلڪ مون کي ته اجان به دنيا جي مشهور معروف "ريڊرس ڊائجيسٽ" جو سنڌي روپ پيو لڳي. مون کي ته ليکڪ ۾ هي آس اميد پڻ آهي ته اڳتي هلي، پنهنجي هن دلچسپ علمي ادبي سلسلي کي "سنڌ باد سيلاني" ڊائجيسٽ جي صورت ۾ جاري رکي ته سنڌي ادب جي هي وڏي خدمت ٿيندي. خاص طور زماني جي اهڙي موڙ تي جڏهن بدامنيءَ سبب سنڌين جو سئر سفر سندن گهرن جي اڱڻ تائين محدود آهي.

سناءُ تي سرسري نظر ڪرڻ سان اوهان کي مختلف مضمونن جي رنگارنگي فهرست ڏسڻ ۾ ايندي، جن ۾ گهٽائي اهڙن موضوعن جي آهي، جي مشرق بعيد جي ملڪن جهڙوڪ سينگاپور، ملايا، بئنڪاڪ ۽

هانگ ڪانگ سان تعلق رکن ٿا. هنن ماڳن ۽ سندن ماڻهن جي رهڻي ڪرڻي ۽ ريتين ۽ روايتن بنسبت دلچسپ واقعا بيان ڪيل آهن. دين ڌرم جون ڳالهيون مهاڙيون ڪندي، ڪٿي تہ نصيحت جا نڪتا پڻ خوش اسلوبيءَ سان بيان ڪيا ويا آهن جا هڪ قسم جي سماجي خلق خدمت پڻ آهي، جيئن ”يوئرس پريئرفلي“ ۽ ”شگر ڪوٽيڊ سوپاريون“ وغيره. طنز و مزاح جي لٽڪن چٽڪن سان گڏ، ”مغل انڊيا“ جي تاريخ نويس ”منوچي“ جي هڪ خوني داستان ڪي بہ ساڳي صف ۾ شامل ڪيو ويو آهي. شايد زبان جي ذائقي بدلائڻ خاطر!

منوچيءَ مغل گهراڻي جي محلاتي سازشن بابت گهڻا ڦات ڦاڙيا آهن. خاص طور مغل راڻين ۽ شهزادين جي عياشين بابت. ليڪن ليکڪ سنجيدگيءَ کان ڪم وٺندي اهڙن انڪشافن تي پڙدو رکي فقط اورنگزيب عالمگير جي اوائلي ڪارنامن تي روشني وڌي آهي. هن ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ پنهنجي پيءُ شاهجهان کي قيد ۾ باندي رکڻ ۽ تخت نشينيءَ جي اند ۾ ڀائرن کي اُکلائڻ ۾ عالمگير جو وڏو هٿ هيو. پر اهڙو الزام فقط اورنگزيب تي مڙهڻ ساڻس سراپا ناانصافي ڪرڻ ٿيندي. ورنہ تخت تي ويهڻ کان اڳ يا پوءِ شاهي خاندان جي وارثن کي ڳجهہ ڳوهہ ۾ يا پڌري پٽ مارائڻ، هر حڪمران جو محبوب مشغلو پئي رهيو آهي. البت ڪي خدا ترس حڪمران ايتري رعايت ضرور ڪندا! هٿا جو حقي وارثن کي اُڃ ماراڻ بجاءِ، سندن اکين ۾ لوهي تتل سرايون گهمائي ڪين نپٽ انڌو ڪري ڇڏيندا هئا! روم جي قيصر ۽ ڪسرا کان وٺندي بغداد ۽ بصره جي خليفن تائين تخت جي وارثن کي راهہ تان هٽائڻ لاءِ هر دور ۾ نوان طريقا پئي ايجاد ڪيا ويا آهن. ايران جي آخري ساساني تاجدار خسرو پرويز تہ شاهي خاندان جي ٽي سؤ ننڍن وڏن وارثن کي جن ۾ ابهم ۽ ڪير پياڪ معصوم بہ شامل هئا قتل ڪرائي اهڙي قتلام جو رڪارڊ رکي ڇڏيو!

ملايا جي رهاڪن بابت نهايت مفيد معلومات پيش ڪئي ويئي آهي. خاص طور اهڙا مضمون جي مذهبي عقيدن متعلق بيان ڪيل آهن.

هنن مضمونن جو مول مقصد اصلاحي آهي. ملايا جا مسلمان هندو مت جي تاثر هيٺ صدين کان رهندي به هو عقيدي جي اعتبار کان اسلام جي نجي حيثيت کي قائم رکندا ٿا اچن. سندن ڀيٽ ۾ اسين اڄان سوڌو پير ۽ قبر پرستي ۽ تعويذ ۽ ڦيٽي جي چڪر کان ٻاهر نڪري نه سگهيا آهيون. هيءَ ٻي ڳالهه آهي ته اسلام اسان وٽ صديون اڳ اچي سهڙيو ۽ جيسين نعره بازيءَ جو تعلق آهي، ته پوري دنيا جي دعويدارن ۾ اڄ به اسين اول آهيون!

1945ع ڌاري مون کي به ملايا ڏسڻ جو موقعو مليو. هي مهاڀاري لڙائيءَ وارو زمانو هيو. آءٌ بحري فوج ۾ وائرليس آپريٽر طور ڀرتي ٿيو هيس. اسان جو هندستاني بحري ٻيڙو هتي سمنڊ کي بارودي ڪاٺين کان صاف ڪرڻ ۾ رڌل هيو جي جپانين هزارن جي تعداد ۾ هت اڇلايون هيون. جپانين ملايا جي ماڻهن کي ڦرلٽ ڪري نپوڙي ڇڏيو هيو ۽ سندن ياڃ بعد سينگاپور ۽ ڪوالالمپور ۾ ڪافي مدت تائين شادمانا ٿيندا رهندا هئا. مون کي ٻين ساٿين جي سنگت ۾ ملايا جا ڪيئي شهر ۽ ڳوٺ ڏسڻ جو موقعو نصيب ٿيو. اسان کي ملايا جا ماڻهو مرد توڙي عورتون ڇيلهه تائين بنان ڪپڙن جي ڏسي تعجب ٿيندو هيو. ملايا جا ماڻهو سادا سڀاجهڙا ۽ توڪلي ٿي ڏٺا ۽ انهن جي مقابلي ۾ چيني چست ۽ چالاڪ هئا. سينگاپور ۾ سنڌي واپارين جون شاهي ڪوٺيون هيون. هڪ مون کي گهر وٺي وچي پلنگ جي تري ۾ ٻيل جپاني نوٽن جا بنڊل ڏيکاريا ۽ چيائين ته هي به ڪروڙ ڊالر آهن، پر آءٌ انهيءَ موڙيءَ سان اڄ نيرن لاءِ مڇي به خريد ڪري نه ٿو سگهان! هڪ سچ به پاڇا آهن. قدرت ڪيئن نه زردارن کي ڀانواتيون پيئي ڏياري!

خالق جي هر تخليق ۾ راز رکيل آهي. بنان ڪنهن معنيٰ يا مقصد جي ڪنهن زندگيءَ جو وجود ۾ اچڻ ئي ناممڪن آهي. فرق فقط هي آهي ته آدميءَ کي پنهنجي منزل جي ڄاڻ آهيئي ڪانه. انهيءَ ڪري هو ويڳاڻن جيان هر وقت منزل جي تلاش ۾ سرگردان ٿو رهي. الطاف شيخ به اهڙي اڄ ۽ اسات سبب وتي ٿو ٻارهو ئي وٽاڻ ۽ ولايتون ووڙيندو. هي

آدم جي اولاد جو سفر آهي جو روز اول کان روان آهي. هي بہ اسان جو عقيدو ۽ ايمان آهي تہ اسان ۾ هر هڪ اڳي يا پوءِ نيٺ وڃي ٿو پنهنجي منزل مراد کي پهچي. پوءِ ڪو هوائي اڏامر وسيلي، ڪي ريل ۽ موٽر لارين ذريعي. تہ ڪي وري پيرين پنڌ، بيساکين سهاري يا ريڙهيون ڏيندي، اچي ٿا ماڳ پهچن. اڳي يا پوءِ هر هڪ اچي ٿو لالن جي لوءِ ماڻي!

جيسين الطاف شيخ جي ذاتي عوامي مقبوليت جو تعلق آهي، تہ سفرنامن لکڻ ۾ هن اڳيئي اهو اوچو مقام حاصل ڪيو آهي، جنهن جي تلاش ۾ اسين سندس سيپئي همعصر سرگردان آهيون. اسين سندس دعاگو آهيون، تہ صاحب رب ستار، کيس وڏي ڄمار نصيب ڪري، ۽ ساڻس هر سفر ۾ ساٿي ٿي، کيس توڙ رسائي، ۽ سندس قلم کي طاقت ۽ توفيق بخشي تہ جيئن هو پنهنجي پڙهندڙن سان سوچ ۽ ساڃهہ وارا سبق ۽ نينهن نيابي وارو سلسلو جاري رکندو اچي. آمين! ـ الله بيلي

علي احمد بروهي

17- ڊسمبر 1991ع

Address:
Ali Ahmed Brohi
1st Floor, Block 'A'
Prince Complex
Near Clifton Bridge Karachi.
Tel: Nos: 5660006 - 515816

# مهاڳ يا پڄاڻيءَ جو جواب

ياءُ الطاف شيخ حڪم ڪيو آهي تہ آءٌ سندس ڪتاب ”اوهريا جي عميق ڏي...!“ جو پيش لفظ يا مهاڳ لکان. ان حڪمنامي سان گڏ هو مون کي پنهنجي ڪتابن جو هڪ ’سيٽ‘ بہ ڏيئي ويو آهي. هن الائجي ڪيترا ڪتاب لکيا آهن. سندس تبصري نگارن مطابق هن ٻائيتاليهہ ڪتاب لکيا آهن. مرزا قليچ بيگ کان هڪڙي انگريز ڪمشنر سوال پڇيو هو: ”ويل مرزا، مون ٻڌو آهي تہ تو سوين ڪتاب لکڻ تي وقت ضايع ڪيو آهي، ۽ مون ٻڌو آهي تہ تنهنجي سنڌي پڙهندڙن انهن مان ڏهہ ڪتاب پڙهڻ جي بہ زحمت نہ ورتي آهي، پوءِ ڇو پيو پنهنجو وقت ضايع ڪرين؟“

مرزا صاحب ڪجهہ وقت ماٺ ۾ رهيو. هو ڊپٽي ڪليڪٽر، ۽ سوال ڪندڙ وڏو صاحبلوڪ ڪمشنر صاحب هو، جنهن جو نہ رڳو هو ماتحت هو، پر جيڪو سنڌ جو مالڪ ۽ مختار هو. (ان وقت سنڌ اڃان بمبئي پرڳڻي جي هڪ ڊويزن هئي.) پر الائي ڇو مرزا صاحب کي ڪو جوش اچي ويو، ۽ هن نهايت ڌيرج سان، پر هر هڪ لفظ تي زور ڏيندي چيو هو: ”ويل ڪمشنر صَاحب، اوهان ڏهن ڪتابن جو ذڪر ڪري منهنجي واقعي عزت افزائي ڪئي آهي. پر جيڪڏهن منهنجو هڪڙو ڪتاب پڙهي بہ سنڌي ماڻهن ۾ آءٌ اهو احساس جاڳائڻ ۾ ڪامياب ٿيان تہ هو ’غلام‘ آهن ۽ ’غلامي هڪ غلاظت آهي‘ تہ پوءِ آءٌ سمجهندس تہ منهنجو پورهيو ٿاب پيو!“

ان ساڳي معنيٰ ۾ جيڪڏهن الطاف شيخ جي چاليهن يا پائيتاليهہ ڪتابن مان ڪنهن هڪڙي ڪتاب، يا ڪنهن بہ ڪتاب جي هڪڙي بابت، يا ڪنهن بہ ڪتاب جي ڪنهن بہ باب جي هڪڙي سٽ بہ سنڌين کي اهو احساس ڏياري تہ دنيا ۾ جتي بہ هو ويو آهي، اُتي قومون ۽ ملڪ، ڪهڙا بہ هجن، شاهوڪار هجن يا غريب، پر اهي آزاد قومون آهن، آزاد ملڪ آهن، هر هڪ قوم ۽ ملڪ کي پنهنجو وجود، پنهنجي تاريخ، پنهنجو ڪلچر، پنهنجو ادب ۽ پنهنجو سياءُ آهي، ان جي ابتڙ سنڌ آزاد نہ آهي، سنڌ جي وجود تي ڏنڊ ۽ ڪوهيڙو ڇانيل آهي، سنڌ کي پنهنجي تاريخ، پنهنجو ڪلچر، پنهنجو ادب ۽ پنهنجو سياءُ هوندي بہ ان کي بيان ڪرڻ جي آزادي نہ آهي، تہ پوءِ الطاف جو اهو وڏو ڪارنامو آهي. آزاديءَ لاءِ سنيهو ڏيڻ جو اهو بہ هڪ، اڻ سڌو سهي، ورتاءُ آهي. هڪڙي ٽوٽڪي ۾، الطاف چوڻ تہ ”عميق ۾ اوهري“ ويو آهي: سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ جي هڪ عملدار کي هو چوي ٿو تہ ”اسان درسي ڪتابن ۾ ’موهن جو دڙو‘ پڙهيو هو، پر ائين چو آهي تہ اوهان پاران ڇپايل ڪتابن ۾ ان کي ’موئن جو دڙو‘ سڏيو ويو آهي؟!“ اهو ورتاءُ اهم آهي، ان کي هڪڙي معنيٰ آهي، جڻ تہ الطاف اهو چئي ڏنو تہ ”آزاد قومن لاءِ موهن جو دڙو سنڌ جي پنهنجي سڀيتا جي هڪ آزاد علامت هئي، پر ائين چو آهي تہ ان علامت جي جارحيت ۽ ويڙهاند کي مانو ڪرڻ لاءِ اوهان ان کي بي علامت ۽ بي مقصد عامياڻي لفظ مئلن جي دڙي سان مشهور ڪري سنڌ جي مهانتا ۽ عظمت کي ليڪو ٻائڻ جي ڪوشش پيا ڪريو؟!“

الطاف اهو هنر، اهو فن سچائي ورتو آهي تہ جيڪا ڳالهہ ڏيان تي آڻي هجي، ان جي ابتڙ ڳالهہ کي کولي بيان ڪجي تہ تضاد ظاهر ٿي پوندو. ڪنهن وڏيري جي حويليءَ يا ڪنهن سيٺ جي محل جي تفصيلن کي بيان ڪندي، جيڪڏهن ڪو اديب ڪشنچند ”بيوس“ جي اها لافاني سٽ ورجائي تہ ”الا، جهُري مَر شال، غريبن جي جهوپڙي!“ تہ نہ رڳو تضاد روشن سج وانگر ظاهر ٿي پوندو، پر ان جي تَوَ ۽ تَپت ڪان

ماڻهوءَ جو ذهن پسمر ٿيڻ بہ لڳندو. اهوئي فن الطاف استعمال ڪيو آهي. اهوئي فن مرزا قليچ بيگ استعمال ڪيو هو!

هونئن تہ عام رواجي طرح جڪر آءَ الطاف جي تعريف ڪرڻ لاءِ هن جي فن لاءِ وڏا وڏا محــاورا، وڏا وڏا اصطلاح ۽ وڏيون وڏيـون تشبيهون استعمال ڪري بہ ڪم ٿپائي ڇڏيان ها. پر ائين ڪرڻ بي انصافي ٿيندي. آءٌ اهو بہ لکي ٿي سگهيس تہ سنڌي ادب ۾ الطاف "مارڪوپولو" جيتري اهميت رکي ٿو، ان ڪري هو عظيم آهي وغيره وغيره. پر ٻائيتاليهن ڪتابن جي مصنف سان اها دغابازي ڪرڻ ڪبيرو گناهہ ٿيندو. الطاف جيڪي ڪجهہ لکيو آهي سو بنان ڪنهن لالچ، بنان ڪنهن شهرت جي ٻُڪ، ۽ بنان ڪنهن ذاتي اشتهاربازي جي لکيو آهي. ان ڪري هن تي لکڻ لاءِ اهي حوالا قطعي ڪارگر ناهن. هن لاءِ، هڪ "معاشي اصطلاح" مطابق، "جيئن آهي، تيئن سمجهڻ گهرجي" وارو رويو وڌيڪ مناسب آهي. هونئن بہ جهازي ماڻهوءَ لاءِ زمين جون تشبيهون ڏيڻ نہ رڳو بي واجبي آهي، پر بي انصافي پڻ، ڇاڪاڻ تہ انهن ٻن شخصيتن جا نہ رڳو ادراڪ مختلف آهن، پر ڇيد ڪرڻ جا حوالا بہ مختلف آهن. الطاف جي چوڻ مطابق جهازي ماڻهن جا خواب بہ مختلف آهن. زمين تي وسندڙ ماڻهن جي ابتڙ هنن جا خواب بہ قسطوار آهن!

پر متان ان لاءِ ڪي جواز ۽ سبب ڪنهن غلط فهميءَ جو شڪار ٿين، ان ڪري ٻڌائيندو هلان تہ الطاف مونکي ڏاڍو پيارو آهي. ان لاءِ بہ سبب آهن: هڪڙو تہ بنهہ ذاتي سبب آهي، ۽ ٻيو انهيءَ ذاتي سبب کان گهڻو مختلف ۽ ماوُرا آهي. ذاتي سبب آهي هن جو پيٽاري جي ڪيڊٽ ڪاليج سان لاڳاپو. ٿورن ماڻهن کي اها خبر آهي تہ هن جي "تعليم" جو مُک ذريعو "ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو" آهي. ان ڪاليج سان ٿورو يا گهڻو منهنجو ذاتي لاڳاپو رهيو آهي. گهڻا سال ٿيا، جڏهن سنڌ ۾ پهريون فوجي نوعيت جو ڪيڊٽ ڪاليج کلڻ جو اعلان ٿيو، ۽ ان جي قائم ٿيڻ سان جڻ تہ اهو ڪوڙ ظاهر ٿي پيو تہ سنڌ جا ماڻهو فوجي تربيت حاصل ڪرڻ کان ڪيٻائين ٿا. اهو تاثر اڄا تائين قائم رکيو پيو وڃي: محض ان لاءِ تہ

جيئن فوج ۾ سنڌي نوجوانن کي ڀرتي نہ ٿيڻ جي ترغيب ٿيندي رهي. جڏهن اهو ڪاليج ڀِهرين ميرپورخاص ۾ شروع ٿيو، تڏهن ثابت ٿيو تہ اهو سنڌين تي وڏي ۾ وڏو الزام هو ڇاڪاڻ تہ ڀهرئين سال لاءِ ان ۾ سيٽون 150 مقرر ڪيون ويون پر ان لاءِ داخلا لاءِ هزارن ڪان متي درخواستون پهتيون. حڪومت الائجي ڪهڙي خيال کان اهو اعلان ڪري ويئي، پر جڏهن سنڌ جي ماڻهن جو ردِعمل ظاهر ٿيو، ۽ 150 سيٽن لاءِ هزارين درخواستون داخلاِ لاءِ پهتيون تہ ڀهرين تہ اهو فيصلو ٿيو تہ اها اسڪيم ئي ختم ڪجي، پر مخالفت جي ڊپ کان حڪومت اسڪيم تہ ختم نہ ڪري سگهي پر داخلا لاءِ ايتريون تہ سخت نميداريون، ۽ ايترا تہ سخت شرط رکيا ويا جو حڪومت سمجهيو تہ سنڌي نہ رڳو اوڏانهن ڪونہ لڙندا، پر جيڪڏهن لڙيا، تڏهن بہ انهن شرطن کي پورو ڪري نہ سگهندا. خير، حڪومت ڪي نيت اُڻ ميڄٽي پئي.

آءٌ ان وقت سرڪاري نوڪري ۾ هوس ۽ مون تي پنهنجي ٻائرن ٻينرن جي تعليم جو فرض هو. مون پنهنجي هڪڙي ٻاءُ، مصباح الحق کي ان نئين ڪيڊٽ ڪاليج ۾ داخلا وٺي ڏيڻ لاءِ هٿ پير هنيا. خرچ ڀرڻ لاءِ الائي مون ڇا ڇا نہ ڪيو. پر مصباح کي داخلا وٺي ڏنم. اهو هو ڪيڊٽ ڪاليج سان منهنجو ڀهريون واسطو. مصباح گهڻو وقت ڪاليج ۾ جالي نہ سگهيو. (اڄڪلهہ نيويارڪ ۾ آهي، ۽ آءٌ ٻانيان ٿو تہ ان ڪاليج جي تربيت جي ڪري، ”محنت ۾ عظمت“ کي اصول بنائي زندگيءَ کي بهتر کان بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ۾ آهي!)

مصباح جي تعليم ۽ تربيت منهنجي ذهن تي هڪ دائمي اثر ڇڏيو. ان اثر جي ڪري، مون پنهنجي ٻن پٽن کي ارشد، جيڪو هن وقت وڪيل آهي، ۽ امجد، جيڪو هن وقت ڊاڪٽر آهي ــ ان ساڳئي ڪيڊٽ ڪاليج ۾ داخلا ڪرائي. تيسين اهو ڪاليج ميرپور خاص جي بدران پيٽاري منتقل ٿي ويو هو ۽ اڄ اُتي آهي. مون ذاتي طرح ان ڪاليج جي پرنسپل صاحبن سان ملاقاتون ڪيون، ۽ سنڌ جي لاءِ ان جي اهميت بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. مصباح جي داخلا وقت ان ڪاليج جي

پهرئين پرنسپل ڪرنل ڪومبس سان مليو هوس ۽ گهڻا سال پوءِ جڏهن ڪاليج پيٽاري منتقل ٿيو تڏهن ان وقت جي پرنسپل ڪئپٽن شڪرالدين سان بہ مليو هوس! آءٌ سمجهان ٿو تہ منهنجي ٻنهي پٽن ۾ محنت ۽ پنهنجي ڪم سان عشق جي حد تائين وفاداريءَ جو سبق هنن کي پيٽاري جي ڪيڊٽ ڪاليج ڏنو. ۽ ان جي ڪري ئي هو زندگي ۾ ڪامياب ٿيا آهن!

ان ذاتي ڪوٽ جو فقط هڪڙو مقصد هو تہ آءٌ اوهان کي ٻڌايان تہ الطاف بہ ان ڪيڊٽ ڪاليج پيٽاري مان تعليم حاصل ڪري زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ شامل ٿيو آهي. سندس ڪراچيءَ جي گهر تي اڄ بہ پيٽارين جي لوگو (Logo) اها چغلي پيو هڻي تہ هن کي ان تعليمي اداري ۽ ان جي تربيت تي ڪيڏو نہ ناز آهي. هن جي ڪتابن ۾ بہ جابجا پيٽاري ڪاليج جا حوالا، پيٽاري جي دوستن جا لاڳاپا ۽ وهنوار ڇانيل نظر ايندا!

منهنجي لاءِ هن جو ٻيو حوالو شاهہ لطيف آهي. هن پنهنجي ڪتابن تي گهڻو تڻو اهي عنوان ڏنا آهن جيڪي ڀٽائيءَ جي بيتن منجهان ڪنيل آهن. اهو آهي هن جو سنڌ سان عشق جو حوالو، جنهن کي ڪوبہ سنڌي لڪائڻ چاهي تڏهن بہ نٿو لڪائي سگهي. ان جو اهو سبب قطعي نہ آهي تہ هو هالن جو آهي، ان ڪري ڀٽ شاهہ سان ويجهائي هن جي عقل ۽ احساس تي سوار آهي! (اهو ان ڪري ٿو چوان تہ ڪن ناميارن ماڻهن لاءِ ڀٽ شاهہ سان هالن جي ويجهڙائي بہ پرماريت جو هڪڙو ذريعو بڻيل آهي!) ڀٽ ڌڻي الطاف جي ذهن تي ان ڪري سوار آهي جو لطيف سنڌ جي وڏي ۾ وڏي ۽ اونهي ڪان اونهي علامت آهي. اها علامت جيڪڏهن ڳولجي تہ اسان سمورن لکندڙن جي لڏي سان جاڙن ٻارن وانگر جڙيل آهي!

ڀٽائي نہ رڳو شاعر هو، پر سنڌ جي آزاديءَ جو اهڃاڻ هو ۽ آهي. هن سنڌ کي ۽ سنڌي ماڻهن کي جيڪا انفراديت ڏني آهي، ان قرض لاهڻ جو هڪڙوئي طريقو ۽ ذريعو آهي تہ اسين هن جي خوابن ۽ سپنن کي ساڀيان بڻايون. ان ئي مقصد لاءِ هن سر سريراڳ، سر گهاتو ۽ سر

ساموندي لکيا. ”گهاتو“ جتي ظلم خلاف ويڙهاند جو علامتي سُر آهي، ۽ مورڙو ان علامت جو جيئرو جاڳندو ڪردار، اُتي ”ساموندي“ پٽ ڌڻيءَ جي ان ادراڪ جو اولڙو آهي، جيڪو هن سنڌ ۽ سنڌين لاءِ تاريخ ۾ محسوس ڪيو هو. مون کان ”سنڌي ٻولي“ ڪتاب 64-1963ع ۾ پٽ ڌڻيءَ جي سر ساموندي‌ءَ جي ادراڪ لکايو هو. (اڄ بہ گهڻا دوست ان کي ٻيهر ڇپائڻ تي ضد ڪندا اچن، پر مون ان کي وري نہ ڇپائڻ جو تڏهن قسم کنيو هو، جڏهن ان ڪتاب کي صدر جنرل ايوب، پاڪستان رائيٽرس گلڊ جي ذريعي، مون کي ”صدارتي انعام“ ڏنو هو، ۽ مون ان صدارتي انعام تي جيتري ذلت محسوس ڪئي هئي، ان جو بيان بہ ڏکوئيندڙ آهي. هاڻ ڪن سنڌ جي سڄڻن جي زيربار ٿيڻ جي ڪري، ان کي انگريزيءَ ۾ ڇپائڻ جو وعدو ڪيو اٿم!)

الطاف سان پيار جو ٻيو سبب اهو سر ساموندي آهي. هن منهنجي انهن سمورن خوابن کي هڪڙي شڪل ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪا ساموندي‌ءَ ۾ پٽ ڌڻيءَ کولي بيان ڪئي آهي، ۽ جنهن هن کي ساموندي‌ءَ جي بيتن مان ئي عنوان چونڊڻ جو حوصلو ڏنو آهي. جڏهن سنڌ آزاد هئي، تڏهن سنڌ جا غوراب سموري دنيا کي تهذيب ۽ تمدن جو نياپو ڏيڻ لاءِ دنيا جي هر ملڪ ڏانهن ويندا هئا. تاريخ ڪان بہ اڳ شام ۽ عراق جي سلطنت ”ميسوپوٽيميا“ ۽ مصر جي ”فرعونن“ کي سنڌ ۽ سنڌي تهذيب سان روشناس ڪرڻ لاءِ اهي غوراب ۽ جهاز سمنڊ جو سينو چيري پهچندا هئا، ۽ ڪين سنڌي انسان جي تهذيبي زندگيءَ جو جاڻ ۽ اطلاع ڏيندا هئا. موهن جي دڙي جي تهذيب، ۽ ان ڪان پوءِ جي سمورين تهذيبن ۾ اهو جاڻ خاص اهميت رکي ٿو تہ سموري دنيا تي اهو واضح هجي تہ سنڌ انساني تهذيب جو اهڙو مرحلو آهي، جيڪو اهو ثابت ڪري ٿو تہ آزادي نعمت آهي، ۽ ان نعمت جي طفيل آزاد انسان ترقيءَ جون منزلون طئي ڪرڻ ۾ ڪاميابيون حاصل ڪرڻ سان گڏ سمورين آزاد قومن کي پنهنجي آزاديءَ کي پناهہ ۾ رکڻ جي تربيت ڏيڻ پنهنجو بنيادي فرض سمجهي ٿو. ماضيءَ ۾ جيڪي سنڌي جهاز ۽ غوراب

سنڌي سمنڊ کي پار ڪندي، اولهہ جي تهذيبن کي آزاديءَ جو سبق پڙهائيندا رهيا، تن انساني تهذيب ۽ تمدن کي هزارين سالن جو مستقبل ان نظرئي سوڌو عطا ڪيو تہ آزادي انسان جي ذهن کي روشنيون ۽ سوجهرا ئي ڏيندي رهندي: ان ڪري ڪنهن کي بہ غلام ڪرڻ ۾ انساني ارتقا اڳتي وڌڻ بدران پوئتي موٽ کائيندي! ان جو هڪڙو سبب ميسوپوٽيميا، بابل، مصر ۽ فونيشين تهذيب جو اهو لوڪ ادب آهي، جنهن ۾ اهي سنڌي ٽوٽڪا ان سموري تاريخ جو محور آهن تہ آزادي انساندات لاءِ هڪ دائمي جيئري رهڻ جي دوا ۽ دارون يا ترياق (Panacca) آهي، ۽ غلامي انساندات جي هيڻائين ۽ رذيل جذبن جي پيدا ڪندڙ ۽ جهنمي روايت جي علامت آهي!

ان سموري بحث مان مراد فقط هڪڙي حقيقت کي بيان ڪرڻ آهي تہ جڏهن ڪو اديب ۽ لکندڙ سفرنامن جي ذريعي اهي نظريا، اهي قدر، اهي ملهہ، اهي ضد، اهي حوالا ۽ اهي علامتون صاف سڌرن لفظن ۾ سنڌن اصلي پس منظر ۾، بيان ڪري ٿو تہ ان جي حيثيت ڪيئن مقرر ڪجي؟ منهنجي خيال ۾ الطاف تاريخ ۾ - گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جي تهذيبي ۽ ادبي تاريخ ۾ - اهو ڪردار ادا ڪيو آهي، جيڪو بلاذريءَ جي زماني ۾، عرب دنيا ۾، هڪڙي سنڌي غلام، صرافن جي بازار ۾ وڏي واڪ ادا ڪيو هو تہ "سنڌي غلام تہ ٽي سگهن ٽا چاڪاڻ تہ هو بي پهچ آهن، پر بي ايمان ۽ بي ضمير ٿي نٿا سگهن چاڪاڻ تہ سنڌ هنن کي اهڙو ايمان ۽ ضمير ڏنو آهي، جيڪو اوهان عربن جي مقابلي ۾، قرآن جي فلسفي مطابق نقط لفظ "صادق" جي معنيٰ ۾ بيان ٿي سگهي ٿو!"

هڪڙي غلام جو پنهنجي حڪمرانن اڳيان اهو بيان هو، ٻئي هڪڙي غلام، الطاف شيخ جو بيان، پنهنجي سمورن حڪمرانن اڳيان، شايد ساموندڙيءَ جي هڪ بيت ۾ سمايل آهي:

پُران، مانَ پُڇان، بنـدرَ مـون ڏور ٿـيا،
نہ مون هَڙ نہ هنج ڪين، جو آئون چئي چڙهان،
ايهين ڪج پاتـٽي، جنهن پَر پرين مڙان،
ڪارون ٿـي ڪريان، تـو ڏر اُيـي، نـاڪَـٺـا!

سنڌي غلامن جو ھڪڙوئي پرين آھي ـ آچيو، جنھن کي ڪنھن جل پريءَ جيان فقط خوابن ۾ ڏسي سگھيا آھيون، ۽ خوابن ۾ ئي ساندييندا رھنداسون ـ ساپيان جي اُميد ۽ آسري ساڻ!

ايترو لکي ويٺس تہ اوچتو خيال آيو تہ منھنجو ھي ذڪر افڪار الطاف جو مھاڳ تہ ڪونہ ٿيو، جنھن جو ھن مون کي حڪم ڪيو ھو. انگريزي ڪتابن ۾، مھاڳ کان وڌيڪ اھميت، ڪتاب جي اصل مقصد کي مختصر باب جي صورت ۾ "اپيلاگ" (Epilogue) کي ھوندي آھي. منھنجا ھي چند لفظ بہ مھاڳ کان وڌيڪ "پڇاڙيءَ جو باب" سمجھڻ گھرجي.

سـراج

4- ڊسمبر 1991ع

SIRAJ-UL-HAQUE MEMON
F- 13, Block- 4,
Kahkeshan Clifton, Karachi.
Tel: Nos: 535038 - 514450

## جوين ورائڻ لاءِ جتن - ڪڪ. ليپ ۽ سانڊا

چونڊا آهن تہ گذريل وقتُ يا جواني موٽي نٿي اچي. پر تنهن هوندي بہ صدين کان وٺي اڄ تائين حضرت انسان انهن دوائن، معجونن، نسخن ۽ جادوئي عملن جي ڳولا ۾ رڌل آهي تہ من ڪا اهڙي شيءِ ايجاد ٿي پوي جنهن جي واپرائڻ سان هو پوڙهو ٿيڻ کان بچي وڃي، يا گذريل جواني وري موٽي اچي. ڪئين بادشاهہ، طاقتور پهلوان ۽ پئسي وارا پنهنجي پنهنجي وت آهر پنهنجي گذري ويل جواني واپس مائڻ لاءِ ڪوششون ڪندا رهيا ۽ ڪندا رهن ٿا. پر سڀ بيڪار. وڌ ۾ وڌ ڪاڌي خوراڪ ۾ پرهيز ۽ لڳاتار ڪسرت ۽ صحت جو خيال رکڻ سان اهو ماڻهو ٻين جي مقابلي ۾ ڪجهہ وڌيڪ تندرست ضرور رهي ٿو پر اهڙو مثال هرگز نہ ملندو تہ ڪنهن دوا يا جادوءَ جي زور تي ماڻهوءَ جي عمر سؤ سالن بدران ٻہ سؤ سال ٿي وئي هجي. يا پيريءَ ۾ پهچڻ بعد وري جوان ٿي ويو هجي ۽ جوانن وارا ڪرتب شروع ڪري ڏنا هجنس.

اها سڀ ڪجهہ ڄاڻ هوندي بہ هر دور ۾، وينديِ اڄ تائين، ڪيترائي مرد پنهنجي گذري ويل جواني، وري مائڻ جي چڪر ۾ ڦتڪيل رهن ٿا. ۽ پوءِ ڊاڪٽرن، حڪيمن ۽ جادوگرن کي اهڙا ماڻهو ڦرڻ لاءِ سٺو موقعو ملي ٿو.

وڃايل جواني وري حاصل ڪرڻ سان گڏ، پيون بہ ڪجهہ شيون آهن جن جي ضرورتمندن مان حڪيم ڊاڪٽر ۽ اشتهار ڏاهڻ وارا دل وٺان ڪمائين ٿا. جهڙوڪ مٿي جا کُسي ويل وار وري حاصل ڪرڻ وارن مان، قد ڊگهو ڪرڻ، ٿولهہ گهٽائڻ، رنگ اڇو ڪرڻ جي شوقينن مان. ڪنهن واهہ جي ڳالهہ ڪئي تہ ڪنهن دوا يا تيل مان مٿي جا وار وري ٿي سگهن ها تہ اڄ ان دوا جي مشهوري ۽ ايجاد بابت هر رسالو ۽ اخبار ڪاري هجي

ها. دل جي ڦهرين پيوند Transplantation بابت اخباري دنيا ۾ جيترو ڌام ڌوم سان احوال آيو هو ان کان ڪيترا دفعا وڌيڪ 'وارن جي علاج' جو احوال اچي وڃي ها.

هڪ ٻئي چيو: ”وارن جي وري نڪرڻ جو ڪو نسخو هجي ها ته ڦهرين آغا خان جهڙا امير ۽ مشهور ماڻهو ان دوا مان فائدو وٺن ها. پوءِ چاهي اها ڪيتري به مهنگي هجي ها.“

مطلب ته وار وري ڄمڻ جا اهي تيل ۽ اشتهار سپ ڪوڙا ۽ پئسن ڦرڻ جا تڪسات آهن. چندر جو هڪ راڳ آهي: ”پڪي واريءَ جي پيار تي، پوءِ ڍائي يار تي ۽ ڪتل وار تي اعتبار نه ڪجي.“ سو وار به هڪ دفعو ڪتو ته وري نه نڪرندو آهي. ها البت ڪجهه وار Transplantation ذريعي تي سگهن ٿا. يعني ٻئي جي مٿي جا يا پنهنجي جسم جي ڪنهن ٻئي حصي جا وار آپريشن ذريعي هڪ هڪ ڪري مٿي ۾ ٽنبي سگهجن ٿا. اها آپريشن ڪجهه ڏکي، ايذاءُ واري ۽ تمام مهنگي ٿئي ٿي. ان ڪري اها ايترو ڪامياب نه وئي آهي. ان جي ناڪاميءَ جو ٻيو اهو به سبب آهي ته ڦهرين جي مقابلي ۾ هي رونبو ڪيل وار، ايترا سهڻا نٿا لڳن. هن طريقي سان لڳايل وارن جي پاڙن وٽ ننڍيون ننڍيون ڳوڙهيون ٿيو پون جيڪي ائين لڳن ٿيون ڄڻ موچيءَ گيتلي کي ٽانڪا هڻي سبيو هجي.

ساڳي طرح ٿولهه جو مسئلو آهي. جناح اسپتال جي ڊاڪٽر شڪور قاضيءَ ان بابت ٻڌايو: ”لڳاتار ورزش ۽ کاڌي تي ڪنٽرول رکڻ سان ٿولهه گهٽجي سگهي ٿي پر ڪو سمجهي ٿو ته به چار ڏينهن ڪي گوريون کائڻ سان هو ٿلهي مان سنهو ٿي ويندو ته اها سندس سراسر بيوقوفي آهي. ڪي اهڙيون گوريون ضرور آهن جن جي کائڻ سان بک مري وڃي، آندو سڪيو وڃي ۽ ماڻهو سمجهي ٿو ته هن جو پيٽ اندر هليو ويو آهي ۽ واقعي ڪو وزن گهٽجي ويو آهي. پر ائين ڪرڻ سان ڪمزوري ۽ بيماري ٿئي ٿي. اهم ٿولهه جيڪا چربيءَ جي تهن ڪري ٿئي ٿي اها ساڳي جي ساڳي رهجيو وڃي.“

اهڙي طرح رنگ اڇي ڪرڻ جون ڪي بليچنگ ڪريمون ضرور نڪتيون آهن جيڪي عارضي طرح ڪل جو رنگ لاهيو ڇڏين جيئن تيزاب فرش تان گرُ ۽ رنگ لاهيو ڇڏيو. ماڻهو سمجهي ٿو تہ هو اڇو ٿي ويو آهي پر پوءِ وقت گذرڻ تي يا اس لڳڻ تي ويتر ڦڪو ڪارو ٿيو پوي ۽ جيسين هر ماڻهوءَ کي اهو احساس ٿئي تہ اها ڪريم يا دوا هڪ فراڊ آهي تيسين دوائون ٺاهڻ وارا چڱو ڪمايو وٺن.

هڪ اهڙيون دوائون ٺاهيندڙ ڪمپنيءَ جي مالڪ ٻڌايو تہ ان قسم جي دوائن مان ڪيس چڱو اپراسو ٿئي ٿو. دوا ۾ ڪٿي ڪجهہ بہ نہ هجي پر سٺي ۽ موهيندڙ اشتهار بازيءَ ڪري چڱي ڪمائي ٿيو وڃي.

ٿولهہ گهٽائڻ، وار وڌائڻ، رنگ اڇو ڪرڻ ۽ قد وڌائڻ جي ان قسم جي علاجن مان سڀ ۾ گهٽي ڪمائي ’جواني موٽائڻ جي دوائن‘ ۾ آهي. اها اهڙي شيءِ آهي جو ڪنهن کي فائدو نہ بہ ٿئي تہ بہ ظاهري طرح ٻئي کي ڇا خبر، ۽ استعمال ڪندڙ شرم کي پرچائڻ لاءِ دوا جي تعريف ئي ڪري ٿو.

ايشيا جا انيڪ ملڪ، سڄي عرب دنيا ۽ آفريڪا جي ڪيترن ئي ملڪن جا ماڻهو وڃايل طاقت ۽ غروب ٿي ويل جوانيءَ کي وري ماڻڻ جي ڳولا ۾ لڳا رهن ٿا. ڦورو ڊاڪٽر، حڪيم، پساري ۽ جڙيون ٻوٽيون وڪڻڻ وارا، ان وڃايل شڪتيءَ کي واجهہ وجهي ورائي ڏيارڻ جا اعلان، وعدا، پڪون ۽ اخباري اشتهارن کان وٺي پيتين تي اطلاع ڪندا رهن ٿا. پوءِ ڪي رستن گهٽين جي چوراهن تي ماڻهو ميڙي کين چتاءُ ڏين ٿا تہ عورت کي نہ تخت کپي ۽ نہ بخت کپي. ننڍپڻ جي بدڪارين ۽ عمر جي لتاڙي ويل لينگهن توهان کي بيڪار بڻائي ڇڏيو آهي، پر اڃان بہ وقت نہ ويو اٿانوَ. منهنجي ڦلاٽي ٿهيل معجون/ دوا کائڻ سان توهان جا ستل ڀاڳ بہ اٿي سگهن ٿا. رنل زال موٽي سگهي ٿي. اڄ تائين جي توهان کي شاديءَ جو خيال نہ آيو آهي تہ هيءَ دوا کائڻ سان سڌو قاضيءَ کي وٺڻ ويندائو نڪاح پڙهائڻ لاءِ ـ وغيره وغيره.

هڪ حڪيم ٻڌايو تہ شهر جي ’وڏن ماڻهن سان دوستي‘ ۽

’پئسي جي ڪمائي‘ طاقت/ جوانيءَ جا ڪوڙا سچا ڪُشتا ۽ معجونون وڪڻڻ ۾ آهي. جو اها اهڙيءَ شيءِ آهي جنهن لاءِ اسان جو وڏيرو، رئيس، زميندار ڪامورو لڳو رهي ٿو. هن جو جاهل هجڻ، شرابي هجڻ، ڪنڌل يا قرضي هجڻ سان سندس عزت تي ڪو اثر نٿو پوي. پر اها هڪ وڏي بي عزتي آهي جو هڪ عورت سان همبستري نه ڪري سگهي.

عربي نار جي هڪ ملڪ ۾، اسان جو، ايشيا جو هڪ ڊاڪٽر، ڪليو ڪلايو اعلان ڪري هڪ قسم جا ڪئپسول وڪڻندو هو ته ”انهن جي واپرائڻ سان وڃايل طاقت موٽي اچي ٿي. ڪيڏو به پوڙهو هجي ته ان کي کائڻ سان هو پاڻ ۾ جوانن واري سگهه، جوش ۽ ولولو محسوس ڪري ٿو. ها اهو ضروري آهي ته هو اصل کان ڪدڙو نه هجي.“ هاڻ سائين ڏيو منهن! ڪير چوي ته ڊاڪٽر جي دوا فراڊ آهي. دوا کي فراڊ چوڻ معنيٰ اهو ثابت ڪرڻ ته هن کي نه هينئر مڙسي آهي ۽ نه پهرين هيس. ڪيسي ۾ پئسو، گهر ۾ ان داڻا يا دماغ ۾ عقل نه هجڻ جو ته آفريڪا توڙي ايشيا جو عرب، چيني، ملئي، بنگالي يا سنڌي پنهنجو اعتراف ڪندي عيب نٿو محسوس ڪري. پر پاڻ کي نامرد سڏائڻ نڪ ڪپائڻ برابر آهي.

سچ لٿي پهر ٿي ويا هوندا ته به ڪيترا ماڻهو مُڇ کي تاءُ ڏيئي بيٺي کي اهي اهي ٻهلوانيءَ جا قصا ٻڌائيندا جو ڪهڙي ڳالهه ڪجي! ”سائين چوريءَ سان اهي تعديون ڪيم جو ياد ڪندي. صبح تائين چوندي رهي ته وڏيرا آئون به وڏن وڏن سيٺين ۽ چوڌرين سان ستي آهيان پر اهڙو جوانمرد تو جهڙو نه ڏٺم. هاڻ ته بس ڪر.“

۽ هوڏانهن جيڪو وڏيري جو ڪمدار هيرامنديءَ جي ان ڪيريءَ کي واپس موڪلڻ لاءِ ريل تي وٺي ويو هو، تنهن اچي ٻڌايو ته چوريءَ پئي چيو: ”وڏيري کان پڇي ڪجهه ڪونه ٿو، اجايو پنهنجو پئسو ۽ منهنجو سڄي رات جو سک ٿو ڦٽائي. جيڪڏهن رڳو رانبوتائي هٿڻا اٿس ته اهي ماريو ڪڳو پنهنجو پاڻ کي چو نٿو هٽي.“

اهڙن وڏيرن مان نه رڳو ڳائيون ۽ پڪي واريون پئسو ڪڍيو وٺن

پر ڳوٺ جا ڊاڪٽر حڪيم پڻ ـ جيڪي رئيس جي ساک پت رکڻ لاءِ اهڙن موقعن تي ڪوڙا سچا ڪئپسول ۽ سيون مهيا ڪن ٿا.

منهنجو هڪ سڃاڻو ڊاڪٽر جيڪو هڪ دفعو سعودي عرب ۾ رهي آيو آهي، تنهن وري اوڏانهن نوڪري ملڻ تي ڏاڍو ڪيڀايو پئي.

”ڇو ڀلا ـ؟“ مون پڇيومانس.

”بابا عربن وٽ نوڪري ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. رات جو به سک ننڊ ڪرڻ ڏين. هفتي ۾ هڪ به دفعو ڪونه ڪو عرب اچيو ننڊ مان اٿاري ته: بيوس آهيان، ڊاڪٽر صاحب! ڪو ڪئپسول ڏي ته زال سان سرخرو ٿيان.“

مطلب اهو ته نه رڳو هند سنڌ ۾ پر عرب چين آفريڪا ۾ اهڙا ڪيترا ئي پوڙها رئيس/ امير ملندا جن وٽ سڀ ڪجهه هوندو. پئسي جي زور تي هنن اوچي ڪان اوچو گهر، ڪار، ويندي نئين زال يا سريت حاصل ڪئي هوندي. پر پريشان هوندا ته ڪنهن طرح وڃايل جواني، شباب، طاقت ڪي حاصل ڪجي. ان لاءِ حڪيمن، فقيرن، ڊاڪٽرن جا ڏس پتا ۽ تعويذ ڌاڳا حاصل ڪرڻ لاءِ چڱو ناڻو خرچين ٿا.

ڪمانڊر محمد خان مخمور ـ جيڪو ڊاڪٽر آهي ۽ هڪ اديب ۽ شاعر پڻ، تنهن کان ان مسئلي جي ڪاميابيءَ جي حد پڇيم.

”جواني يا شباب ائين آهي“، هن ٻڌايو، ”جيئن ڪاڏي ٻيٽي لاءِ بک اچ. هاڻ جيسين جواني ۽ صحت آهي، هرڪو اها لڳاتار محسوس ڪري ٿو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ڪو تمام گهٽي ته ڪو ڪجهه گهٽ پري. پيري اچڻ تي اها صحت ۽ هاضمو نٿو رهي جو اڌ پڪل گوشت ۽ گيهه مکڻ مناٻون کائي سگهجن. پوءِ کاڌي هضم ڪرڻ جي گوري کائڻ سان ڏينهن اڌ معدو ضرور صحيح ڪم ڪرڻ لڳي ٿو پر ائين هرگز ناهي ته هو هڪ دفعو وري ائين ٿي وڃي جيئن جوانيءَ جي ڏينهن ۾ هو. اهڙي طرح جواني/ مردانگي يا شباب آهي. هڪ عمر تي پهچڻ بعد پوءِ سج لڙڻ شروع ٿئي ٿو ۽ پويان پاڇا اچيو وڃن. ها البت ڪي هارمون ۽ دوائون اهڙيون آهن جن جي کائڻ سان عارضي طرح، انسان ڪجهه گهڙين

لاءِ بهتر محسوس ڪري ٿو. پران جو مطلب اهو هرگز ناهي ته هو هميشه لاءِ وري ساڳيو جوان ٿي پوي. اها ٻي ڳالهه آهي ته زباني، هو ڪٿي ڪهڙا به ڪوڙ ڳالهائي ۽ ماڻهن کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، پر، وڃايل جواني رڳو بيبي زليخا بابت ٻڌي اٿئون، ته ان کي حاصل ٿي هئي."

سائنس جي هيڏي ترقي به ٻڌاپڻ کي واجهه نه وجهي سگهي آهي جيڪا هڪ ڏينهن هر انسان تي اچڻي آهي. ٽي وي، ريڊيو ۽ رسالن ۾ اينڌڙ چتائن جي باوجود، اڄ به، هن دور ۾، وڃايل جوانيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترا ماڻهو نت نيون ٻوٽيون، خمير، معجون ۽ ڪشتا کائيندا رهن ٿا. ان سلسلي ۾ ماڻهن جي دلين ۾ ڪيترائي وهم ويٺل آهن. مثال طور ڪن جو چوڻ آهي ته سچا موتي کائڻ سان طاقت اچي ٿي. سنڌ يونيورسٽي جي ڪيمسٽري جي هڪ پروفيسر محمد علي مهيسر کان پڇيم ته سچا موتي ڇا آهن؟

"پهرين ڳالهه ته سؤ سوا رپئي ۾ جيڪا پيئل سچن موتين جي پڙي ملي ٿي سا سچن جي ته نه پر ڪن ٻين موتين جي هوندي جو هڪ هڪ سچو موتي (Pearl) هزارين رپيا لهي. ٻي ڳالهه ته سچو موتي ڪيميائي طور، انهن شين جو مرڪب آهي جن جو پٿر، چن يا ساموندي سپون آهن. جن جي چُوري سان پٿري يا پيٽ ته ضرور خراب ٿي سگهي ٿو باقي جي ان سان طاقت يا شباب اچي ته پوءِ ماڻهو جيڪر روز چُن نه ڦڪيندا وتن."

ٽنڊو قيصر جي هڪ ڊاڪٽر شفيع محمد نظامانيءَ ٻڌايو ته ڪيترين ئي پهاڙي ٻوٽين ۽ خاڪن خميرن ۾ انگريزي دوائون مليل ٿين ٿيون. جيئن سچن موتين جي نالي ۾ ساموندي سپون گهي ان ۾ ڪورومن ڊراپ يا ڪا ٻي انگريزي دوا ملائي وڃي ٿي جنهن جي اثر ڪري، عارضي طور، واپرائڻ وارو ٻهاري محسوس ڪري ٿو ۽ سمجهي ٿو ته اها ٻهتري هٽ نوڪين موتين جو ڪارڻ ۽ ڪمال آهي.

هڪ همراهه سنڌ جي ڪنهن درگاهه جي ڪرامت بابت راز فاش ڪندي ٻڌايو ته اتي جا مجاور ٻهاري ڏنل مٽيءَ سان گڏ ائسپرو ملائي

متي جي سور ۽ ٻين دردن جي مريضن کي اهو چئي وڪڻندا آهن ته هي دفن ٿيل درويش جي ڪرامت آهي.

بهرحال وڃايل جوانيءَ کي ورائڻ لاءِ مختلف خاڪن خميرن، ڪشتن معجونن جا شوقين نه فقط سنڌ ۾ آهن پر عرب آفريڪا جي ملڪن ۾ پڻ جام نظر اچن ٿا. پر انهن سڀني ۾ گهڻا شوقين ڏٺا وڃن ته چيني آهن. چيني ڪٿي پنهنجي اباڻي ملڪ چين يا تائيوان ۾ رهندو هجي يا هانگ ڪانگ، ملائيشيا سنگاپور ۾. امير هجي يا غريب. پڙهيل آفيسر هجي يا جاهل واپاري. هر وقت اهڙين شين جي چڪر ۾ هوندو جنهن سان هو وڌيڪ مردانگي حاصل ڪري سگهي. سنڌ ۾ ته فقط سچا موتي يا ڪا اهڙي هڪ ٻه شيءِ واپرائڻ ۾ اچي ٿي پر پاڻ کي ڪڙو تڙو رکڻ لاءِ، چيني انيڪ شيون کائين ٿا. پوءِ انهن ۾ ڪي اهڙيون شيون آهن جيڪي سولائيءَ سان ملن ٿيون ته ٻيون وري مهانگيون ۽ ڏکيون آهن ۽ جن کي حاصل ڪرڻ ڪوهه قاف جا چڪر هڻڻ برابر آهن. انهن شين مان آيا وڃايل شڪتي ۽ گذري ويل جواني ٻيهر ماڻي سگهجي ٿي يا نه، پر چينين جي يقين جي ڳالهه ڪجي. هو مڇي، گانگٽ، ٿوم، ادرڪ، ڪتل، ڊيگي جو ٻچ، ڪڪڙ جو نڙگهٽ، انب، دورين ويندي ڪنول جا گل ۽ پابوڙا انهيءَ مقصد لاءِ ئي کائين ٿا. پر اڄ ان ٻه يڪ ٽڪ نتيجي لاءِ گينڊي (Rhinoceros) جي سڱن جو چورو ڦڪين ٿا. برما کان برازيل تائين ۽ سنگاپور کان سئيڊن تائين رهندڙ چيني، گينڊي جي سڱن جو سڀ کان گهڻو قدر ڪن ٿا. گينڊي جو ٻه ٽي ڪلو وزني سڱ، لکين رپيا ڪري ٿو. ان کي پيهي، پائوڊر جهڙي سنهي چُوري جون ننڍيون ننڍيون پڙيون يا حَبَ ناهيا وڃن ٿا ۽ اها هڪ هڪ پڙي يا گوري، سوين رپين ۾ وڪامي ٿي. جيتوڻيڪ سائنسدان توڙي ڊاڪٽر اهوئي چون ٿا ته اهو اجايو وهم آهي. گينڊي جو سڱ ۽ متي جا وار ساڳي شيءِ آهن. انهن ۾ ڪا اهڙي طاقت يا هارمون موجود نه آهن جيڪا انسان کي شهوت ڏياري. پر مجال آهي جو ڪو اهڙي ڳالهه چيني عاشقن اڳيان ڪري.

ملائيشيا جهڙا ملڪ، جتي چيني گهڻا رهن ٿا، اتي جون

حڪومتون گينڊي جهڙن جانورن کي جيتوڻيڪ بچائڻ جي ڪوشش ۾ لڳيون رهن ٿيون پر تنهن هوندي بہ چيني سگهن خاطر، گينڊا مارينڊا رهن ٿا. ان کان پوءِ، ٻئي نمبر تي، شينهن جا ڪپورا، ڦاڙهي جا سنگ، لڌڙي جو پُچ ۽ نانگ جو پت (Bile) زبردست شهوت پئدا ڪندڙ خوراڪون (Aphrodisiac) سمجهيون وڃن ٿيون. ملائيشيا ۾ ڪيترين ئي هوٽلون آهن جن تي اهي شيون، شوقينن کي تيار تي ملن ٿيون. ڪيترن هنڌن تي اهي شيون گراهڪن جي اڳيان ئي ناهيون وڃن ٿيون. ڪوالالمپور شهر جي ڪمپونگ بارو مارڪيٽ ۾ پوڙهن ۽ اڌڙوٺ عمر چينين جو هر وقت ميلو لڳل هوندو آهي. اتي جون ڪيترين ئي هوٽلون، وڪري لاءِ جيئرا جاڳندا زهريلا نانگ، مڇيون، ڪميون ۽ ساندا نوريئڙا رکن ٿيون. جيترو گهڻو زهريلو نانگ اوترو مهنگو ۽ وڏيڪ فائدي وارو سمجهيو وڃي ٿو. گراهڪ جي اشاري ڪرڻ سان چيني ڪاسائي ربڙ جي ڊگهن دستانن چڙهيل هٿ، شيشي جي ڪٻٽ ۾ وجهي، پسند ڪيل ان نانگ کي منهن کان جهلي، ڇڪي ٻاهر ڪڍندو آهي. پوءِ ان کي يڪدم کهڻ بدران، ڀرين ڦٿڪائيندو رهندو آهي. ائين ڪرڻ سان هن جو گوشت نرم ٿئي ٿو ۽ پيئڻ لاءِ جهجهو رت نڪري ٿو. ڪوريا ۾ - جتي ڪتن کائڻ جو رواج عام آهي، اتي پڻ ڪاسائي ڪتي کي کهڻ کان اڳ ڪا دير لڪڻ سان ڪٽيندو آهي جو ڪتي جي ڦٿڪڻ ۽ دانهون ڪرڻ سان سندس گوشت نرم ۽ لذيذ (Tender) ٿئي ٿو. بهرحال هتي پڻ نانگ کي ڪا دير ڦٿڪائڻ بعد ان جو ڀرين پچ ڪٽيو ويندو آهي جتان رت ٿوهاري وانگر نڪري ٿو. پوءِ کي چيني ڪوپ ۾ رت گڏ ڪري پيئڻ کي وات ڦاڙي بيهن جيئن نانگ مان نڪرندڙ گرم گرم رت سڌو سندن پيٽ ۾ هليو وڃي. ان بعد نانگ جي جسم کي ٽڪو ڏيئي پتو (Gall- Bladder) ڪڍن ۽ ان کي ڪپ سان چيهڪ ڏيئي پوءِ چيپاتي اندران پت (Bilc) ڪڍن جنهن کي چيني مرداني شهوت لاءِ بهترين شيءِ سمجهن ٿا. ان جي پيئڻ بعد گراهڪ ٿهي نڪي هلي ڪرسيءَ تي وهندو آهي ۽ ڪاسائي نانگ جا ٽنيا ٽنيا ٽڪرا ڪري بورچيءَ حوالي ڪندو آهي جيڪو مرچ مسالا گڏي، ڪڙهيءَ ۾ تري، ٻئري هٿان موڪليندو آهي.

اھڙي طرح ڦاڙھي جي سڱن کي حاصل ڪرڻ لاءِ چيني ڳوٺن جو رخ اختيار ڪندا آھن. ملائيشيا ۾ ڦاڙھي مارڻ تي بندش آھي پر موڪل وارن ڏينھن تي ڪافي ھرڻ ڪسندا آھن جن جو گوشت پوءِ لڪ چپ ۾ گھرن ۾ پڻ وڪامي. لڌڙا پڻ ھن پاسي جام آھن جن جو پيچ طاقت، شباب جواني لاءِ ڪاڍو وجي ٿو. ان ڪان علاوه شارڪ مڇيءَ جون ڪنيڙاٽيون پڻ. رھيو سوال شينھن جي ڪپورن جو، سي خبر ناھي ڪيئن ۽ ڪٿان اچن ٿا. ملائيشيا ۽ سنگاپور اھڙا ملڪ آھن جتي ھيا سڀ جانور آھن پر شينھن نہ آھي، (اھا ٻي ڳالھہ آھي تہ سنگاپور جي معنيٰ شينھن جو ڳوٺ آھي). بھرحال اھي آفريڪا کان امپورٽ ٿيندا ھوندا. ھونءَ چيني اھا قوم آھي جيڪا جيسين اکين سان نہ ڏسي تيسين ڪيس ھرگز يقين نہ اچي. ھونءَ بہ اھڙين مھانگين شين ۾ وچ وارا بلاشڪ ٺڳي ڪري سگھن ٿا ۽ شينھن جي آنوڙن بدران گڏھہ خچر جا بہ ڏيئي سگھن ٿا. شينھن جي اھا شيءِ حاصل ڪرڻ واري ڪاسائي جي دل شينھن جي دل کان بہ وڏي ھوندي. پئسي سان ھر شيءِ حاصل ٿي سگھي ٿي، ۽ چيني پئسي واري قوم آھي. ھو ان لاءِ آفريڪا بہ ھليا ويندا ھوندا. ٻي صورت ۾ اھڙين اٺلپ شين لاءِ ھانگ ڪانگ آھي. جتي ھاٿين جي عاج کان وٺي ان قسم جون شيون اينديون رھن ٿيون.

ائين بہ نہ آھي تہ طاقت حاصل ڪرڻ جون مٿيون مقرر شيون آھن. شل نہ چينيءَ کي ڪنھن نئين شيءِ بابت معلوم ٿئي يا شڪ پوي. ھو ان کي بہ حاصل ڪري ھڪ واري ضرور ٽيسٽ ڪندو. پوءِ اھا شيءِ گھٽي ڪيپت ڪري ڏسندي ئي ڏسندي بازار مان غائب ٿي ويندي آھي يا ان جو اگھہ چڙھي ويندو آھي.

اڄڪلھہ چيني، سانڊي ۽ سندس تيل پٺيان اچي پيا آھن. سانڊو ۽ ان جو تيل بنگلاديش برما کان پاڪستان، افغانستان ۽ بحرين تائين تہ تمام مشھور آھي پر ھتي ھڪ نئين ڳالھہ ٿي پئي آھي. ٿيو ھيئن جو ھڪ ڏينھن پيرلس جي ڪنھن شھر ۾، جيڪو ٿائلنڊ جي بارڊر وٽ آھي، ھڪ ملئي ھمراھہ شھر جي چوراھي تي سانڊا رکي انھن جو تيل وڪڻڻ

لڳو. (ملئيءَ ۾ ساندي کي ڏاب (Dhab) سڏجي ٿو.) بعد ۾ خبر پئي ته اهي ساندا هن ٿائلنڊ جي پر واري شهر پٽانيءَ مان آندا آهن پر ماڻهن تي رعب رکڻ لاءِ هن ٻڌايو: "هي ساندا مون سعودي عرب مان گهرايا آهن. انهن جو تيل توڙي گوشت مرداني شهوت لاءِ اڪسير آهي. اهوئي سبب آهي جو عربستان جا رهاڪو مردانگيءَ ۾ زور آهن ۽ هڪ ٽي وقت چار چار زالون رکن ٿا." وغيره وغيره. ويتر جو هڪ اڌ ملئي ۽ انگريزي اخبار اها خبر فوٽوءَ سان ڇپي ته گهر ويٺي ملائيشيا توڙي سنگاپور جي رهاڪن ـ خاص ڪري چينين ۾ تجسس جاڳيو ته ان بابت معلوم ڪجي. ڏينهن تي ڏينهن گذرڻ سان ساندن جو وڪرو ايترو ته وڌي ويو جو ٻيا به ڪيترائي ساندا وڪڻڻ وارا نڪري پيا ۽ ملائيشيا جي ان هڪ شهر بدران ڪيترن ئي شهرن ۾ انهن جو وڪرو هلڻ لڳو. هڪ هڪ ڏاب (ساندو) به سؤ ڊالر (ڏيڍ هزار رپين) کان ٽي سؤ ڊالرن (اڍائي هزار رپين) تائين، ماڻهو وٺڻ لڳا. شايد اهوئي سوچي ته ان جي کائڻ سان پوڙهي ماڻهوءَ ۾ به جوانن واري طاقت اچيو وڃي.

هڪ، ساندن جو تيل وڪڻندڙ، اهڙي حڪيم ٻڌايو ته ان تيل جي مالش سان نه فقط ڪمزور نسون طاقتور ٿين ٿيون ۽ مردانگي وڌي ٿي پر هڏن جو سور پڻ لهيو وڃي. اهو تيل ويم واري عورت لاءِ پڻ فائديمند آهي. هتي (ملائيشيا) جي نئشنل پارڪ ڊپارٽمينٽ جي ڊئريڪٽر مسٽر حافظ عبدالمناف ساندي جي گوشت بابت ٻڌايو: "هنن ساندن جو گوشت کائڻ جوڳو آهي ۽ منجهانئس فائدو نه ته نقصان به ناهي."

گهٽي کپت ڪري انهن مان ڪي ساندا ٿائلنڊ مان گهرايا وڃن ٿا ته ڪي هتي جي رياست ڪيلنتان جا ئي آهن. ملاڪا ۾ هڪ ساندا وڪڻڻ واري ملئي ٻڌايو ته هن اهي ساندا سعودي عرب مان گهرايا آهن. "ساندن جون قيمتون وڌڻ ڪري سعودي عرب ۾ ٿائي ۽ ملئي شاگرد واپس اچڻ تي هڪ ٻه ساندا بئگ ۾ لڪائي کڻيو اچن."

ان بابت ڪوالالمپور جي هڪ ڪسٽم آفيسر ٻڌايو ته "ملائيشيا

جي حڪومت کي انهن جي وڪري تي ڪو اعتراض ناهي پر هو ان جي ڪسٽم ڊيوٽي ضرور ڀيارين، ۽ جنهن ملڪ مان ساندا گهرايا وڃن ان ملڪ جي ايڪسپورٽ پرمٽ پڻ آندي وڃي. نہ تہ ٻي صورت ۾ ڪسٽم ڊپارٽمينٽ اهي ساندا ضبط ڪري سگهي ٿو."

ائگريڪلچر يونيورسٽي ملائيشيا جي هڪ همراهہ ٻڌايو تہ انهن ساندن جو سائنسي نالو Uromastyx- Spinipes آهي.

هڪ چيني همراهہ انهن ساندن بابت مونکان خيال پڇيو: "اسان جي پاسي - يعني پاڪستان، هندستان، افغانستان ڏي تہ اهي ڪا نئين ڳالهہ ناهي. جهنگلن، رستن ۽ رڻ پٽن تي اهي ساندا عام نظر اچن ٿا. ماڻهن جا ميڙ لڳائي ساندن جو تيل وڪڻڻ وارا پڻ نڪرڻ کان ڏسندا اچون." مون ٻڌايومانس.

ساندن جا ڪيترائي قسم آهن. هڪ تہ عام رواجي سنهڙي جسم ۽ ڊگهي پڇ وارو ٿئي ٿو جيڪو ڊپ، ڪاوڙ ۽ ٻين حالتن ۾ رنگ بدلائي ٿو. جنهن ساندي مان تيل ڪڍيو وڃي ٿو ان کي ملائيشيا ۾ ڏاب ۽ سنڌ ۾ گلوئي ۽ ٻين نالن سان سڏيو وڃي ٿو. ڪيترين ئي گهٽ قومون ان ساندي کي، يا ان جي خاندان جي هڪ ٻئي ميمبر ڳوهہ کي کائين. پر ملائيشيا ۾ ان قسم جو ساندو گهٽ ٿئي ٿو. هونءَ هي ملائيشيا، انڊونيشيا، بورنيو ۽ پاپا نيوگني وارا پاسا جانورن سان ڀريا پيا آهن ۽ ساندن ۽ ڇچين سان تعلق رکندڙ ٻيا ڪيترائي ساندن جا قسم آهن. دنيا جو وڏي ۾ وڏو ساندو ڪومودو (Komodo) پڻ هن تر جو ساندو آهي. جيڪو ڊيگهہ ۾ ماڻهوءَ کان بہ ڊيڊوڻو ٻيڻو ٿئي ٿو. اهو ساندو تور ۾ ڏيڍ مڻ ۽ ڊيگهہ ۾ ٽن ميٽرن (نوَ فٽن) تائين ٿئي ٿو.

انڊونيشيا جو هڪ ڪومودو ٻيٽ هن ساندي کان مشهور آهي جتي اهي آفتون، تمام گهٽيون ۽ عام جام نظر اچن ٿيون. ان ٻيٽ جو نالو هن ساندي ڪومودو تان پيو آهي. هن خوفناڪ قسم جي ساندن کي ڏسڻ لاءِ پري پري کان ماڻهو اچن ٿا. ڪومودو ساندي کي ملئي زبان ۾ اورا (Ora) چئجي ٿو ۽ سندس سائنسي نالو Varanus Komodoensis

آهي. واڳو، نانگ ۽ ٻيون ان قسم جون چرندڙ بلائون (Reptiles) ڪاڏي ڪي وات ۾ فقط جهلي سگهن ٿيون پر ڪُمي ۽ هي ڪومودو سانڊو ئي آهي جيڪو شڪار کي ڳهڻ کان اڳ ڏندن سان ٽڪرا ٽڪرا ڪري سگهي ٿو. هن سانڊي کي شارڪ مڇيءَ جهڙا تکا ڏند آهن. (واڳونءَ کي پڻ ڏند ٿين پر هو ڪاڏي کي چٻاڙي نہ سگهندو آهي. هن جي ڄاڙيءَ جي بيهڪ اهڙي آهي جو انهن ڏندن ذريعي شڪار کي فقط هڪ هنڌ جهلي بيهندو آهي. يا انکي مارڻ لاءِ شڪار کي پاڻيءَ ۾ غوطا ڏياريندو آهي. ان بعد سڄو ڳهي ڇڏيندو آهي).

هن سانڊي (ڪومودو) جي وات جي پِڪ ايڏي تہ زهريلي ٿئي ٿي جو چڪ لڳڻ سان شڪار ڦٿڪيو ڦٿڪيو مريو وڃي. ڪيس وڏن ۽ سخت ننهن وارا چنبا ۽ طاقتور پڇ ٿئي ٿو. هن سانڊي جو عام شڪار هتي جو روسا هرڻ آهي جيڪو هن پاسي چڱي تعداد ۾ رهي ٿو. ان کان علاوه هي سانڊو جهنگلي سوئر، گهوڙا ۽ مينهون پڻ ماري کائي. ماڻهن کي ماري کائڻ جون پڻ ڪيتريون ئي ڪهاڻيون مشهور آهن. هتي جا ماڻهو ٻڌائين ٿا تہ هن سانڊي هڪ دفعي هڪ تمام وڏي ويهہ مڻي مينهن کي پڻ ماري وڌو هو. پاڻ کان ڏهوڻي وڏي شڪار کي مارڻ لاءِ اورا (ڪومودو) سانڊو، پهرين هن جي پوئين ڄنگهن ۾ چڪ هڻي شڪار کي هلڻ کان ويهاريو ڇڏي. پوءِ بہ چار ڄڻا اچي لڳندا اٿس. هي سانڊا کائڻ ۾ ڳجهن وانگر تکا ۽ هبڇي آهن. منهنجي هڪ انڊونيشي دوست نورالدين ٻڌايو تہ هڪ بالغ اورا چاليهہ سيرن جو سوئر سترهن منٽن ۾ کائي ڇڏيو. هڪ ٻئي اورا سانڊي هڪ مهني جي هرڻ کي سڄوئي سڄو هڪ ئي ڳيت ۾ ڳهي ڇڏيو. اورا سانڊو ڊوڙ ۾ بہ تکو آهي تہ ساڳي وقت تارو پڻ سٺو آهي. ڪيترو بہ سمنڊ خراب هجي يا درياهہ جو وهڪرو تکو هجي پر هي آرام سان پر وارن ٻيٽن ڏي تريو وڃي جتي جا ماڻهو ٻڪريون يا رڍون ڍڳيون پالين ٿا. هنن ٻيٽن جا رهاڪو مسلمان مهاڻا آهن. هو هنن سانڊن کي گهٽو اختيار ۾ نٿا آڻين. ان جو اهم سبب اهوئي آهي تہ هڪ تہ هي جانور هتي ائين پلارو سمجهيو وڃي ٿو جيئن پاڻ وٽ

پاڪستان، عربستان ۾ جهرڪي ڪبوتر ۽ ٻي ڳالهه ته هن جانور جي ڪل واڳونءَ وانگر ڪمائتي ناهي. نه ته اهي مهاڻا مڇين پنيان وقت وڃائڻ بدران هنن ساندن پويان هجن ها ۽ هيستائين وڏيڪ ڦوٽاڙي لاءِ ڪو هڪ به نر مادي نه ڇڏين ها ۽ سندن کلن جا پرس ۽ جتيون پئرس ۽ دبئي جي ايئرپورٽن تي وڪامنديون نظر اچن ها.

مٿيون ڪومودو يا اورا ساندو ته ڪن خاص خاص هنڌن تي نظر اچي ٿو ۽ سڄي ملائيشيا ۽ انڊونيشيا ۾ تمام گهٽ تعداد ۾ آهي پر (Iguana) اگوئانا ڳوهه جهڙي هڪ ٻئي ساندي جو قسم آهي جيڪو ملائيشيا توڙي انڊونيشيا ۾ جتي ڪٿي نظر اچي ٿو. هي ساندا اسان جي ڇچين جهڙا سنهڙا نه آهن پر چڱا ٿلها متارا ۽ وڏا ٿين ٿا. ڀهرين دفعي، آفيس وٽ هڪ اگوئانا کي آهستي ۽ ٻي ڊپو تي رستو ٽپندو ڏسي وائڙو ٿي ويس ته هيءَ آفت ڇا آهي ۽ آيا مٿانئس گاڏي هلائي، ڪيس ماري ڇڏيان يا ائين ئي ڇڏي ڏيانس. گهٽ ۾ گهٽ ٽي فٽ ڪن ڊگهو ٿيندو ۽ ٻليءَ جهڙو ٿلهو. (پوءِ ته ان کان به وڏا اگوئانا نظر آيا). آئون گاڏي بيهاري سوچيندو رهيس ته هي مانگر مڇ جو اولاد سمنڊ يا درياهه بدران هتي خشڪيءَ تي ڪيئن هلي رهيو آهي. آفيسن ۾ هلي ٻين دوستن کي ٻڌائڻ سان ٽي سگهي ٿو هو اهو چون: "اها ته تمام خطرناڪ بلا هئي. ان کي تو ماريو ڇو نه." اهو سوچي گاڏيءَ کي هن جي سنوت ۾ ڪيم جيئن ڦيٿو سندس سڌائيءَ ۾ اچي. پر ٻي گهڙيءَ ان ساندي جي پٺ جهڙي سخت پٺي، جيڪا ڪارائيءَ وانگر ڇهنبدار پڻ هئي، ان جو جائزو وٺي، فيصلو ڪيم ته اها بلا مري يا نه مري پر اها پڪ آهي ته منهنجي پراڻي گاڏيءَ جو روڏو ٽائر ضرور برسٽ ٿي ويندو. اتي هڪ تامل ۽ ملئي آفيسرن جون گاڏيون پڻ پنيان اچي ويون ۽ رستو وٺڻ لاءِ هارن ڏيڻ لڳا. گاڏيءَ مان لهي، ڪين ان ساندي ڏي اشارو ڪري، ڪائنن پڇيم ته اها بلا ڪهڙي آهي ـ؟

ڀهرين ته هنن کي اهو سمجهه ۾ ئي نه آيو ته آئون ڪهڙي بلا جو پڇي رهيو آهيان. هو پنهنجيون نظرون ان آهستي هلندڙ ڳوهه نما جانور

ڏي فوڪس ڪرڻ بدران، پري يا ويجهو ڪنهن ٻي خيالي بلا ڪي ڳولڻ لاءِ ڪپائڻ لڳا. پوءِ جڏهن ٻڌايومان تہ سامهون ڪنهل ۽ دورين جي وڻ جي وچ ۾، ٽيون نمبر اناناس جي ٻوٽي وٽان، جيڪا آفت لنگهي رهي آهي ان بابت پڇي رهيو آهيان.

مون سمجهيو تہ ان تي نظر پوڻ سان هو پير ۾ پيل ڏنڊن ۽ بانس جي چڙهن ۾ هٿ وجهي ان پٺيان پوندا. پر ملئي همراهہ ڏاڍي آرام سان چيو:

”اهو ويچارو تہ اگوئانا آهي. ان کي مارڻ نہ کپي جو اهو غريب ڪنهن بہ ماڻهوءَ جو نالو نٿو وٺي ۽ حڪومت طرفان پڻ ان جي مارڻ تي بندش پيل آهي.“

۽ پوءِ خبر پيئي تہ اهي ساندا (اگوئانا) نہ فقط هتي ملائيشيا ۾ عام آهن پر ڏکڻ هندستان ۾ پڻ، جيئن سنڌ ۾ رول ڪتا ۽ مکيون. ان ڪري ان ملئي ۽ تامل همراهہ تي ان جو ڪو اثر نہ پيو.

ان بعد ملئي همراهہ مونکان ڊڄي ڊڄي پڇيو: ”توهان اگوئانا کائيندا آهيو ـ؟“

”ڏوڙ اٿئي پئي. توهان کائيندا آهيو ڇا؟“ مون وراڻيومانس.

”مون ان ڪري پڇيو جو هندستان جا ماڻهو تہ سڀ کائيندا آهن.“

ان تي تامل دوست ڪئپٽن ونڪٽ رامائڻ چيس:

”هندستان جو هرڪو ماڻهو تہ ان قسم جا ساندا نٿو کائي. توهان وٽ اهي تامل ۽ ٻيا ڏکڻ هندستاني کائيندا هوندا جيڪي پوک ۾ ڪم ڪن ٿا. ان کان علاوه چيني بہ تہ کائين ٿا.“

بهرحال ملائيشيا اچڻ تي اهو ٻئي يا ٽئي ڏينهن ئي اگوئانا سان تعارف ٿي ويو هو. ان بعد تہ ڪيترائي دفعا، ڪيترن ئي هنڌن تي، اهي اگوئانا نظر ايندا رهن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن تہ نظرون بہ چار ٽين ٿيون. ڪڏهن اهڙا بزي هوندا آهن جو پير ۾ لنگهڻ تي بہ نہ نهاريندا آهن. ڪڏهن ٿي سگهي ٿو هو اسان کي ڏسندا هجن ۽ اسان وري پنهنجي يخيءَ ۾ يا خيالن ۾ کين ڏسڻ بنا لنگهي ويا هونداسين.

مدراسي يا تامل، اگوئانا ساندو شوق سان کائين ٿا يا نہ پر اها حقيقت آهي تہ ڏکڻ آمريڪا جا ماڻهو هن پوائتي شڪل واري سانڊي (پر طبيعت ۾ بيحد غريب) کي وڏي شوق سان کائين ٿا. هتي ملائيشيا ۾ هڪ I.M.O (بين الاقوامي مئريٽائيم آرگنائيزيشن) جو سيمينار ٿيو جنهن ۾ بين ملڪن جي نمائندن سان گڏ پاناما، ڪاسٽاريڪا، ارجنٽائنا، چلي ۽ وينزوئلا جا پڻ جهازي آيا هئا. رات جي مانيءَ تي هو اڪثر غائب رهندا هئا. پوءِ بعد ۾ خبر پيئي تہ شام جو جنهن وقت اسان هاڪيون ڪٽي مئچ کيڏندا هئاسين تہ هو باٽنا ڪٽي اگوئانا ساندن جي ڳولا ۾ نڪرندا هئا ۽ لڪ چوريءَ انهن کي ڪائين تي پچائي ڪائيندا هئا. پاناما جي هڪ ڪئپٽن ٻڌايو تہ انهن جو گوشت ڪڪڙ تتر وانگر ايترو تہ لذيذ ٿئي ٿو جو کائڻ وارو آڱريون چٽيندو وتندو آهي.

هن سانڊي (Iguana) جا بيضا نہ فقط پروٽين مهيا ڪن ٿا پر جواني ۽ شهوت جو پڻ ڪارڻ سمجهيا وڃن ٿا. آمريڪا جا ريڊ انڊين تہ ان کي ويجهہ (Fertility) جي علامت سمجهن ٿا. پاناما، پيرو، برازيل پاسي ورلي ڪو اگوئانا طبعي موت مرندو هجي. ڪڪڙ وانگر سندس انت ديڳڙي ۾ يا ڪٽڇي ٿانڊن تي ٿئي ٿئي ٿو.

اگوئانا ۾ ويجهہ تمام گهٽي آهي. هو هڪ ئي وقت پنجٽيهہ کن بيضا لاهي ٿو پر انهن بيضن پويان ماڻهو، پکي پکڻ ۽ هر قسم جا جانور لڳل هجڻ ڪري اگوئانا جون ”اگوئانا شماري“ وڌائڻ جون، هڙيئي ڪوششون ضايع ٿيو وڃن.

آمريڪا جو سمٿسونين Smithsonian ادارو هن سانڊي جي بچاءَ ۽ وڌاءُ لاءِ ريسرچ ڪري رهيو آهي. اگوئانا جي اصل رهائش گهاٽا ٻيلا ۽ مينهن تي پوکيل گهاٽا جهنگل (Rain Forests) آهن پر ڏينهون ڏينهن وڻن جي ڪٽائيءَ ڪري هر قسم جي جانورن ۾ ٿاڪوڙو پئجي ويو آهي ۽ هنن لاءِ سک سان جيئڻ عذاب ٿي پيو آهي. هن اداري اگوئانا کي چوديواريءَ ۾ پالڻ جي تجربي ۾ اها همت افزا معلومات حاصل ڪئي آهي تہ هو ڪڪڙين جي ڪاڌ خوراڪ کان بہ سستي قسم جي

ڪاڏي تي جهنگل ۾ رهندڙ پنهنجي ياءُ اگوئانا ڪان اوتري وقت ۾ ۽ تور ۾ بيٺو ٿيو پوي.

ان ڪان علاوه هي ادارو ڏکڻ آفريڪا جي هارين ڪي سمجهائيون ڏيندو رهي ٿو ته بابا اگوئانا (ساندن) ڪي گهرو ڪڪڙين وانگر پاليو، ۽ پئسو ۽ پروٽين حاصل ڪيو. هڪ دفعي ٽائيم مئگزن ۾ پڻ ان بابت خبر آئي هئي ته ڪڪڙين ڪان اگوئانا پالڻ ۾ وڏو فائدو آهي، جو ساڳي وقت ۾، ۽ خوراڪ جي ساڳي خرچ ۾، اگوئانا جو گوشت ڪڪڙين جي گوشت ڪان گهٽو ٿئي ٿو. هونءَ به ڏکڻ آمريڪا ۾ ڪيتريون ئي قومون آهن جن ڪي ڪڪڙ ڪان اگوئانا جو گوشت وڌيڪ لذيذ لڳي ٿو. اهوئي سبب آهي جو اُتي اگوئانا ڪي ”وڻن جي ڪڪڙ“ سڏيو وڃي ٿو.

# جل پريون

شايد ئي ڪو ماڻهو هجي جنهن ٻاروتڻ ۾ ڀوتن، راڪاسن ۽ جل پرين جون ڪهاڻيون نہ ٻڌيون هجن. جن ڀوتن ۽ راڪاسن جي آستان لاءِ ڪوه قاف جبل ڏيان ۾ اچي ٿو ۽ جل پرين کي وري سمنڊ جي مخلوق سڏيو وڃي ٿو. منهنجو سمنڊ سان واسطو هجڻ ڪري، ڪيترائي ماڻهو، مون کان جل پرين بابت پڇندا آهن - نہ فقط اسان جي ملڪ جا، پر ڌارين ملڪن جا پڻ. خاص ڪري ننڍي ٿهيءَ جا شاگرد ۽ ٻار.

”توهان ڏينهن رات سمنڊ تي رهو ٿا. توهان کي ڪڏهن ڪا جل پري نظر آئي؟“ اهو هڪ عام سوال هوندو آهي.

”بيروت کان رومانيا يا هيڏانهن رائيڪا ايندي وقت توهان کي ڪا جل پري نظر آئي؟“ يوگوسلاويا جي بندرگاهہ رائيڪا ۾ جهاز پهچڻ تي هڪ دفعي اتي جي هڪ اسڪول ٽيچر پڇيو.

”ڇو ڀلا-؟“ مون پڇيومانس.

”ان ڪري جو اسان جون مائرون ۽ ڏاڏيون ٻڌائين ٿيون تہ سڀ کان گهڻا جِن ڪوهہ قاف تي آهن ۽ سڀ کان گهڻيون جل پريون ايجين ۽ ادرياٽڪ سمنڊ ۾ آهن.“

جل پريءَ کي انگريزيءَ ۾ Mermaid (مرميڊ) سڏجي ٿو. سندس مٿيون ڌڙ عورت جو ۽ هيٺيون ڌڙ مڇيءَ جو چيو وڃي ٿو. هڪ دفعي ڪئناڊا جي هڪ ميلي (Festival) ۾ اتي جي ڳوٺاڻن ماڻهن اسان کان جل پرين جو پڇيو. جڏهن کين خبر پيئي تہ اسان جو جهاز چٽگانگ کان چاليهہ ڏينهن جو سفر ڪري، سڌو سندن ڳوٺاڻي بندرگاهہ باءِ - ڪامو (Bai- Commeau) پهتو آهي تہ هنن لاءِ سڀ کان اهم اهوئي سوال ٿي

پيو. 'باءِ ڪامو' ڪئنادا جو هڪ ننڍڙو ڳوٺڙو ۽ بندرگاهہ آهي جتي اوسي پاسي جي بندرگاهن ڪان ننڍا ٻيڙائي اچن ٿا. اسان جنهن مادرن جهاز 'سندرين' ۾ ايترو پري ڪان باءِ ڪامو پهتا هئاسين، اها اتي جي ڳوناٺن لاءِ وڏي ڳالهہ هئي ۽ هنن سمجهيو تہ اسان، جو هيترا سمنڊ لتاڙي آيا آهيون، سو رستي تي پڪ اسان جي ملاقات ڪجهہ جل پرين سان ٿي هوندي. اها 1969ع جي ڳالهہ آهي. هاڻ تہ باءِ ڪامو اهو ڳوٺ نہ رهيو هوندو. دنيا جي ٻين شهرن وانگر آدم شماريءَ ڪان ڦاٽندو هوندو. (۽ سندرين جهاز پنهنجي ڄمار جي ٻاويهين ٽيويهين سال ۾ آخري پساهن ۾ آهي ۽ ان وچ ۾ اهي جهاز ايجاد ٿي چڪا آهن جو سندر بن جهاز ڪنهن بہ ڪنڊ پاسي ڪان سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو اهم نمونو نٿو لڳي).

بهرحال ڳوٺڙن (ننڍين بندرگاهن) جي ماڻهن ۾ جهازين سان ملڻ ۽ ان قسم جون ڳالهيون پڇڻ هڪ عام ڳالهہ آهي. پوءِ اهي بندرگاهہ ڪٿي ڪئنادا، آفريڪا، ڏکڻ آمريڪا جا هجن يا جپان، چين، آسٽريليا جا.

ڪنهن پڇيو: "جل پري ڇا آهي -؟ مڇي يا عورت"

اهو سوال سپ ۾ اهم آهي پر ان ڪان بہ اهم ۽ پهريون سوال اهو هئڻ کپي تہ جل پريءَ جو وجود واقعي آهي بہ يا نہ.

ڪنهن نيول اڪيڊميءَ جي ساليانې مخزن ۾ جل پريءَ جي بيحد دلچسپ سمجهاڻي ڏنل هئي:

wom- Mermaid: not enough fish to fry; not enough
an to love.

يعني جل پري مڇيءَ جو اهو قسم آهي جنهنکي تري نٿو سگهجي. ۽ اها عورت آهي جنهن سان چڱيءَ طرح پيار بہ نٿو ڪري سگهجي.

انسائيڪلوپيڊيا مطابق جل پري (Mermaid) پاڻيءَ جو هڪ خيالي (Mythical) جانور آهي جنهن جو مٿيون اڌ حصو عورت آهي تہ هيٺيون اڌ حصو مڇي. جل پري، سمنڊ ڪان علاوه ڪن ڪن دريائن تي پڻ رهي ٿي. ساڳي وقت هوءَ ڪناري تي بہ رهي سگهي ٿي.

جل پري هڪ خيال جانور آهي يا حقيقت - اهو خاطريءَ سان

چئي نٿو سگهجي. پر ايترو ضرور آهي تہ اهو هڪ عام ساهہ وارو ناهي جو جتي ڪٿي نظر اچي يا هر وقت نظر اچي يا سيني کي نظر اچي. صدين کان اهڙا ڪيترائي مثال ملندا جن ۾ ماڻهن کي جل پريون نظر آيون. ڪيترن اهڙن اهم ماڻهن کي نظر آيون جن کي ڪوڙو چئي نٿو سگهجي ۽ ان جو رڪارڊ اخبارن ۽ ڪتابن ۾ پڻ آهي. پر ساڳي وقت اهو گمان آهي تہ انهن ماڻهن جل پريءَ کي واقعي ڏٺو يا ان بدران پري کان ڪنهن ڊالفن، سيل مڇي يا لڏڙي جهڙي ڪا بي ساموندي مخلوق ڏٺي. پر ان ۾ بہ ڪو شڪ ناهي تہ ڪيترن ئي ماڻهن کي جل پرين جي هجڻ جو يقين پڻ آهي، خاص ڪري يورپ جي اتراهن ملڪن جي ماڻهن کي - جنهن ۾ ناروي، سئيڊن، ڊئنمارڪ، آئسلنڊ، اسڪاٽلنڊ جهڙا ملڪ اچي وڃن ٿا. ان جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ انهن ملڪن ۾ جل پريءَ جي مورت اسڪولن ڪاليجن جي مونوگرام ۽ لوگو (نشانيءَ) تي تہ عام آهي پر ويندي ڪيترن ڪليسا گهرن جي دروازن تي پڻ اڪريل نظر اچي ٿي.

هڪ دفعي آمريڪا هٿاسين تہ اتي ٽي ويءَ تي مسٽر مارون نالي، نيويارڪ جي هڪ ڪمپني سيڪريٽريءَ جو انٽرويو آيو هو. هن ويجهڙائيءَ ۾ ڪا جل پري ڏٺي هئي ان بابت پنهنجا تاثر ٻڌائي رهيو هو تہ هو هڪ ڏينهن سمنڊ جي ڪناري تي جاگنگ ڪري رهيو هو تہ ڪيس هڪ ڳاڙهن وارن واري هڪ سهڻي ڇوڪري، پاڻيءَ ۾ زور زور سان ٽاقوڙا هڻي ترندي نظر آئي.

"آئون وائڙن وانگر بيهي، ان کي ڏسڻ لڳس تہ اها بنا ڪپڙن جي ڪهڙي ڇوڪري ٿي سگهي ٿي. ايتري ۾ هوءَ اتي بيٺي. منهنجيون تعجب مان اکيون ڦاٽل ئي رهجي ويون، جڏهن مون ڏٺو تہ ڏن کان هيٺ، سندس جسم، انسانن وانگر نہ، پر مڇيءَ جي هيٺين ڌڙ جهڙو هو. پاڻيءَ ۾ ٽپي ڏيڻ وقت سندس هيٺيون ڌڙ مٿي اُيو ڪجي ويو ۽ مون چٽيءَ طرح ڏٺو تہ اهو مڇيءَ جهڙو هو. مون کي پڪ آهي تہ آئون ڪنهن بہ وهم جو شڪار نہ آهيان. ۽ مون هوبهو اهوئي ڪجهہ ڏٺو جيڪو بيان

ڪري رهيو آهيان.“

مسٽر مارون انٽرويوءَ ۾ ٻڌايو تہ جل پريءَ جي غائب ٿي وڃڻ بعد بہ هو ڪلاڪ ڪن، ان جاءِ کي غور سان ڏسندو رهيو. ان بعد وري جاڳنگ ڪندو، اچي گهران نڪتو.

”ڇا توهان کي پڪ آهي تہ اها جل پري هئي؟“ ٽي ويءَ تي انٽرويو وٺندڙ همراهہ مسٽر مارون کان پڇيو.

”ها. بنا ڪنهن شڪ شبهي جي. سمنڊ ۾ غائب ٿي وڃڻ کان اڳ، هُن جون، هڪ ڪن پل لاءِ مون سان اکيون بہ مليون ۽ آئون پڪ سان چئي سگهان ٿو تہ اها جل پري هئي. ايترو ضرور آهي تہ هن مون ڏي نهاري ڪا مرڪ نہ ڏني جيتوڻيڪ جل پرين (Mermaids) لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هو مردن کي ڏسي مرڪنديون آهن.“

جل پري هڪ حقيقت آهي يا ڏند ڪٿا (Myth)، پر اها ضرور مِٿ آهي تہ جل پريون مرد ڏسي مرڪن ٿيون، ۽ هنن کي هر وقت هڪ هٿ ۾ آرسي هوندي آهي تہ ٻئي هٿ ۾ وارن کي ڦٽي ڏيڻ جو برش.

سورهين صديءَ جي هڪ ملڪ ڳولينڊڙ (Explorer) مسٽر هينري هڊسن پنهنجي ڪتاب ۾، جل پري ڏسڻ جو احوال لکيو آهي، جيڪا 1608ع ۾ سندس ٽولي کي نووا ـ زيمبلا (Nova- zembla) ڀيٽن وٽ نظر آئي هئي (اهي ٻيٽ آرڪٽڪ سمنڊ ۾ آهن). ان جل پريءَ لاءِ هن لکيو آهي:

”هونءَ اسان جي قدبت جيڏي ٿيندي. سندس چمڙيءَ جو رنگ صاف ۽ کير جهڙو اڇو هو ۽ ڊگها ڪارا وار سندس ڇاتيءَ تي لڙڪي رهيا هئا. سمنڊ ۾ ٽبي هڻڻ وقت اسان سندس هيٺيون ڌڙ پڻ ڇڳيءَ طرح ڏسي ورتو، جيڪو Mackerel مڇيءَ جهڙو هو.

جل پري ڏسڻ جي خبر، انگلنڊ جي The Time اخبار ۾ 1809ع ۾ پڻ ڇپي هئي تہ اها هڪ اسڪاٽ اسڪول ماسٽر وليم منرو کي نظر آئي هئي. ان بابت ان اسڪول ماسٽر جو بيان ڇپيل آهي تہ هن کي هڪ اگهاڙي جل پري وارن کي ڦٽي ڏيندي نظر آئي.

”هوءَ پاڻيءَ کان ٻاهر هڪ پٿر تي چڙهي ويٺي هئي. سندس هيٺيون ڌڙ مڇيءَ جهڙو هو.“

اهڙا اکين ڏٺا احوال گذريل ڪيترين صدين کان، نه فقط آمريڪن ۽ يورپين جا ملندا، پر جپاني ۽ چينين جا پڻ ڪيترائي ٻڌبا. اهي پڻ صدين کان هن ساهواري جي موجودگيءَ ۾ يقين رکن ٿا. 1801ع ۾ هڪ مشهور چيني همراهه لي ـ تنگ (Li- Tung) جو اکين ڏٺو احوال اڄ تائين چيني، صداقت سان ٻڌائين ٿا ته هن هڪ جل پريءَ کي چين جي ڪنهن ڳوٺ جي کوهه ۾ وهنجندي ۽ وڻ تي ڪپڙا سڪائيندي ڏٺو.

ان وقت مون کي به ڌيان ۾ نه آيو پر هاڻ هي مضمون لکڻ وقت سوچي رهيو آهيان ته انهن چيني همراهن کان جن لي ـ تنگ جي مٿين، وڻ تي ڪپڙا سڪائڻ واري ڳالهه، بار بار ٻڌائي، پڇان ها ته اهي ڪپڙا ڪهڙا هئا: بلائوز، اسڪرٽ، شلوار قميص يا ڪڙتو پجامو ۽ سڪائڻ کان اڳ سرف ۾ ڌوتا هئائين يا اُٺ مارڪه صابڻ ۾.

بهرحال جتي هڪ طرف جل پرين جي وجود جي پڪ ناهي، اتي سندن موجودگيءَ بابت پڻ ڪيترائي بيان آهن. هڪ ته بلڪل ويجهڙائيءَ جو آهي جيڪو اخبارن ۽ ريڊين تي ڪيترا ئي ڏينهن ايندو رهيو. اهو واقعو 1979ع ۾ انڊونيشيا جي بالي بيٽ تي رونما ٿيو هو. هڪ انڊونيشي عورت، مڇيو ڦاسائي رهي هئي ته هن کي سامهون، پاڻيءَ مٿان سنهي گاهه جا چڳا نظر آيا، جيڪي جل پريءَ جي ٻاهر نڪرڻ تي معلوم ٿيو ته هن جا سونهري وار هئا. ان جل پريءَ جو چنڊ جهڙو سهڻو چهرو ۽ آسماني رنگ جون وڏيون اکيون هيون. سندس مٿئين جسم جي کل، تمام نازڪ ۽ لسي هئي ۽ ڌُن کان هيٺ، مڇيءَ جو پڇ هوس جيڪو چلرن سان ڀريو پيو هو.

انڊونيشي عورت پنهنجين ٻين ساهيڙين کي اها جل پري ڏيکارڻ لاءِ سڏ ڪيو، پر تيسين هوءَ سمنڊ ۾ غائب ٿي ويئي.

يورپ پاسي جا پراڻا ساموندي جل پريءَ کي نياڳ جي نشاني سمجهن. سمنڊ تي جهازن کي اوچتا ٿيندڙ نقصان جل پرين پاران سمجهيا

ويندا آهن. اڄ بہ دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾، اوچتو ٻڏي ويل جهازن بابت، سرڪاري طرح اهو لکيو ويندو آهي تہ:

Shipwreck Caused by Mermaid

يعني جهاز کي جل پريءَ ٻوڙيو. جيتوڻيڪ ان جو ڪو ظاهر ظهور ثبوت ناهي. پيو تہ ٺهيو پر شيڪسپيئر جي ڊرامي 'هينري چوٿين' جو هڪ ڪردار رچرڊ، هڪ هنڌ چوي ٿو:

"آئون ايترا جهازي ٻوڙيندس جو ڪا جل پري بہ ٻوڙي نہ سگهي."

"I will drown more sailors than the Mermaid can."

۽ ويهين صديءَ جي شاعر وليم بٽلر ييٽس جو پڻ جل پريءَ لاءِ ايترو ئي ڪجهہ خراب رايو آهي جنهن جو اظهار هن پنهنجي مشهور شعر The Mermaid ۾ هن ريت ڪيو آهي:

A Mermaid found a swimming lad
Picked him for her own
Pressed her body to his body
Laughed; and Plunging down
Forgot in Cruel Happiness
That even lovers Drown.

ڪي ڪي جهازي، جتي اڻڄاڻ خطري ۽ نقصان جو باعث جل پريءَ کي سمجهن ٿا، اتي ٻيا، هن کي سونهن سوڀيا ۽ پيار جي علامت پڻ سمجهن ٿا. ان ڪري ڪيترا جهونا جهازي (Sailors) پنهنجين ٽنگن ٻانهن يا ڇاتي تي جل پريءَ جي شڪل (Tatoo) اڪرائي فخر سان هلندا آهن.

بهرحال جل پريءَ کي ڪو خراب سمجهي يا سٺو پر سنڌ جي ادب ۽ ڪلچر ۾ ان کي هڪ مٿاهون ۽ پوتر رتبو حاصل آهي. بقول تاجل بيوس جي جل پري جيئن تہ پاڻيءَ ۾ رهي ٿي ۽ پاڻي پاڪائيءَ جو سرچشمو آهي، ان ڪري هن جو رتبو ڪوهہ قاف جي پريءَ کان مٿاهون ليکيو وڃي ٿو.

# ڪوپن هيگن جي جل پري

جيئن ’ايفل ٽاور‘ شهر پئرس جي نشاني آهي، آزاديءَ جو مجسمو (Statue of Liberty) نيو يارڪ جي نشاني آهي تيئن پٿل جي ٺهيل جل پري ڪوپن هيگن جي نشاني آهي.

ڪوپن هيگن ڏئنمارڪ جي گاديءَ جو هنڌ آهي. ڪوپن هيگن بندرگاهه ۾ گهڙڻ سان سمنڊ ۾ رکيل هڪ پٿر مٿان ويٺل جل پريءَ جو هي مجسمو گذريل پنجهتر سالن کان سياحن لاءِ دلچسپيءَ جو باعث رهندو اچي. هن مجسمي (Statue) جا فوٽو ۽ پڪچر ڪارڊ جتي ڪٿي نظر اچن ٿا. هن جي ٺاهيندڙ ايڊورڊ ارڪسن پنهنجي خواب خيال ۾ به نه سوچيو هو ته پٿل مان ٺاهيل جل پريءَ جي هيءَ مورت اڳتي هلي لڳاتار ڪمائي جو ذريعو بنبي. ارڪسن 1876ع ۾ ڄائو هو ۽ 1960ع ڌاري گذاري ويو. پاڻ هيءَ مورت 1913ع ڌاري ٺاهي راس ڪيائين ۽ جتي اڄ رکيل آهي اتي رکي ويئي. هر سال هن مجسمي جا ماڊل ۽ ائش ٽري، ڪارڊ، گنجيون، ٽوپيون، ٽي شرٽون ۽ ٻيون هن جل پريءَ جي فوٽوءَ واريون شيون وڪامن ٿيون. ان مان حڪومت کي ٽي ڪروڙ رپين کن جو فائدو ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ جل پريءَ جو هي مجسمو ’سٽي ڪائونسل‘ جي ملڪيت آهي پر ان جي سووينرن جي وڪري مان ڍهه کن سيڪڙو فائدو ارڪسن جي فئملي ٽرسٽ کي ملي ٿو جنهن مان آرٽسٽ جي ڇهن پٽن ۽ پوٽن پڙپوٽن - ڪل تيرهن ڄڻن جي سٺي ڪمائي ٿيو وڃي.

ڏئنمارڪ جي هن جل پريءَ جي مشهوريءَ بعد دنيا جي ٻين به ڪيترن ئي شهرن پنهنجي شهر جي نشانيءَ کي وڌيڪ اجاگر ۽ نمايان ڪري ٺهرايو آهي جيئن ته سنگاپور جو مرلائن (Merlion) جنهن جو مٿيون اڌ شينهن جو آهي ۽ هيٺيون ڌڙ مڇيءَ جو آهي. مرلائن سنگاپور جي بندرگاهه جي منهن وٽ اڃي پٿر جو ٺهيل آهي.

## ڪتا ۽ اسان جو معاشرو ۽ مذهب

ملائيشيا ۾ گهڻي ڀاڱي ملئي ۽ چيني رهن ٿا. انڊين ـ جن ۾ پاڪستان جا پنجابي، پٺاڻ، سنڌي هندو ۽ انڊيا جا گجراتي، سک ۽ تامل اچي وڃن ٿا، اٽي ۾ لوڻ برابر آهن. شهرن ۾ چيني گهڻا آهن، ڳوٺن ۾ ملئي. ملئي سڀ مسلمان آهن، چينين جو ٻڌرم سان واسطو آهي. ڪي دهريا ۽ ڪرسچن پڻ آهن.

ڳوٺن ۾ ڪي ڳوٺ چينين جا به آهن، پر انهن ۾ ملئي ماڻهو نظر نه ايندا. ملئي ماڻهن جي ڳوٺ ۾ چيني ضرور هوندا. ڇيو نه ته گهڻي ڀاڱي دڪان چينين جا هوندا. چينين جي ڳوٺن يا پاڙن ۾ ملئي رهڻ پسند نٿا ڪن. ان جو وڏو سبب اهو آهي جو چيني غير مسلم آهن. هنن جو ڪلچر ۽ ريتون رسمون پنهنجون آهن. وڏي ڳالهه ته هو سوئر ڪائين ٿا. سوئر ڪان علاوه چيني ڪتو پڻ پالين، جنهن سان پڻ ملئي ماڻهن کي نفرت آهي. ملئي مسلمانن جي گهر ۾ ته ڇا، گهٽيءَ ۾ به ڪو ڪتو نظر نه ايندو. ملئي ماڻهن جا ڳوٺ توڙي گهر گهٽيون صاف نظر ايندي‌ون جو هو اسلام موجب صفائيءَ کي اڌ ايمان سمجهن ٿا. هر ملئي جو گهر ٺورو متيرو هوندو ۽ ڪاڪوس ڪمري پرسان هجڻ بدران گهر ڪان ٺورو پري، ڏار ۽ هيٺ پرو هوندو. سڄي ڳوٺ ۾ ڪو ڪتو يا ڪليل گٽر نظر نه ايندو. ناليون ضرور آهن پر اهي مينهن جي شفاف پاڻي وهڻ لاءِ. ان ڪري ملئي ماڻهو، اسان جا ڳوٺ ـ يعني اسان پاڪستاني، هندستاني ۽ بنگلاديشي مسلمانن جا ڳوٺ ڏسي، خوش ٿيڻ بدران افسوس ڪن ٿا ته ننڍي ڪنڊ جا ماڻهو ڪهڙي قسم جا مسلمان آهن جن جي گهرن ٻاهران نالين ۽ گهٽين ۾، ماڻهن ۽ ڪتن جا گونهه پيا آهن. گدلا ۽ مريض ڪتا ائين ئي گهٽين ۽ گهرن ۾ پيا اچن وڃن. ڇڪڻ ڪان علاوه نالين مان پسايل پيچ لوڏي وتن ڪپڙا پليت ڪندا. ماڻهو تعليم يافته هوندي به اهو نٿا

سمجهن ته ڪتي جي زبان توڙي جسم مان بيماريون لڳي سگهن ٿيون. دنيا جا سڌريل ملڪ ۽ قومون، جيڪي ڪتي جهڙي جانور کان پاسو ڪرڻ جو چتاءُ اڄ پيون ڏين، ان بابت اڄ کان تيرهن سؤ سال اڳ اسلام، خبردار ڪري چڪو آهي.

هڪ ملئي پير مرد کي چيم ته توهان جي ڳوٺن ۾ ڪتن جو آزار بنهه ناهي. هرڪو ٻار ٻچو، زال مرس توڙي پوڙهو جوان، بي فڪر ٿي هلي ٿو. ان تي هن مون کي هڪ حديث ٻڌائي.

”هڪ دفعي حضرت جبرائيل عليه السلام، رسول پاڪ ﷺ سان هڪ خاص وقت تي ملڻ جو وعدو ڪيو هو. پر هو وقت تي نه آيو جنهن ڪري حضور ﷺ جن کي پريشاني ٿي ته حضرت جبرائيل ته سچار آهي هو ڪيئن ٿو وعدي خلافي ڪري سگهي. هن جي نه اچڻ جو ضرور ڪو سبب هوندو. پاڻ ڏٺائون ته کٽ جي هيٺان هڪ ڪتي جو پونگڙو ويٺو هو. ان کي پوءِ اٿاريو ويو ۽ ان جاءِ کي ٻهاري ڏئي صاف ڪري، پاڻيءَ جي ڇٽڪار ڪئي ويئي. ان کان پوءِ حضرت جبرائيل عليه السلام تشريف فرما ٿيو ته پاڻ ڪريم جن مقرر وقت تي نه اچڻ جي شڪايت ڪئي. حضرت جبرائيل عليه السلام جن عرض ڪيو: يا رسول الله! توهان جي کٽ هيٺان ڪتو ويٺو هو ۽ اسين ان گهر ۾ نٿا اچون جنهن ۾ ڪتو يا تصوير هجي.“

ملئي ماڻهن وٽ نه ڪتو نظر ايندو نه وري گهرن ۾ ڪنهن جانور، ماڻهو يا ساهه واري جي تصوير هوندي. فريمن ۾ قرآن پاڪ جوُن آيتون ٽنگيل هونديون يا وري گلن جا فوٽا. ملئي ماڻهن جو ننڍو ٻار به توهان کي ان جو سبب ٻڌائيندو ته اسلام ۾ ان جي جهَل ٿيل آهي، ۽ جنهن گهر ۾ ڪتو يا تصوير آهي ان ۾ رحمت جو فرشتو نٿو اچي.

مٿئين پير مرد ملئيءَ وڌيڪ ٻڌايو ته اسلام ۾ ڪتي پالڻ جي شوق کي ننديو ويو آهي ۽ ڪتو فقط هنن مجبورين/ ضرورتن کان رکڻ جي موڪل آهي:

گهر، ٻني ٻاري يا مال وهٽ جي حفاظت لاءِ يا وري شڪار جي

ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ ڪتو رکي سگھجي ٿو.

پاڪائي، پليتائي جي خيال کان اھو چيو وڃي ٿو تہ ڪتي جي بدن تي جيڪڏھن گندگي لڳل ناھي تہ انجي ڇھڻ سان ڪپڙا ناپاڪ نہ ٿيندا. باقي ڪتي جي ڄڀ نجس بہ آھي تہ زھردار بہ. ان ڪري جنھن جاءِ تي ڪتي جي ڄڀ يا انجي ڳِگ لڳي وڃي تہ انکي صاف ڪرڻ ضروري آھي.

*——*——*

ڪتا - جنھن گدلي ۽ رول قسم جا اسان جي ننڍي کنڊ جي ملڪن ۾ نظر اچن ٿا، اھڙا شايد ئي دنيا جي ڪنھن ٻئي ملڪ ۾ ھجن. عرب رياستن ۽ اتر آمريڪا جي مسلمان ملڪن: لبيا، الجيريا، ٽيونيسيا، موراڪو وغيره ۾ تہ ڪتا ان ڪري نہ آھن جو اسلام ڪري اتي جا ماڻھو انھن کان پاسو ڪن ٿا پر آمريڪا ۽ يورپ جي ملڪن ۾ بہ ائين رول ڪتا نظر نہ ايندا. پاليل ڪتا ضرور ڏسڻ ۾ ايندا جن جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل پٽي تي ميونسپالٽي طرفان مليل نمبر اڪريل ھوندو. جيئن ڪتي کان تڪليف رسڻ جي صورت ۾ ان جي مالڪ جي وٺ پڪڙ ڪئي وڃي. اھي پنھنجن ڪتن کي باقاعدي دوا درمل ۽ سيون ھٽائيندا رھن ٿا جيئن انھن مان ڪنھن بہ قسم جي بيماري، عوام کي نہ لڳي. اجايو سجايو يونڪڻ، چڪ ھڻڻ ۽ گندگي پکيڙڻ تي تہ وڏيون سزائون آھن.

سنگاپور حڪومت تہ گذريل سال کان ڪتا پاليندڙ شھرين کي چتاءُ ڏنو آھي تہ مھرباني ڪري ڪتن کي گھرن ۾ ئي ڪاڪوس ڪرائي پوءِ ڪين واڪ لاءِ وٺي ھلو. ۽ پاڻ سان پلاسٽڪ جي ٿيلھي ضرور کڻو متان وري ھو ھنگي وجھي. ٻي صورت ۾ ھزار ڊالر ڪن ڏنڊ! ڇو جو ڪتن جي ڪاڪوس پيشاب مان بيماريون پکڙن ٿيون.

پاڪستان ۾ حڪومت طرفان ڪتن جي خاتمي لاءِ اشتھار تہ گھڻا ئي اچن ٿا. پر انھن جو تعداد ڇڻ اتي جو اتي بيٺو آھي. تازو ڪجھہ ڏينھن اڳ ھڪ اخبار ۾ خبر آئي تہ ڪراچي شھر جي اسپتالن ۾ سڀ کان گھڻا مريض چتن ڪتن جا چڪيل آھن جن جو روزانو انگ سراسري طور ھڪ سؤ کان مٿي آھي.

# ملائيشيا جا ڳوٺ ۽ ماڻهو

ملائيشيا ۾ مئرين اڪيڊمي ائين آهي جيئن ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ـ آبادي ۽ شهر کان پري ٿري. پيٽارو ڳوٺ به ڪاليج کان ٽي چار ميل پري آهي. تيئن اڪيڊمي به ويجهي ڳوٺ ڪئالا سنگائي بارو کان چار ميل کن پري آهي. اهڙي ريت ڏهه يارهن ميل پري حيدرآباد وانگر مسجد تاناح شهر آهي. پر مسجد تاناح حيدرآباد وانگر وڏو شهر ناهي جو هتي آدمشماري تمام گهٽ آهي. ملاڪا رياست جو ملاڪا شهر ٽيهه ميل پري آهي.

مسجد تاناح جي بس اسٽاپ وٽ هڪ چيني زال مڙس جي هوٽل آهي. هوٽل چينين جي آهي پر کاڌن جا سڀ ڊش ملئي آهن جو بقول انهن جي سندن گهٽي ڪمائي ملئي ماڻهن مان آهي جيڪي ڪائڻ پيئڻ ۽ ڪارائڻ جا مڙس ماڻهو آهن. ٻيون به ڪيترين ئي چينين جون هوٽلون آهن جن ۾ ملئي کاڌا هلن ٿا، ۽ انهن هوٽلن وانگر هنن به رڌپچاءَ لاءِ ملئي ماڻهو رکيا آهن جيئن ان کاڌي کي حلال چئي سگهجي.

ان چيني هوٽل واري جي ماني سستي ۽ سوادي آهي. پاڻ در وٽ ئي ٻيهي آئي وئي کي ڪيڪار ڪڙي پيو ڪندو آهي. گراهڪن کي ماني ڏيڻ لاءِ هڪ ملئي ڇوڪري ۽ هڪ چيني عورت رکي اٿس. گراهڪن جو تعداد وڌي ويندو آهي ته مڙس پئسن جو دخل ڇڏي پاڻ ماني ڪارائڻ ۾ لڳي ويندو آهي. پر جي اچان به گراهڪ وڌي ويندا آهن ته سندس زال پنهنجي سال کن جي ٻار کي اسپرنگ ۾ لڙڪيل پينگهه ۾ وجهي، لوڏو ڏيئي، اچي مدد ڪرائيندي آهي.

هتي جي گهٽي ڀاڱي دڪانن توڙي هوٽلن سان گڏ گهر آهن جن جو در پٺئين پاسي پئ ٿئي ٿو. رستي وارو پاسو دڪان، ۽ پويون گهر

ٽئي. يا هيٺ دڪان مٿي گهر. صبح جو مرد ماڻهو دڪان کولين. پوءِ عورتون گهر ۽ ٻارن جو ڪم لاهي، دڪان ۾ اچي مڙس کي مدد ڪرائين. يا باقي رهيل گهر جو ڪم دڪان ۾ ويهي ڪن. پوءِ ڪا بصر پيئي چليندي تہ ڪا ڪپڙن ۾ چتيون ۽ ٽانڪا وجهي هٽندي. جيئن ئي ڪو گراهڪ دڪان ۾ گهڙندو تہ ٻاڇي بصر ڪٽڻ ڇڏي هن جي مدد ڪنديون. پوءِ جي ڪو چاڻ سڃاڻ وارو آهي تہ ٻاڇيءَ مان هٿ ڪڍڻ، يا ٻار کي تڇ ڏيڻ بند ڪرڻ بنا رڙ ڪري چوندس تہ مکڻ جي چڪي فريزر مان ڪڍي ڏيڍ ڊالر مٿان رکي وڃ. يا ڪپڙي جو دڪان آهي تہ چوندس گز ڪنڊ ۾ پيو اٿئي، گهربل چار وال ماپي پئسا ٽيبل تي رکي وڃ.

”ڪلا پئسا ڪونہ آهن. صبح سان ڪتان آئيان؟“

”تہ پوءِ ٻاڇي مارڪيٽ مان تي اچي تو ڏيانءِ.“ گراهڪ چوندو.

”ٻاڇي تو ونڻ وڃين؟“ دڪاندار مائي پڇنديس.

”نہ مڇي ونڻ جو ارادو اٿم.“

”سني هجي تہ منهنجي لاءِ بہ اڌ ڪلو وٺيو اچجانءِ.“

ڪنهن چيني دڪاندار کي پوڙهي ماءُ آهي تہ اهو خوش نصيب ٿيو، جو پوڙهيون چينياڻيون پنهنجي پيري پِٽَ پاراتا ڏيڻ يا اوڙي پاڙي جي گلا غيبت ۾ وڃائڻ بدران اهو رٽائرمينٽ جو زمانو دڪانن تي ئي گذارين. واپار وڙي ۾ نئين ٿهيءَ کان بہ هوشيار ٿين.

”ماسي اسٽرابيري جئم گهٽي جي؟“

”ستن ڊالرن جي.“

”مون وٽ تہ پنج ڊالر وڃي بچيا آهن.“

”مڙيئي خير آهي. باقي بہ ڊالر سيان ڏجانءِ يا پهرين تاريخ پگهار ملڻ تي.“

”چڱو ماسي لکي ڇڏ.“

”نہ ابا. الله وڏي حياتي ڏينديءِ.“

هاڻ ڏي منهن. چڻ توهان مرو ٿا ۽ توهان کي شل وڏي حياتي

ملي ۽ هوءَ پنجهتر ڇاهتر ورهيہ جي پوڙهي هميشه جيئري ٿي رهندي.

سڄي ملائيشيا جي آدمشماري گهٽ آهي ۽ هر ڳوٺ، گهٽيءَ ۾ هرڪو هڪ ٻئي کي سڃاڻي. ٻهرين مهني ڏيڍ ۾ ئي اسان کي ڪئالا سنگائي بارو ڳوٺ ۾ تہ ڇا پر پير واري شهر مسجد تاناح جا بہ دڪاندار، پيٽرول پمپ ۽ هوٽلن وارا، بئنڪ ۽ پوسٽ آفيس وارا، اسپتال، ميوي بازار وارا سڃاڻڻ لڳا. اسان کي هنن تي تعجب لڳندو هو تہ ڪيئن سڃاڻن ٿا ۽ هاڻ اسان کي پنهنجو پاڻ تي اچرج لڳي ٿو تہ انن نون مهنن بعد اسان بہ هڪ هڪ کي ايترو سڃاڻڻ لڳا آهيون جو مسجد تاناح ۽ ڪئالا سنگائي باروءَ ۾ ڪو نئون ماڻهو اچي ٿو تہ اسان کي بہ خبر پئجيو وڃي. ايتري واقفيت تہ شايد پنهنجي ڳوٺ ۾ بہ نہ هجي.

مسجد تاناح جي پوليس اسٽيشن جي سامهون سيڌي جو دڪان "ڪيدائي ڪم چانگ" (Kedai Kam Chong) آهي. ملئي زبان ۾ دڪان کي ڪيدائي چئجي ٿو. يعني ڪم - چانگ چينيءَ جو دڪان. پر وارو دڪان، اسان جي اڪيڊمي جي انگريزي جي ليڪچرر ڏنيش ڪمار بابو لال جي يـاءَ جو آهي. هو هندو گـجراتي آهن. سندن دڪان ۾ فرنيچر، گلم، پلاسٽڪ جا ٿڌا، مصلا ۽ ٽوال چادرون وڪامن. سندس زال، ويجهڙائيءَ ۾ انڊين فلمن جا ڪئسٽ پڻ رکڻ شروع ڪيا آهن. ٻئي پاسي چيني فوٽوگرافر جو دڪان آهي. ڪجهہ ڏينهن کان ان دڪان ۾ وارن ڪاهڻ جو ڪم پڻ شروع ڪيو ويو آهي. رستي تي ئي گاڏي بيهاري هارن ڏبو آهي تہ فوٽوگرافر پاڻ يا سندس زال فوٽن جون لفافو ڪڍي، ڊوڙ پائي ڏيئي ويندي. ڇا جي رسيد ڇا جو ان وقت ئي پئسا ڏيڻ.

"فوٽوگرافيءَ سان گڏ باربر شاپ خير ۾ ڪڍيو اٿئي؟" هڪ ڏينهن مون پڇيومانس.

"اسان ڪونہ ڪڍيو آهي. منهنجي ڀيڻ پينانگ ۾ رهي ٿي ان جي ڌيءَ هن سال گرئجيوئيشن ڪئي ۽ هاڻ هتي حجامڪو ڪم ڪري ٿي."

"ملائيشيا اهڙو ملڪ آهي جتي ٿوري پڙهيل کي بہ نوڪري مليو وڃي پر هِن نوڪريءَ بدران ڏنڌي کي ترجيح ڏني آهي -؟"

”اسان سڀ چيني ڏنڍي ۽ واپار ۾ فائدو ڏسون ٿا.“ فوٽو گرافر وراڻيو.

”پر سڄي ڏينهن ۾ مونکي ته هڪ يا ٻه گراهڪ مس ٿا نظر اچن.“ مون چيومانس.

”ان جو مدار هن جي ڪم تي آهي. سٺي طرح وار ڪٽائيندي ته هڪ ٻدران ٿي سؤ سمجهه.“

”اهو ڪيئن ـ؟“ مون پڇيومانس.

”اهو گراهڪ وري وري پيو ايندو. سال ۾ ڏهه دفعا آيو ته سندس باقي عمر جيڪا وڌيڪ ٽيهه سال به ٿي ته ٽي سؤ دفعا ٿيو.“

”چيني واقعي سياڻا آهيو.“ مون اعتراف ڪيو.

”اسان جي ڄاڻپي جو راز محنت ئي آهي.“ هن وراڻيو.

پوڙهي چيني ڪُم چانگ جي پٽ پيٽر جي شاديءَ جي خبر ٻڌي ميار ڏنيمانس:

”واهه واهه چاچا! پيٽر جي شاديءَ جي اسانکي دعوت به نه ڏنئهءِ؟“

پوڙهي ڪم چانگ پيٽر کي چڙ مان ڏسندي چيو: ”پٽ ڇا ڪريان. نياڻي اسان کي به نه ٻڌايو. نه ته ڪا چڱي پئسي واري زال ڳولي ڏيانس ها.“

پيٽر ڦڪي مرڪ سان ڪيڪارينڊي ساڳو ڇانور (صابو داڻا) ٽوريا.

”اڙي پيٽر! ڪنهن سان شادي ڪئي؟“ مون پڇيومانس.

سامهون گهر جي در وٽ بيٺل ڇوڪريءَ ڏي اشارو ڪندي چيائين: ”انهيءَ سان.“

”اها ته هتي جي ئي آهي. پهرين به توسان ڏٺل آهي. شايد گذريل سال اڪيڊمي جي ڪنهن فنڪشن ۾.“

”ها. منهنجي هن سان، ان وقت ڪان اڻيئر پئي هلي.“

پيٽر ته وري به ٽيو مرد ماڻهو ۽ چيني. گوشت مارڪيٽ جي سامهون، ڪئسٽن جي دڪان واري ملئي ڇوڪري ـ جميلا بنت حاجي

صالح کان پڇيم: ”بيلا اواڪ برڪهوان؟“ - ڪڏهن تي شادي ڪرين؟ تہ ٺهہ پهہ وراڻيائين: ”هن سال جي آخر ڌاري.“ چڻ ڪا ڳالهہ ئي نہ هجي. ڇا جو شرمائڻ ڇا جو دل ۾ ڪرڻ. ڇڻ سڀ پاڻ ۾ مت مائٽ هجون - هتي جا ملئي، چيني، انڊين ۽ ڌارين ملڪن ڪان آيل اسين. مٿيون سوال پڇي پهرين گهبرائجي ضرور ويس تہ دڪاندار ڇوڪري ڇا چوندي تہ ڪالهہ جو گراهڪ - سو بہ بيڪار قسم جو، اجايو فري پيو ٿئي. ’بيڪار قسم جو‘ ان ڪري جو فقط آئون ئي هڪ آهيان جيڪو صالحان کان ڪئسٽ خريد ڪرڻ بدران مسواڙ تي وٺندو آهيان. پهرين ڏينهن ئي صالحان کي چيم تہ ملئي گانا اجان سمجهہ ۾ نٿا اچن. چار ڊالر (ٽيهہ رپيا) کن ڏيئي ڪئسٽ خريد ڪرڻ بدران مونکي هڪ ڊالر مسواڙ تي، ٻن ٽن ڏينهن لاءِ ڏيندي ڪر، تہ ان مان پسند جا گانا پنهنجي ڪئسٽ تي ٽيپ ڪري توکي تنهنجو ڪئسٽ موٽائي ڏيانءِ.

اهو ٻڌي ڪيس تعجب بہ لڳو تہ کل بہ آئي. پر پوءِ راضي ٿي هائوڪار ڪئي هئائين. ڪيس انگريزي بہ سٺي آئي ٿي. سهڻي بہ هئي. ملئي ڇوڪريون بين الاقوامي معيار کان سهڻيون نہ آهن. پر هيءَ غريب ڳوٺائي مڙيئي اتي جهڙي پائوڊر جا ٽيپ ٿڦي پنهنجي پر ۾ ڪلوپيٽرا ۽ مونالزا ٿي دڪان تي آئي ٿي. گهٽو اڳتي هلي (شاديءَ کان ڪجهہ ڏينهن پهرين) هڪ ڏينهن مون کان Fair Opinion ورتو هئائين تہ مڙس کي ڪيئن لڳنديس.

پاڻ ڪڏهن ڪڏهن ڪاري رنگ جو چشمو پڻ پائيندي هئي. زور پرڻ تي نيٺ چيومانس ڪچو پائوڊر پلي هڻ باقي اهو مائيڪل جئڪسن اسٽائيل چشمو هٽڻ سان پولي ٿيو پوين.

مسجد تاناح ۾ بيا بہ ڪيترائي دڪان آهن جن سان پڻ چڻ تہ پرائي ياري دوستي يا مٽي مائٽي هجي. هڪ مصري عرب مهاندو ڪڪڙين وارو آهي. جيڪو سڄو سال مهنگي اگهہ تي اسان کي ڪڪڙيون وڪڻي پوءِ مهني کن لاءِ دنيا جي ٻن ٽن ملڪن جو سير ڪري ايندو آهي. ڪڏهن تائيوان، هانگ ڪانگ، ٿائلنڊ تہ ڪڏهن

دبئي، دوحا، مصر. هن سال يورپ جا ٻہ چار ملڪ گهمي، چار پنج هزار ڊالر وڃائي موٽيو آهي. حج بہ ڪري آيو آهي. مون کان پڇيائين تہ مون حج ڪيو آهي. چيومانس: ”دعا ڪر تہ آئون بہ پلي پٽ تان تي اچان.“

”ها - ضرور.“ هن وراڻيو ۽ پوءِ ڪئبل ڪڪڙ ڪي ڪوسي پاڻيءَ مان ٻوڙي ڪنين لاهڻ واري مشين ۾ وجهي چوڻ لڳو: "It is a nice place" چڻ پاڻ حج ڪرڻ ۽ عبادت لاءِ نہ، پر عمارتون ڏسڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ ويو هو.

چيومانس: ”ائڪتر! ملاڪا ۽ پر وارن ٻين شهرن ۾ ڪڪڙيون سادي ٽين ڊالرين ڪلو ملن ۽ تون هتي ڇئن ۾ تو ڏين. اهو ڇو-؟“

ائڪتر جو خطاب ٻڌي ائين تڙي پوندو آهي جيئن ساندو گاهہ تي ۽ پوءِ پنهنجي ساندي جهڙي منهن ڪي ساندي جيان سيٽي اندين ائڪتر راجيش کنا جو ڪو فلمي ڊائلاگ اڌ هندي اڌ ملئي زبان ۾ فرمائيندو آهي پر اگهہ گهٽ ڪرڻ کان آڱوٺو- اسان وارو. (سندس آڱوٺو گهٽو اڳ بي خياليءَ ۾، ڪڪڙ جو نڙگهٽ ڪپيندي وڍجي ويو هو.)

# موت ۽ نئين ڪٽ بسترو

هڪ چيني فرنيچر واري جي دڪان تي ويٺو هوس. ڳالهين ڪندي هڪ ملئي همراهه جو پڇيومانس:

”عبدالجبار بن موسيٰ جو ڪهڙو حال آهي؟“

”خبر ناهي. هفتي ڏيڍ کان نظر نه پيو اچي.“چيني دڪاندار ٻڌايو.

”مون ٻڌو آهي ته سندس ٻيءُ بيمار آهي.“ مون چيو.

”اڄ صبح جو سندس گهر جا ڀاتي مون کان نئون پلنگ ۽ هنڌ وٺي ويا. لڳي ٿو ته مرڻ وارو آهي.“ دڪاندار چيو.

چيني دڪاندار جي اها ڳالهه ٻڌي مون کي تعجب لڳو ته موت ۽ نئين ڪٽ بستري جو ڪهڙو لاڳاپو آهي. ان وقت، دڪان تي ڪجهه ٻيا همراهه به ويٺا هئا ان ڪري ان بابت وڌيڪ پڇي نه سگهيس. پر جيئن ئي چيني دڪاندار اڪيلو ٿيو ته ڪانئس اها ڳجهارت پڇيم.

”ملئي جڏهن شادي ڪندو آهي ته هڪ ته ان وقت نئون هنڌ بسترو وٺندو آهي“، دڪاندار ٻڌايو، ”۽ ٻيو مرڻ وقت. جيئن آيو ويو ڏسي سگهي ته مري ويل جو اولاد صالح آهي ۽ گهر جي وڏي کي سٺي نموني سان رکيو ويو.“

بهرحال امير ملئي ته جنهن وقت چاهين هڪ کان هڪ اوچي ۽ نئي شيءِ وٺي سگهن ٿا. هي غريب ڳوٺائن جي ڳالهه آهي جيڪي ويچارا قرض کڻي به اهڙي موقعي تي رسم رواج کي منهن ڏين ٿا. جيئن مرڻ وقت آيل ڪانڌي پراڻو بسترو ڏسي گهر جي ڀاتين کي نه ٽوڪين. ٻيو ڪو مائٽ مٽ چوي يا نه پر چيني ۽ اندين دڪاندار ـ جيڪي واپاري

ذھنيت جا آھن، اھي ھتي غريب ملئي ماڻھن کي چتو ڪن ٿا ۽ موقعي ملڻ تي سندس اولاد کي ٽوڪون ھڻن ٿا تہ شاباس ھجانوَ، پيءُ کي آخري ڏينھن ۾ بہ ڪنھن سني ھنڌ تي سمھڻ نہ ڏناوَ. پئسو ڏوڪڙ نہ ھئاوَ تہ اوڌر تي ئي کڻي اسان کان نئون ھنڌ بسترو وٺو ھا.

۽ پوءِ اھڙيون ٽوڪون، ھتي جا ملئي ماڻھو برداشت ڪريو نٿا سگھن، جيڪي طبيعت ۾ حساس ۽ لڄارا آھن. بلڪ سندن ان سادي طبيعت مان ملائيشيا جو دڪاندار طبقو فائدو وٺي ٿو.

ڪو ملئي موٽر سائيڪل وٺندو تہ چيني دڪاندار ۽ مستري ورائي ويندس تہ سائين وٺو تہ ڪا ڪار وٺو پوءِ سيڪنڊ ھئنڊ ئي سھي. توھان جھڙو مڙس ملوڪ ڪو موٽر سائيڪل تي موچارو لڳي ٿو؟

ٻڌي ٻڌي نيٺ ملئي ويچارو، قرض کڻي، سيڪنڊ ھئنڊ ڪار انھن دڪاندار چينين کان وٺندو. اجان مھنو ھہ بہ مس ھلائيندو تہ نئين ڪارن جا دڪاندار ڪڍ لڳندس:

”سائين جڏھن قرض کڻي ڪار ورتي اٿانوَ تہ پوءِ ھہ چار وڌيڪ ڏوڪڙ قرض کڻي نئين ڪار چو نٿا وٺو. جتي پراڻي ڪار جو قرض لھي ويندو اتي نئينءَ جو بہ. پر ماڻھو ھلائي تہ ڪا شانائتي ڪار ھلائي.“

# مٺل جو اڳونو رڪڻ

ٻي وڏي لڙائيءَ ۾ ملايا تي جپانين جي حملي دوران انگريزن جي فوج ۾ ملئي ۽ چينين کان علاوه ننڍي کنڊ جا ڪيترائي پنجابي مسلمان، سک، گورکا ۽ تامل پڻ هئا. تن ڏينهن ۾ گڏيل هندستان ـ (پاڪستان اجان نہ ٿيو هو)، سلون، برما، سنگاپور، ملايا، بورنيو وغيره تي انگريزن جو راڄ هو. هنن کي جنهن ملڪ مان ٻہ ماڻهن جي ضرورت پوندي هئي تہ ان مان وٺي ايندا هئا. جو اهي مڙيئي ملڪ سندن ڪالونيون (بينڪون) هيون. سنگاپور ۽ ملايا ۾ فوج جي ضرورت پيئي تي تہ پنجاب ۽ سرحد جا ماڻهو گهرائي ورتائون ٿي. پوڪ ۽ ريل جي ڪم لاءِ ملئي ماڻهن جي کوٽ ٿي ٿي تہ انڊيا جي ويجهي صوبي تامل نادو ۽ ڪيرالا جا ماڻهو گهرائي ورتائون ٿي. اهي ماڻهو انگريزن جي هڪڙي ملڪ کان ٻئي ملڪ ڏي، بنا ويزا پاسپورٽ آيا ويا ٿي. رٽائرڊ ٿيڻ بعد انهن جي مرضيءَ تي ڇڏيل هو تہ ملايا ۾ ئي رهن يا پنهنجي وطن لاهور، امرتسر، مدراس هليا وڃن.

ڏکڻ هندستان جا تہ ڪيترائي ملايا ۾ ئي رهي پيا ۽ اڄ تائين سندن اولاد رهندو اچي. جيڪي موٽي ويا انهن جو بہ هزارن ۾ تعداد آهي. ٻي جنگ کان پوءِ آهستي آهستي انگريزن جي قبضي ۾ آيل ملڪن کي آزادي ملڻ شروع ٿي. پاڪستان، هندستان، سريلنڪا، برما وغيره وغيره، ۽ پوءِ ملايا بہ آزاد ٿيو. ڪجهہ سالن بعد سنگاپور ڀيٽ، ملايا کان ڌار ٿي آزاد ملڪ ٿيو ۽ ملايا سان بورنيو ٻيٽ جون ٻہ رياستون: صباح ۽ سراواڪ ملي نئون ملڪ 'ملائيشيا' ٺاهيو. انگريز هليا ويا. ملڪن جون جاگرافي حدون نيون ٿي ويون. پر انگريزن جي ڏينهن جي رٽائرڊ ٿيل ماڻهن کي، انگريز ڏوڙ وانگر، نوان ملڪ، پينشن جا پئسا گهر تائين

پهچائيندا رهيا ـ ملائيشيا ۾ رهندڙن کي ملائيشيا ۾ ۽ جيڪي انڊيا هليا ويا هئا انهن کي انڊيا، سندن ڳوٺن ۾.

هر سال، ملائيشيا گورنمنٽ جا لکين ڊالر انهن رٽائرڊ آفيسرن ڏي اڄ به انڊيا وڃن ٿا ۽ اصولي طرح جيسين هو جيئرا آهن کين پينشن ملڻ کپي.

ڪيترن ملئي دوستن اهو ٻڌايو ته اهي ماڻهو مري وڃڻ کان پوءِ به سندن وارث، ان جو اطلاع نٿا ڪن ۽ پينشن جا پئسا وٺندا رهن ٿا.

”اهو ڀلا ڪيئن؟“ مون پڇيومان.

”مري ويل جي صحيح پڇائي ڇڏي اٿن ۽ جيئن ئي پينشن جو مني آرڊر پهچي ٿو ته مئل جي هوبهو صحيح ڪئي وڃي ٿي. پر ان زماني جا ڪيترا تامل سپاهي ۽ ريلوي جا ورڪر اڻ پڙهيل هئا. جيڪي صحيح بدران آڱوٺو هڻندا هئا.“

”پوءِ ڀلا انهن جي پاران هاڻ آڱوٺو ڪير هڻي؟“ مون تعجب مان پڇيو. ڇو جو هر ماڻهوءَ جي هٿ جا ليڪا ٻئي کان جدا ٿين ٿا.

”سندن اولاد (وارثن) مري ويل جو آڱوٺو ڪپي رکيو آهي. ٽپالي جيئن ئي مني آرڊر آڻي ٿو ته اهو ڪپيل آڱوٺو هڻي پئسا اوڳاڙين ٿا. ٽپاليءَ جو وات بند رکڻ لاءِ هر مهيني هن کي به ڏهه پندرهن رپيا مليو وڃن.“

# HELLO! FRIEND! CHANGE MONEY?

هن پاسي، يعني ملائيشيا، سنگاپور، انڊونيشيا پاسي، اچڻ سان هڪ قوم سان واسطو پوي ٿو جنهن کي توهان وياج خور، پئسي جا واپاري، اوڌر ڏيندڙ، ناڻو مَٽي ڏيندڙ يا Money Changer چئي سگهو ٿا. ان ۾ گهڻي ڀاڱي تامل نظر ايندا. تامل اهي ماڻهو آهن جن جو واسطو هندستان جي ڏاکڻي صوبي تامل ناڊو سان آهي. تامل گهڻو ڪري شڪل جا ڪارا ۽ رنگ جا ڪارا ٿين ٿا (منجهن ڪي سري ديويون ۽ ريکائون به ٿين ٿيون). تامل هندو به ٿين ته مسلمان به، ته عيسائي به. سندن مادري زبان تامل آهي جيڪا هندستان جي مشهور زبانن مان هڪ آهي. اڄي ڌوتيءَ ۾، هڪ هٿ ۾ وڏي ڏوپ چٽي، ٻئي ۾ مختلف ملڪن جي نوٽن جي ٿبي جهلي، سنگاپور جي چينج ايلي (جتان جهازين جو لنگهه ٿئي ٿو)، Cecil Street، عرب اسٽريٽ ۽ سرنگون روڊن تي، ڪوالالمپور جي جالان پتالنگ جايا (گهٽيءَ) ۾، ۽ پينانگ جي عام رستن جي ڪنڊن تي بيٺل نظر ايندا. پاسي کان لنگهندڙ ٽوئرسٽ ڏي نوٽن وارو هٿ وڌائي پڇندا: "Hello! Freind! Change Money?" پئسو مٽائڻو اٿانوَ؟

ظاهر آهي ڌارئين ملڪ کان آيل ماڻهو پهرين پئسا مٽائڻ جو ڪم ڪري ٿو جيئن پرائي ملڪ ۾ پنهنجو خرچ پکو هلائي سگهي. بئنڪون ڪڏهن بند آهن ڪڏهن کليل. بئنڪن تي وڃي فارم ڀري، پاسپورٽ ڏيکاري پئسا مٽائڻ جي ڪٽراڳ کان هنن کان پئسا مٽائڻ سولو ڪم ٿئي ٿو ۽ دنيا جا ڪيترا ملڪ آهن جن جو ناڻو بئنڪون نٿيون وٺن پر مني - چئنجرن کي اهو فخر آهي ته هو افغاني (افغانستان جي سڪي) کان زلوٽي (پولنڊ جو سڪو)، وقت تي پئدا ڪري ڏين ٿا. ان کان علاوه هنن جو اگهه بئنڪن کان به سنو رهي ٿو. مثال طور اڄڪلهه سنگاپوري

بئنڪن تي چوڏهن سؤ رپيا ڏيڻ تي سنگاپوري هڪ سؤ ڊالر ملن ٿا. پر هي ناڻو مٽي ڏيندڙ هلندڙ چلندڙ بئنڪون تيرهن سؤ رپين ۾ هڪ سؤ ڊالر ڏيندا. يعني نفعو ٿورو رکي گراهڪ جيتين ٿا. اهڙي طرح هنن جو سالن کان ناڻي جي مٽاسٽا جو ڌنڌو هلندو رهي ٿو. ڪوشش ڪري هي ڪنهن کي دوکو به نٿا ڏين. ”چو جو اسان جو سڄو ڪم ساک تي هلي ٿو. ان معاملي ۾ اسان جا پنهنجا اخلاقي قانون نهيل آهن ته گراهڪ کان ڪوڙو نوٽ نه ونجي نه ڏجي. چو جو هڪڙي گراهڪ کي ڦرڻ سان سوين گراهڪ بد دل ٿيو وڃن“، سنگاپور جي هڪ مني چئنجر ٻڌايو. پر ڪڏهن ڪڏهن دوکي بازي به ٿيو وڃي. ان ڪري پرديس ۾ هميشه سوچي سمجهي ناڻو مٽائجي ۽ ڏسي وائسي نوٽ ونجن ۽ ڳڻجن.

حاصل ڪرڻ ۾ سڀ کان ڏکيو ناڻو نيوزيلئنڊ جو ڊالر، ڪوريا جو وان، ناروي، ڊئنمارڪ ۽ سئيڊن جا ڪرونا ۽ يوناني ڊراڪما آهي ۽ ٿورو گهٽ ڏکيو تائيوان جو ڊالر ۽ اٽليءَ جو ليرا آهن. ٻي پاسي انگلنڊ جو پائونڊ اسٽرلنگ ۽ جرمنيءَ جو مارڪ سڀ ۾ آسانيءَ سان ملي ٿو. هونءَ مني چئنجر قوم اهڙي آهي جن جي پاڻ ۾ چڱي ٻڌي ۽ پيائپي آهي. هڪ وٽ ڪنهن ملڪ جو ناڻو نه هوندو، يا گهٽ هوندو ته هو ٻئي کان وٺي به گراهڪ جي ضرورت پوري ڪندو. ڪجهه ملڪ اهڙا آهن جن جو سڪو قيمتي هوندي به مني چئنجر پاڻ وٽ نٽا رکن. ”ان ڪري جو ان ملڪ جي ناڻي جي ڊمانڊ بلڪل نٿي رهي. جيئن ته سائوٿ آفريڪا جو رئنڊ. ڪڏهن ڪڏهن ڪو پليل پتڪيل مسافر ان ملڪ جي نوٽن لاءِ اچيو نڪري نه ته الا الا خير سلا.“ سنگاپور جي پاڪستاني اسٽريٽ ۾ رهندڙ هڪ بنگالي دڪاندار ٻڌايو، ”اهڙن ملڪن جي نوٽن تي فائدو وڏو آهي پر خبر ناهي ڪڏهن ان لاءِ گراهڪ اچي ۽ گهڻو وقت ساڳيو ناڻو سيڙائڻ ۾ نقصان هڪ طرف آهي ته ٻي طرف ان ناڻي جو اگهه به ڪِري سگهي ٿو.“

هن پاسي، ڪنهن زماني ۾ ناڻي جي مٽاسٽا ۽ ناڻي کي وياج تي ڏيندڙ چيتيار (Chettiars) ايترا ته هئا جو ڪوالالمپور جي رڳو ائمپنگ

گهٽي (Lebuh-Ampong) ۾ هڪ سؤ کان مٿي چيتيار رهيا ٿي ۽ اها گهٽي سڏبي ئي چيتيار اسٽريٽ هئي. پر هاڻي ٻنهي گهٽين ويا آهن ۽ گهٽبا وڃن.

تاملن کان علاوه سک، سنڌي هندو ۽ هاڻ چيني به ناڻي جي متاسٽا ڪن ٿا. رستي تي بيهي پئسا بدلائڻ بدران، ان ڪم لاءِ، گذريل ويهن سالن ۾ ڪيترائي دڪان ۽ پيڊيون نهي پيون آهن جن تي چاڪليٽ، بسڪيٽ، سگريٽ، چيغمن سان گڏ غير ملڪي ناڻو بدلائي ڏيڻ جو ڪم پڻ هلي ٿو. پاڪستان ۾ غير ملڪي ناڻي (Foreign Exchange) جي اٿڻ ۽ ڪٽي وڃڻ تان پابندي هٽڻ ڪري هاڻ ڪراچيءَ جي بولٽن مارڪيٽ ۾ ناڻو مٽي ڏيڻ جا پڻ واپاري پئدا ٿي رهيا آهن. اهو ڪم ڪراچيءَ ۾ گهڻو ڪري ميمڻ گجراتي ڪن ٿا. بهرحال سنگاپور ملائيشيا پاسي، ان ڌنڌي تي صديءَ جي شروعات کان تاملن جو قبضو آهي ۽ پئسي جي انهن واپارين کي هتي جا چيني، ملئي، انڊونيشي ۽ ٻيا ماڻهو چيتيئر (Chettiar) سڏين ٿا. جيڪو شايد تامل لفظ آهي.

اهي چيتيئر رڳو ناڻي جي متاسٽا وارو ڌنڌو نه ڪن پر ناڻي جا ٻيا به ڪيترائي ڌنڌا ڪن. جيئن ته وياج تي پئسا ڏيڻ، انعامي بانڊ وٺي انهن جا نمبر وڪڻڻ وغيره. هنن جي دڪان تي جنهن خاص وکر جي خريداري ۽ وڪري جو ڪم ٿئي ٿو، اهو ’ناڻو‘ آهي. هنن دڪانن تي فقط هڪ ٽيليفون نظر ايندو، ٻي تجوڙي ۽ ٽين ڪاٺ جي ڊيسڪ. اوڌر وٺڻ واري کان چيتيئر پني تي صحيح وٺي، پوءِ تجوڙيءَ مان نوٽ ڪڍي ڏيندو آهي. پهرين مهيني جو وياج ان وقت ئي وٺندو اٿس. پوءِ ڊيسڪ جو ڍڪ کولي، صحيح ٿيل ڪاغذ ان ۾ رکندو آهي. هيءَ ڊيسڪ به هڪ خاص ڪاٺ ۽ ڊيزائن جي ٿئي جيڪا چيتيئر گهڻو ڪري هندستان مان ٺهرائيندا آهن. ان ٽنگن بنا، قد ۾ ٻندري، ڊيسڪ جي پويان هو پٽر ماري وهندا آهن.

ملائيشيا توڙي سنگاپور ۾، ان ڌنڌي ۾، تاملن بعد ٻيو نمبر گجراتين ۽ سکن جو اچي ٿو. ائين ته سنڌي هندو به ڪنهن زماني ۾ ان

ڏنڌي ۾ گهڻو Active هئا. بلڪ هي ڏنڌو جيڪو اڄڪلهہ ماڊرن زماني ۾ ’بئنڪنگ ۽ فنائنس‘ جي نالي سان سڏجي ٿو، ان ۾ سنڌي هندن جو وڏو ۽ اهم حصو آهي ـ خاص ڪري شڪارپورين جو، جن هنڊي سسٽم (اڄ ڪلهہ جي Pay-oder ۽ ڊرافٽ) ڪان وٺي اوور ڊرافٽ، گروي رکڻ جا اصول ۽ بيا ڏيتي ليتيءَ جا ڪيترائي طريقا ۽ قاعدا قانون ايجاد ڪيا. پر هاڻ هن پاسي (ڏور اوير جي ملڪن ۾) رهندڙ سنڌي هندو سڀ ۾ امير ليکيا وڃن ٿا. هو اهڙن ننڍن ۽ ڪتراڳن وارن ڌنڌن بدران وڏا واپار، هول سيل، شپنگ، انڊسٽري ۽ زمينن ۽ جاين جڳهين جا سودا Real - Estate ۾ وڌيڪ جنبي ويا آهن ۽ بين الاقوامي مشهوريءَ جا مالڪ سڏجن ٿا. موٽوائي، تان سري ڪشو، پوڄوائي، سيتل، موهن، هري ليلا، چوٽرمل، واسوائي وغيره وغيره ملائيشيا، سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ جا فقط چند نالا آهن. بهرحال اڄڪلهہ سنڌي واپاري ناٽي جي ڏيتي ليتيءَ ۾ ايترو ناهي جيترو تامل، گجراتي يا سک آهي.

ملاڪا، جتي آئون رهان ٿو، ان جي پر واري ڳوٺ ۾ هڪ پنجونجاهہ سٺ ڪن سالن جو هڪ گجراتي دڪاندار رهي ٿو. سندس گهر ۽ دڪان گڏ آهي. دڪان ۾ وڪڻڻ لاءِ ڪجهہ نہ اٿس سواءِ ٿوري گهڻي اسٽيشنريءَ جي. ڪڏهن صبح جو سوير دڪان کوليندو ڪڏهن ڏهين يارهين، ڪڏهن تہ منجهند ڪان پوءِ. ڪچهريءَ جو شوقين مڙس آهي. هڪ ڏينهن پڇيومانس: ”دڪان ۾ وڪڻڻ لاءِ تہ ڪابہ اهڙي اهم شيءِ ناهي پوءِ ڪيئن ٿو ڪمائين؟

وراڻيائين: ”اهو دڪان تہ فقط نموني خاطر ۽ وقت گذارڻ لاءِ آهي. اصل ڌنڌو ناٽي جو اٿم. منهنجا هڪ لک ڪن ڊالر، مختلف ماڻهن وٽ وياج تي ڦرندا رهن ٿا. هڪ سؤ ڊالرن تي مهيني ۾ پنج ڊالر وياج وٺندو آهيان. ڪيترائي ضرورتمند مهني بن لاءِ وٺي ويندا آهن. مڙيئي هڪ لک ڊالرن تي سال ۾ پنجاهہ سٺ هزار رپيا مليو وڃن.“

”پوءِ پلا ماڻهو اوڌر وٺي واپس ڪن؟“ مون ڪانئس پڇيو.

”ها، پر ڪي ڪي ڦبائي بہ ويندا آهن. هي ڪم گهڻي پاڳي

ساک تي هلي ٿو. جيڪي ماڻهو نوان يا اوپرا اچن ٿا، يا اهي ماڻهو جيڪي وهنوار جا سٺا نہ آهن، انهن کي بنا ڪنهن شيءِ گروي رکڻ جي پئسو نہ ڏيندا آهيون. ڪونہ ڪو سونو ڳهہ يا ريڊيو ٽي وي گرويءَ طور رکي پوءِ کين پيسا ڏيندا آهيون ۽ پوءِ مقرر وقت اندر پئسو نہ ڏيڻ تي سندن اها شيءِ وڪڻي اوڌر پوري ڪندا آهيون."

"پوءِ هو دانهن فرياد نہ ڪن؟" پڇيومانس.

"نہ. ان ڪري جو پوءِ هو ان کي پنهنجي بيعزتي سمجهن ٿا. مثال طور دوست يارن، مٽن مائٽن تي لئہ رکڻ لاءِ ڪو ملئي ڪجهہ قرض کڻي ٿو. قرض نہ ڏيڻ تي سندس گروي ٿيل شيءِ ضبط ڪرڻ تي جي هو ڪجهہ ڪڇندو تہ هرڪو چوندو تہ صفا ڪو ڪنل هئين. اهو ٽوڪ طعنو هتي جو حساس ملئي برداشت نٿو ڪري سگهي. نتيجي طور هو چپ ٿي رهي ٿو."

هونءَ هند سنڌ ۾ هتي ملائيشيا سنگاپور ۾، هنن وياج تي رقم ڏيندڙن جون ڪيتريون ئي ظلم واريون ڳالهيون پڻ عام آهن تہ ڪيئن هو اڻ پڙهيل ۽ اڻڄاڻ عورتن کي بنا سمجهائڻ جي قرض ڏيئي سندن سمورو مال ملڪيت هڙپ ڪن ٿا. هنن غريب بيواهن جي مجبوريءَ جو فائدو وٺن ٿا جيڪي اولاد جي دوا درمل يا ڪنهن بي ضرورت لاءِ سؤ سوا جيتري معمولي رقم وٺن ٿيون پر ڳرن وياجن ڪري اها رقم هزارن ۾ تبديل ٿيو وڃي ۽ کين الهہ تلهہ ڏيئي جان ڇڏائڻي پوي ٿي.

"يلا پنج سيڪڙو مهني تي معنيٰ سٺ سيڪڙو سال جو ٿيو. جيڪو بئنڪن کان تمام گهٽو وياج ٿيو جيڪي فقط پندرهن سيڪڙو مس ٿيون وٺن" مٿئين دڪاندار کان مون پڇيو.

"ان ڪري جو ڪيترا دفعا اسان جو مور بہ نٿو موٽي ۽ اوڌر وٺڻ وارو ڀڄيو وڃي. هونءَ ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ بئنڪن ڪري اسان جي ڌنڌي کي وڏو ڌڪ رسيو آهي. پر ان هوندي بہ ماڻهن کي اسان کان قرض وٺڻ ۾ سهوليت ٿئي ٿي. بئنڪ تان قرض وٺڻ لاءِ ڪاغذي ڪاروائي، شاهدن جو هجڻ ۽ ٻيو گهڻو ڪٽراڳ آهي. اسان وٽان کين چپ

چاپ آڌيءَ مانجهيءَ مليو وڃي."

وياج تي پئسا ڏيندڙ ملاڪا جي هڪ سک ٻڌايو:

"هاڻ مون اهو ڌنڌو گهٽائي ڇڏيو آهي. اولاد کي ٻه ان ڌنڌي جي سکيا ڏيڻ بدران ڊاڪٽر انجنيئر ٿيڻ لاءِ اعليٰ تعليم ڏياري رهيو آهيان. پر جيسين هو وڃي روزگار کي لڳن تيسين مهني ۾ فقط ٽن چئن همراهن کي قرض ڏيان ٿو، جيڪي پراڻا گراهڪ ۽ سڃاتا آهن."

"ان جو ڪهڙو سبب آهي؟" مون پڇيومانس.

"اهوئي آهي جو اڄڪلهه اهو Charm نه رهيو آهي. اڄ کان ٽيهه چاليهه سال اڳ جڏهن مون هي اباڻو ڌنڌو شروع ڪيو هو ته ان وقت آمدرفت جا سٺا طريقا ۽ رستا نه هجڻ ڪري، ڪو پير واري ٻوٽ ۾ به ورلي ويندو هو، هاڻ جتي ڪٿي پڪا رستا ۽ تکيون ڪارون، لاريون ۽ هوائي جهاز ٿيڻ ڪري صبح جو قرض کڻندڙ منجهند تائين سنگاپور ۽ شام تائين ٿائلنڊ جي ڪنهن ڏورانهن ٻوٽ کان وڃيو نڪري. هاڻ ان لاءِ ڪنهن وٽ دانهون ڪوڪاريون يا ملائيشيا جي ڪهڙي پوليس يا قاضي ان کي جهلي ڪيس هلائيندو."

هن وڌيڪ ٻڌايو: "اڄڪلهه قرض واپس وٺڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. دڪان تي ويهي گراهڪن جو انتظار ۽ انهن سان مٿي ڪُٽَ ڪجي يا ڪلهي تي بوچڻ رکي قرضين جي لڪي وڃڻ جون جايون ٻولجن ۽ ڪاٺڻ وياج سميت مور وصول ڪجي؟"

هن مضمون جي تياريءَ لاءِ پينانگ جي هڪ تامل چيٽيار سان پڻ ان بابت گفتگو ٿي. هُن ٻڌايو:

"ناٽو اوٽر تي ڏيڻ وڏو جوکي جو ڪم آهي، خاص ڪري جيترو گهٽو اوترو وڌيڪ ڊپ ته متان اوٽر وٺندڙ ڪائي نه وڃي. هونءَ وڏي اوڌر لاءِ اسين ڪانه ڪا شيءِ گروي ضرور رکون ٿا ـ خاص ڪري ڳهه ڳٺو. پر ڪيترا ضرورتمند اهڙا آهن جن وٽ گروي رکڻ لاءِ ڪجهه به نه آهي. هو سگهي پگهار يا سال تي زمين مان لهندڙ فصل تي پاڙين ٿا. هاڻ انهن کي ڪهڙو زور زبردستي ڪجي ته قرض کڻڻ کان اڳ ڪجهه گرويءَ طور

رکي وجو جيئن مور ۽ وياج نہ پرڻ تي، ۽ مقرر مدو پورو ٿي وڃڻ تي اهو مال پنهنجو ڪيو وڃي.

"And so Begins the vicious cycle- No collateral, No loan; No loan, No customer, No customer, No business."

ملاڪا ۾ هڪ ٻئي گجراتيءَ جو ڪپڙي جو دڪان آهي. هو صبح جو سوير دڪان کوليندو آهي ۽ صبح ساڻ گاڏي تي ڀاڄي ۽ فروٽ وڪڻڻ وارا غريب ملئي توڙي چيني هن جي دڪان وٽ اچي پوءِ ڀاڄي مارڪيٽ ويندا آهن. "هر هڪ ضرورت موجب مون کان سؤ يا ٻہ سؤ ڊالر وٺي پوءِ سڄو ڏينهن پنهنجي ڀاڄي پتي وڪڻي شام جو اڌارو ورتل سؤ تي هڪ ڊالر وڌيڪ رکي واپس ڪندو آهي." دڪاندار ٻڌايو. پر ۾ وينل تامل دڪاندار کلي چيو: "هي گجراتي اسان جا بہ چاچا آهن. اسان مهني ۾ سؤ تي فائدو وٺون چار يا پنج ڊالر، هي گجراتي روزانو سؤ تي هڪ ڊالر - يعني مهني ۾ ٽيا ٽيهہ ڊالر. سال ۾ وڃي ٽيا ٽي سؤ پنجهٺ ڊالر. سال اندر ئي هن جو لک ٽيڻو چوڻو ٿيو وڃي ۽ جاهل ڀاڄين وارا اهوئي چوندا وتن تہ هي سستي اگهہ تي اوڌر ڏئي ٿو."

مٿي ڪٿي ڪٿي 'وياج' جو لفظ استعمال ڪيو اٿم. پر هتي ان کي ڪي وياج سمجهن ۽ سڏين ٿا، ڪي ان کي فائدو، يا حصو، يا ڪميشن جو نالو ڏين ٿا. ان بابت مٿئين گجراتيءَ هي نقطو ٻڌايو:

"هڪ ماڻهو گهران هٿين خالي فقط گاڏو ڪٽي نڪري ٿو. آئون ان کي سؤ رپئي جي ڀاڄي وٺي ڪيس وڪڻڻ لاءِ ڏيان ٿو ۽ هو ويهہ پنجويهہ رپيا ڪمائي ٿو. ڇا منهنجو ان ۾ هڪ رپيو بہ حق ناهي -؟"

"۽ جي نقصان پئجي وڃيس -؟" مون پڇيومانس.

"اهڙي ڏنڌي ۾ نقصان ورلي ڪو پوي ٿو. نہ تہ هرڪو سوچي سمجهي جيتري جو مال وٺي ٿو ان کان مهنگي اگهہ تي وڪڻي ٿو ۽ سؤ تي هو ويهہ پنجويهہ ڊالر ضرور ڪمائي ٿو ۽ ان فائدي ۾ اسان کي جيڪو هڪ ڊالر ملي ٿو اهو هڪ معمولي حصو آهي. ڇا اسان کي اهو بہ وٺڻ جو حق ناهي؟ اها ٻي ڳالهہ آهي تہ سؤ ڊالرن جي ڀاڄي ڏيڻ بدران

هن کي سؤ ڊالر ڪئش ڏيون تا تہ پنهنجي مرضيءَ جي ڀاڄي يا فروٽ خريد ڪري وڪٽي. هاڻ ان کي توهان وياج ڪيئن چئي سگهو ٿا؟"

ملائيشيا توڙي سنگاپور ۾ رهندڙ چيني، واپار وڙي ۾ توڙي بچت ۾ سڀ کان تکا آهن. هو نہ گهٽي رسم و رواج جي چڪر ۾ پئون نکي اجايا خرچ ڪن. رڳو بچت ئي بچت ڪن. ملئي ويچارا سادي طبيعت جا آهن. پئسي ڏوڪڙ ۾ پڻ غريب. وري جيڪو پئسو هٿ ايندن، ان کي بچائي ۽ بچت کي واپار ۾ لڳائڻ (Investment) ڪرڻ بدران جهٽ پٽ خرچي، هٿين خالي تي ويهي رهندا. (اها بي ڳالهہ آهي تہ ملئي ماڻهن کي صبر ۽ شڪر جهجهو آهي. ان ڪري اڻ هوند ۾ بہ خوش رهن ٿا.) مثال مشهور آهي تہ وڏي شهر جي رونق ۽ سامانن سان ڀريل دڪان ڏسي ملئي ٻار توڙي وڏو اهوئي سوچيندو ۽ خواهش ڪندو تہ هي بہ وٺان هو بہ وٺان. يعني پئسو خرچ ڪندو. پر ان جاءِ تي چيني اهڙو حال ڏسي ڪجهہ وڪڻ جي سوچيندو جيئن پئسو ڪمائي سگهي. ملئيءَ کي ڪا ٿوري خوشي نصيب ٿيندي تہ ڪپڙن ۾ نہ پيو ماپندو. چئبس ادا مٺائي ڪاراءِ، تہ ماني هلي ڪارائيندو. مڱڻو ٿئيس يا شادي، پٽ ڄميس يا اهو پنڌ ڪرڻ سکي يا اسڪول وڃي، يا پاڻ ڪا پڳل سڳل سائيڪل يا ڪار وٺي. چئبس: "واهہ سائين واهہ! ان خوشيءَ ۾ ڪجهہ ڪاراءِ." يڪدم هائوڪار ڪري ان تي عمل ڪندو. ان جي جاءِ تي چينيءَ کي ڪٿي ڪيڏي بہ وڏي خوشخبري ملي يا پئسي ڏوڪڙ جو فائدو رسيس پر مجال آهي جو ڪٿي ٽڪو بہ خرچ ڪري. ڀرين تہ منهن مان اها لکا ئي نہ ڏيندو جو ٻئي کي خبر پوي. پرچي ٻئي کي خبر پئجي بہ ويئي تہ نڪ جو پڪو ٿي، مٺائي يا مانيءَ بدران، نلهي مُرڪ پيو ڏيندو. بيشرم ٿي گهڻو زور پرڻ تي مري مري ڪٿي چانهہ جو ڪوپ پيئاريندو. نتيجي ۾ غريب ڪان غريب چينيءَ وٽ بہ پئسو ڏوڪڙ آهي ۽ ٻاهرين شان شوڪت رکندڙ ملئي مسلمان، گهڻو ڪري هٿين خالي رهي ٿو. حڪومت طرفان ملئي مسلمان کي قرض ۽ ٻيون سهولتون بنا وياج جي ڏنيون وڃن ٿيون. جيئن هو بہ ٻين وانگر سکيو ستابو ٿئي. حڪومت جي

ان اسڪيم مان فائدو ضرور وٺي رهيا آهن پر تمام گهٽ ملئي. باقي گهٽي ياڳي ملئي، سرڪار کان فئڪٽري يا دڪان جي پرمٽ وٺي، چند ڏوڪڙن تي چينين کي وڪڻيو ڏين. يا ڪيترا ملئي ڏنڊي ڏاڙيءَ جي بهاني، سرڪار کان قرض ڪڍي، پنهنجي يا اولاد جي شادي مراديءَ تي، يا وري گهر جي بناوت سجاوٽ تي، يا گاڏيءَ جي مرمت ۽ ان جي ڊيڪوريشن تي وڃائي، وري هٿين خالي تي وهندا آهن. پوءِ جولاءِ يا ڊسمبر ۾ قرض واپس ڪرڻ لاءِ في الحال هن هُن کان وياج تي پئسو وٺي قرض موٽائيندا آهن. ان بعد وري نئون قرض ڪڍن. پوءِ جون يا ڊسمبر جو مهنو ٿيندو ته ڪيترائي قرض لاءِ منٿون ڪندا رهندا. ”هزار يا ٻه هزار ڊالر هڪ مهيني لاءِ اوڌر ڏيو جيئن اهي بئنڪن کي واپس ڪري پراڻو حساب چڪتو ڪيون ۽ پوءِ وري نئينءَ سنئينءَ قرض ڪڍون.“

پهرئين سال ئي هتي رهندڙ انڊيا جي ڪئپٽن مونکي چيو:

”يار بزنيس جو شوق اٿئي؟“

”ڪهڙو بزنيس ـ؟“ مون پڇيومانس.

”هڪ هزار ڊالر ڏي. مهني بعد هڪ هزار هڪ سؤ ڪري ڏيندوسانءِ.“ هن ٻڌايو.

”اهو ڪهڙو بزنيس آهي؟“ مون پڇيومانس. ان تي پاڻ مٿئين ڳالهه ڪري ٻڌائين. مون کيس ٻڌايو ته اسان پاڪستانين مان شايد ئي ڪو اهو ڪم ڪري جو ان کي اسان وٽ وياج جو ڪم سمجهيو وڃي ٿو.“

”ساري يار! مونکي خبر نه هئي. هتي رهندڙ، اسين انڊين ته اهو ڪم عام ڪريون ٿا.“

بهرحال ان معاملي ۾ مون ڏٺو ته انڊين به خوش ته ملئي قرضدار به خوش. انڊين هڪ مهيني ۾ ڏهه سيڪڙو وياج ڪمايو، ۽ ملئيءَ جو في الحال قرض لهي ويو ۽ ڏنڊ کان بچي پيو. (اها ٻي ڳالهه ته اصل قرض اوترِي جو اوترو.) نه سرڪار کي فائدو نه ملائيشيا جي اصل رهاڪو ملئيءَ کي فائدو. حڪومت ڪٺي ڪيتريون به اسڪيمون ناهي فائدو

ساڳيو چيني ۽ انڊين ڪي. ملئي ماڻهن جا هي حال ڏسي اسان جي دربيلي واري يار احمد مخدوم کي سنڌين جا حال ياد ايندا آهن. "ايوب توڙي يحيٰ، پٽو توڙي ضياءَ جي ڏينهن ۾ ڪيترن وڏيرن، ميمبرن ۽ ٻين اهم سنڌي ماڻهن کي ڪارخانن ۽ فئڪٽرين جون پرمٽون مليون پر ڪاروبار ڪرڻ بدران، هنن اهي اهم ڪاغذ پور (پرمٽون) هنن ملئي ماڻهن وانگر ٻين کي وڪٽي، پاڻ مهنو ٻه ان پئسي مان عيش ڪري، وري اهڙي جا اهڙا. هوڏانهن ٻيا وچن هوشيار ۽ ڪارخانيدار ٿيندا. نتيجي ۾ پاڪستان ٺهڻ کان وٺي اڄ تائين سنڌ جا ڳوٺ بنا ڪارخانن ۽ فئڪٽرين جي آهن، جن ۾ اتي ٻي صورت ۾ غريب عوام پورهيو ڪري سڪي زندگيءَ لاءِ پئسو ڪمائي سگهي ها. هاڻ مڙيئي بينظير ۽ نواز شريف جي ڏينهن ۾ ڪٽي ڪٽي ڪا شگر مل يا ڪاٽن جننگ فئڪٽري کلڻ جي خبر پڙهجي ٿي."

بهرحال، ناٽي جي مٽاسٽا، اوڌر ۽ وياج تي ناڻو ڏيڻ جو ڌنڌو، سڄي ڏور اوير ۾، جتي جتي هندو ۽ سک آهن، سالن کان هلندو اچي. هندستان جي ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ ٻه اهو ڪاروبار عام هو، ۽ ان ڳالهه جو پاڪستان ۾ زباني توڙي اخبارن رسالن ۾ رکي رکي ذڪر ٿيندو آهي ته چڱو جو پاڪستان ٿيو نه ته سنڌي هندو سنڌ جي مسلمانن کي فقير بنائي ڇڏين ها. ڇو بنائي ڇڏين ها ـ جو سنڌي مسلمان زميندار هو ۽ سنڌي هندو هن کي وياج تي قرض ڏيئي ڏيئي ويو زمين هڙپ ڪندو.

هڪ ان قسم جو مضمون پڙهي ڪرشن نالي سنگاپور ۾ رهندڙ هڪ هندو سنڌي نوجوان مونکي سنجيدو ٿي چيو: "ياءُ! اسين مڃون ٿا ته تن ڏينهن ۾ بئنڪون نه هيون ۽ ڪجهه هندو سيٺ ۽ واپاري، ماڻهن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪين وياج تي اوڌر ڏيندا هئا. هاڻ جي وياج تي پئسو ڏيندڙ سنو ماڻهو نه آهي ته وٺندڙ ڪي ٻه سنو نه چئجي. هونءَ ٻه قرض وڏو مرض آهي." هو تمام پڙهيل ڳڙهيل ۽ اتي جي هڪ ٽيڪنيڪل انسٽيٽيوٽ ۾ ليڪچرر هو. مونسان هڪ سيمينار ۾ سندس اوچتي ملاقات ٿي ۽ آخري ڏينهن تي خبر پئي ته هو سنڌي آهي. پاڻ

جاٺو نپنو سنگاپور ۾ هو. سندس پيءُ ورهاڱي وقت سنڌ مان لڏي، بمبئي ۽ ڪلڪتي کان ٿيندو، روزگار خاطر هتي پهتو هو. هو سنڌ ۾ به غريب هو ته سنگاپور ۾ به سڄي عمر پاپڙ، بيضا، ڊبل روٽيون وڪڻي پنهنجو ۽ پنهنجي اولاد جو پيٽ پاليو ۽ کين تعليم ڏياري. ڪرشن چيو: ”هڪ ڳالهه ضرور ڏکوئيندڙ آهي ته سنڌي هندوءَ کي هرويرو حد کان وڌيڪ به بدنام ڪيو ويو آهي. سنڌ ۾ رهندڙ هر هندو امير ۽ وياج خور ته نه هو جو سڄي سنڌي ـ هندو ڪميونٽيءَ کي ان لاءِ نِنديو وڃي. سنڌي هندن ڪيترائي چڱا ڪم به ڪيا. ٻي ڳالهه ته اهو وياج جو ڪم واپار جي لحاظ کان نه فقط سنڌ ۾، پر اڄ تائين هنن ملڪن توڙي هانگ ڪانگ کان افغانستان تائين هلندو اچي. ويندي بئنڪون به اهو ڪم ڪن ٿيون. پوءِ ان ڪم لاءِ فقط سنڌي هندوءَ کي ڇو ڏوهاري ليکيو وڃي ٿو. ٻي ڳالهه ته اهو وياج تي قرض، ڪو Gun- Point تي ته نه ڏنو ويو ٿي. زميندار وڏيرو پاڻهي، پنهنجي مرضيءَ تي اچي وٺندو هو. نه فقط سنڌي مسلمان پر سنڌي هندو پڻ وياج تي اوڌر وٺندو هو. فرق فقط اهو هو ته هندو ماڻهو پئسو وجائڻ بدران واپار ۾ لڳائيندو هو. محنت ڪندو هو ۽ وياج چڙهڻ جي فڪر ۽ ڊپ ۾، پئسو بچائي بچائي قرض کان نجات حاصل ڪندو هو. ٻي پاسي سنڌي وڏيرو وياج تي قرض کڻي پوءِ ٻي يا ٽين شادي ڪندو هو، يا رنون وهاريندو هو، يا پُٽن جا پَري ڪاج ڪندو هو يا گهمڻ ڦرڻ ۾ ضايع ڪندو هو. جنهن تان ته مثال مشهور ٿيو ته هندو کي پئسو ايندو ته ڪڏ مٿان ڪڏ اڏيندو. مسلمانن کي پئسو ملندو ته..... وغيره. منهنجي خيال ۾ ته سنڌ جي تباهيءَ جو ڪارڻ تڏهن به ۽ اڄ به اهوئي جاهل وڏيرو آهي. اڄ به ملائيشيا، سنگاپور توڙي انڊونيشيا ٿائلنڊ وغيره ۾ به اوڌر وٺي جيڪو ائين پئسو وڃائي ٿو اهو تباهه ٿيو وڃي. پر جيڪو ماڻهو پئسي کي پئسو سمجهي، تڪليفون سهي، محنت ۽ مزدوري ڪري، سچائيءَ سان ڌنڌو ڌاڙي ڪري ٿو، اهو ڏسندي ئي ڏسندي سکيو ستابو ٿيو وڃي.“

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ملائيشيا توڙي سنگاپور ۾ ڪيئي اهڙا دور آيا جن ۾ هنن ناٽي جي واپارين ۽ چيٽئرن ملڪ کي ڏيوالي کان بچائي

ورتو. ان ڪري حڪومت جتي بئنڪون ۽ قرض ڏيڻ جا سرڪاري ادارا وڌائي رهي آهي اتي هنن واپارين کي به ان ڏنڌي لاءِ، اجان موڪل ڏيندي اچي ته پلي اهو ڪاروبار هلائيندا رهن. اها بي ڳالهه آهي ته ناڻي جو واپار ڪندڙ ڏينهون ڏينهن گهٽبا وڃن جو ان ۾ جتي فائدو آهي اتي قرض واپس نه ملڻ ڪري سخت نقصان پڻ آهي ۽ قرضدار تي زور ڏيڻ سان دشمني نصيب ٿئي ٿي. ان کان علاوه هانگ ڪانگ، تائيوان وانگر سنگاپور، ٿائلنڊ ۽ ملائيشيا جون حڪومتون واپار جون اهي سهوليتون مهيا ڪري رهيون آهن جو هنن ناڻي جي واپارين کي بين لفظن ۾ وياج تي پئسو ڏيندڙن کي اوتروئي فائدو هوٽل کولڻ، جاءِ وٺي مسواڙ تي ڏيڻ، ڪنهن به قسم جو دڪان کولڻ، بس يا ٽئڪسي وٺي هلائڻ يا مسواڙ تي ڏيڻ، اسڪول يا ڪلينڪ اسپتال کولڻ مان ملي ٿو. ان ڪري هاڻ ڏينهون ڏينهن وياج يا سود يا مسواڙ يا ڪميشن يا فائدي تي ڏوڪڙ ڏيڻ جو ڪم بئنڪن حوالي ٿيندو وڃي.

بئنڪن کان علاوه پلاسٽڪ ڪارڊ پڻ اهي سڀ گهرجون پوريون ڪن ٿا. ڪو زمانو هو بارٽر سسٽم هلندو هو. مال جي بدلي ۾ مال ڏنو ونبو هو. رڍ ٻڪري ڏيئي چانور گيهه ڪانيون ونبيون هيون. پوءِ چاندي، ٽامي، سون جا سڪا ايجاد ٿيا. پوءِ ڪاغذ جي ايجاد بعد نوٽ جاري ٿيا. هاڻ ڪاغذ جا نوٽ ڪٺي هلڻ بدران پلاسٽڪ جا ڪريڊٽ ڪارڊ مشهور ٿيندا وڃن. آمريڪن ايڪسپريس ڪارڊ، ڊائينرس ڪلب ڪارڊ، ويزا ڪارڊ، ماسٽر ڪارڊ وغيره بين الاقوامي مشهوريءَ جا آهن ۽ دنيا جي هر ملڪ ۾ هلن ٿا. مختلف ملڪن جا دورا ڪندڙ هڪ واپاري يا ٽوئرسٽ آمريڪن ڊالر، برٽش پائونڊ، جپاني ين ۽ جرمن مارڪ وغيره پاڻ سان ڪٺي هلڻ بدران پاڻ وٽ فقط هڪ ننڍڙو ڪارڊ رکي ٿو، جيڪو گم ٿيڻ تي مالڪ جي پئسي جو نقصان نٿو ٿئي.

آمريڪا ۽ يورپ پاسي ته اهو ڪارڊ جو سسٽم ايترو ته عام ٿي ويو آهي جو ڪيترين هوٽلن، ايئرپورٽن ۽ شاپنگ سينٽرن تي دڪاندار ڪئش بدران ڪارڊ جي پيچا ڪن ٿا. جو هنن لاءِ به سهوليت رهي ٿي.

توهان جيڪي خرچ ڪريو اهو ڪارڊ ڏيکاري فقط صحيح ڪريو. دڪاندار توهان جي بئنڪ کان پاڻهي پئسا اوڳاڙيندو. توهان کي مهني تي بئنڪ طرفان بل ملي ويندو تہ فلاڻي ملڪ جي فلاڻي فلاڻي دڪان تي توهان هيءَ خريداري ڪئي. فلاڻي ملڪ جي هوٽل ۾ توهان هي خرچ ڪيو جيڪو توهان جي اڪائونٽ مان ڪٽيو ويو آهي ۽ باقي بئلنس هيترو. ان ۾ اهو فائدو آهي جو بئنڪ ۾ پئسو نہ هجڻ جي باوجود ضرورت وقت في الحال توهان ڊاڪٽر کي في، سفر لاءِ ٽڪيٽ يا ڪا ضروري خريداري ڪري سگهو ٿا ۽ پوءِ اها اوڌر بئنڪ وياج سميت توهان کان وٺندي رهندي.

پر جتي اهي فائدا آهن اتي نقصان پڻ آهن. ٿورو بہ بي خياليءَ کان ڪم وٺڻ تي توهان اجايو سجايو خرچ ڪري پنهنجو نقصان ڪري سگهو ٿا. بئنڪ وارن کي يڪدم پئسا نہ پري ڏيڻ ڪري وياج جا ڍير چڙهي سگهن ٿا. ان کان علاوه ڪارڊ جي چوريءَ جي اطلاع ۾ دير ڪرڻ سان ٻيو ڪو توهان جي صحيح ٻڇائي توهان پاران خرچ ڪري سگهي ٿو.

جيتوڻيڪ اڄڪلهہ پلاسٽڪ ڪارڊ عام رواجي هجڻ بدران اهڙي نموني جا ٺاهيا ويا آهن جو ٻيو ڪو ان جهڙو نقلي ڪارڊ ٺاهي نہ سگهي. ڪارڊ جي اندر سنهين تارن وارا اهڙا اليڪٽرانڪ سرڪٽ (I.C) رکيا ويا آهن جو فقط ڪارڊ جو حقيقي مالڪ ڄڃهي ڪوڊ نمبر سان گڏ استعمال ڪري سگهي. پر ساڳي وقت اڄ جا چور بہ پڙهيل ڳڙهيل ۽ استاد ٿي پيا آهن. انهن ڳجهن اليڪٽرڪ جوڙجڪن (Circuits) کي ڊي ڪوڊ ڪري، اهڙا ساڳيا ڪارڊ ناهي، پئسو ڦرين ٿا. آسٽريليا، آمريڪا، ٿائلنڊ، فلپين، هانگ ڪانگ ۽ سنگاپور ۾ تہ ڪريڊٽ ڪارڊ جو فراڊ تمام گهڻو ٿي پيو آهي. منيلا ۾ تہ انهن ڪارڊن جي چوري ڪندڙ، اهڙا خطرناڪ گروهہ آهن جن جا چاڙتا آمريڪا جي پوسٽ ڪاتي ۾ بہ گهڙي پيا آهن. هو رجسٽرڊ خطن مان ڪارڊ چوري ڪري منيلا موڪلين ٿا. جتي صحيحون ٻچائي هانگ ڪانگ ۽ سنگاپور ۾ خريداريءَ لاءِ استعمال ڪيا وڃن ٿا. ۽ پوءِ اهو خريد ڪيل سامان منيلا موڪليو وڃي ٿو. ٿائلنڊ ۽

نيپال پاسي ڪيترا ٽوئرسٽ ايجنٽ مسافرن کي جبل گهمائڻ جي بهاني سان، سندن سامان، هوٽل ۾ حفاظت سان رکڻ لاءِ چئي، پوءِ پنيان سندن پاسپورٽ ۽ پلاسٽڪ ڪارڊ ڪڍي، سندن نالي تي وڏن دڪانن تان خريداري ڪريو ڇڏين. ڪين خبر تڏهن پوي ٿي جڏهن ملڪ پهچڻ تي، ۽ مهنو پورو ٿيڻ تي، ڪين بئنڪ طرفان ڊگهو بل ملي ٿو. ڪيترن هنڌن تي وري هوٽل ۽ گيسٽ هائوس وارا، مسافرن جا ڪارڊ ۽ پاسپورٽ چوري ڪري، انهن جهڙا هوبهو ناهي استعمال ڪن ٿا. ڪٿي وري دڪاندار به ساڻن شامل ٿين ٿا.

هن پاسي هڪ بيو واپار باندڊن ۽ لاٽريءَ جو پڻ هلي ٿو. چيني ۽ انڊين جوا جا ڪوڏيا آهن پر اها مسلمانن لاءِ حرام آهي. ان ڳالهه ملائيشيا جهڙي حڪومت کي منجهايو ضرور آهي جنهن ۾ اڌواڌ مسلمان رهن ٿا. پر ان جو هنن اهو حل ڪڍيو آهي جو جوا خانن ۽ Casino ۾ ملئي مسلمانن کي نٿا وڃڻ ڏين. ٻاهرين ملڪن جي ٽوئرسٽن ۾ به جيڪي مسلمان آهن انهن کي جيتوڻيڪ اجازت ناهي پر غير ملڪي پاسپورٽ ڏسي اک ٻوٽ ڪريو ڇڏين. بقول هڪ آفيسر جي ته هي امير عرب ۽ پاڪستان افغانستان جهڙن ملڪن جا ڪيترا مسلمان، ملڪ کان ٻاهر نڪرن ئي شراب، جوا ۽ رنڊي بازيءَ لاءِ ٿا. ڪين اسين جهليندا سين ته وڃي ٻئي ڪنهن ملڪ ۾ ڪارو منهن ڪندا، ۽ پوءِ اسان بدران اهو ملڪ، هنن مان پئسو ڪمائيندو. ان کان ڀلي هتي ئي ڏوڙ پائين ته اسان جو ملڪ ڪمائي.

انهيءَ ئي پاليسيءَ تي، شايد، ڪنهن زماني ۾ ڪراچيءَ ۾ به هڪ وڏو جوا خانو (Casino) نهڻ شروع ٿيو هو جيئن عربن جي دولت هيڏانهن هوڏانهن وڃڻ بدران پاڪستان ۾ اچي. پر پوءِ شايد اهو Economics جو خواب Cash تي نه سگهيو. پر ملائيشيا وارا، ڪٽر اسلامي سياسي پارٽي P.A.S جي تنقيدن تي به ڪن لاتار ڪري، في الحال ڪم هلايو ويٺا آهن. ڪوالالمپور جي پرسان، پهانگ رياست جي پهاڙي علائقي -Genting Highlands تي هتي جو هي ڪئسينو دنيا ۾ جوا کان مشهور آهي.

سرڪار کي منجهانئس ٽئڪسن مان ڪروڙها ڊالر فائدو ٿئي ٿو. هڪ ملئي دوست کي چيم تہ ڏوڪڙن لاءِ ڪري توهان جي حڪومت وات بند ڪيو آهي. توهان ڪهڙا مسلمان آهيو ـ

ڪلي وراٿيائين: ”اي پائو توهان جهڙا بہ بيوقوف نہ آهيون. جو شراب پاڪستان ۾ ساڳيو پيو هلي، پهرين ڪان بہ وڌيڪ. پر سرڪار کي ٽئڪس ملڻ ڪان آڱوٺو.“

ڪجهہ پيا بہ همراهہ ويٺا هئا. ماٺ ٿي ويس. ڪيڏو بيشرم دوست چئبو. پريل محفل ۾ راز جي ڳالهہ چئي ويو. هاڻ ساڻس رد ڪد بہ ڪهڙو ڏيان. گذريل سال ڪيس سنڌ جو هڪ بہ ڳوٺ ڏيکاريم تہ اتي جي چڱي مڙس بہ ڪيس پيئڻ لاءِ شراب آفر ڪيو هو. ڳوٺ جي ان وڏي ماڻهوءَ جي پٺ کي چيو هوم: ”يار تون اڳ ۾ تہ شراب نہ پيئندو هئين، هاڻ ڇو؟“

”بس مڙيئي ڪجهہ پيئڻ ڪجهہ پيارڻ. ان سان رعب ٿو پوي.“ هن پنهنجو فلسفو ٻڌايو.

”اهو پلا ڪيئن ـ؟“ مون پڇيومانس جو شراب جو اهو فائدو مون نہ ٻڌو هو.

”آئي وئي کي خبر پوي ٿي تہ پوليس اسان جي هٿ ۾ آهي ۽ مجال آهي جو نالو وٺي. ٻين لفظن ۾ اسان حڪومت جا ماڻهو آهيون ۽ اسان کي شراب جهڙي ڳالهہ تان بہ ڪو جهلي نٿو سگهي.“

اڃون هن پاسي ـ ملائيشيا، سنگاپور وغيره جي قصي تي. هتي، جوا خانن ڪان علاوه لاٽريءَ جون ٽڪيٽون پڻ عام جام هلن ٿيون. ملائيشيا حڪومت پنجٽيهہ اهڙين راندين جي اجازت ڏني آهي جن ۾ کٽڻ هارائڻ جي چانس آهي ۽ جوا جي خاني ۾ اچن ٿيون. انهن ۾ لاٽري، شرط لڳائڻ، گهوڙا ڊوڙ، سنئين سڌي جوا، کٽڻ وارن نمبرن تي شرط هڻڻ، Digit Betting وغيره اچي وڃن ٿا. نمبرن جي جوا هيئن آهي تہ ڪي بہ چار انگ توهان لکي ڏيو. مثال طور 3568 ۽ ان سان گڏ هڪ ڊالر پڻ. هر هفتي ڪمپيوٽر مختلف نو نمبر ٻڌائيندو آهي. جيڪي نمبر

وار پهريون انعام، ٻيو انعام ۽ ٽيون انعام اچن ۽ باقي ڇهن نمبرن تي چوٿون انعام رکيل آهي. پهريون انعام پنج لک ڊالر ٿئي، اهڙي طرح ٻين نمبرن تي ڪجهه گهٽ انعامَ ٿين. هاڻ مثال طور انهن انعام کٽندڙن ۾ توهان جو ڇٽيون نمبر اچي ويو ته توهان کي به انعام. ڪي ڏکي تي نمبر لکي ايندا آهن. ڪي پنهنجين يا پراون جي ڪارن جا نمبر لکن. ڪي ته ان سلسلي ۾ نجوميءَ کان به صلاح وٺن. مسلمانن لاءِ جيئن 786 نمبر پيارو سمجهيو وڃي ٿو تيئن چينين لاءِ 8888 نمبر شوندو آهي. (اها تاريخ - يعني اٺين آگسٽ اٺاسي پڻ پياري سمجهي ويندي آهي ۽ سؤ سالن ۾ هڪ دفعو ايندي آهي.) پوءِ هرڪو پنهنجي حساب سان ڪونه ڪو نمبر ڏيندو آهي. لکين ماڻهن ۾ هر هفتي نوَ ڄڻا انعام کٽن.

مٿيئن لاٽري ٽڪيٽون سڀ ۾ گهٽيون وڪامن ٿيون ۽ فائدي جو چاليهه سيڪڙو حڪومت کي ٽئڪس طور ملي ٿو جيڪو گذريل سال سورهن ڪروڙ ڊالر هو. اهڙي طرح Sports- To To، چار انگي Four Digits ۽ ٻين لاٽرين مان حڪومت کي پئسو ملي ٿو. ان قسم جي لاٽرين بابت پڻ هتي جي حڪومت جو ساڳيو رويو آهي ته ملائيشيا هڪ گهڻ قومو Multi Racial ملڪ آهي جنهن ۾ ڪيترين ئي زبانن، مذهبن ۽ قومن جا ماڻهو رهن ٿا. بنهه بندش وجهبي ته پوءِ ملائيشيا جا ماڻهو جرمني ۽ ٻين ملڪن جون لاٽريون وٺندا. ان کان بهتر آهي ملڪ جو پئسو ملڪ ۾ ئي رهي. ساڳيو حال سنگاپور، انڊونيشيا، ٿائلنڊ وغيره جو آهي.

لاٽريءَ کان علاوه هتي بانڊن جو پڻ واپار هلي ٿو. بانڊن تي پڻ انعام رکيل آهي جيئن پاڪستان ۾ انعامي بانڊ آهن. لاٽريءَ ۾ اهو آهي ته نتيجو نڪرڻ بعد اهي لاٽريءَ واريون ٽڪيٽون بيڪار ٿيون. پر انعامي بانڊن ۾ اهو بانڊ ڪنهن به وقت ڏئي ان جي قيمت جا پئسا واپس وٺي سگهجن ٿا.

ڪي وري بانڊن بدران بانڊن جا نمبر وٺن. جيڪو ڪم پاڪستان ۾ به عام ٿي ويو آهي. سياڻا واپاري هڪ سؤ وارا هڪ لک ڊالرن جا هزار بانڊ وٺي، ٻا، ۽ ٻاڻ وٽ رکندا ۽ انهن جا نمبر سادن پنن تي

لکي پنجين ڊالر في نمبر (يعني اهو پني پور) وڪڻندا. انعام ۾ انهن مان ڪوبہ نمبر نڪتو تہ ڪيس اصل باند ڏيندا تہ وجي انعام وٺي. جن جو نمبر نہ نڪتو ان جا پنج ڊالر ويا. اهڙي طرح لک ڊالر سيڙائڻ واري کي انعام ملي يا نہ ملي پر هڪ مهيني ۾/ يا ٻن مهنن ۾، لک تي پنج هزار ڊالر ڪمائي ويو. ايترو فائدو تہ لک ڊالرن تي ڇهن مهنن ۾ ٿئي ٿو. بهرحال اهو ڪم بيحد رازداري ۽ ايتري ڪارپٽ ۽ ساک سان ٿيندو رهي ٿو جو اڄ تائين ڪنهن کان شڪايت ٻڌڻ ۾ نہ آئي آهي.



ماڻھوءَ کان ڏگھو ڪومودو (اورا) ساندو جيڪو مينهن کي به کائيو وڃي.



ڏکڻ آمريڪا جي ماڻهن لاءِ اگوئانا سانڍو ڪڪڙ جهڙو لذيذ آهي.




ساندا ۽ ان جي تيل جي وڪري تي هڪ ڪارٽونسٽ جو خيال.




كيترا ادارا، اسكول، كاليج پنهنجي LOGO
۾ جل پريءَ جي تصوير پڻ ڏين ٿا.




كيترين شين ۾ جل پريءَ جي تصوير
اشتهار طور پڻ كم اچي ٿي.



جيتوڻيڪ ڪجهه جهازي SAILORS جهازن جي تباهيءَ جو ڪارڻ جل پري سمجهن ٿا. پر ساڳي وقت ڪيترا خلاصي ان کي سونهن ۽ پيار جي علامت پڻ سمجهن ٿا.



مشهور فلم SPLASH جي هيروئن "داريل حنا" HINNAH DARYL جنهن هن
مزاحيه فلم ۾ جل پريءَ جو پارٽ ادا ڪيو.



اسي سال کن اڳ جي هيءَ پتل جي جل پري ڪوپن هيگن شهر جي نشاني
سمجهي ويجي ٿي.



هي جنگ عظيم کان پوءِ جرمنيءَ ۾ ~ ٖ ٽي سگھي جو اگھه ايترو ڪري پيو جو
ڊبل روٽيءَ جي پتري لاءِ نوٽن جو ٻ..ر ڀري ڏيڻو پوندو هو. جپان ۽ جرمني جا
نوٽ تور سان وڪامڻ لڳا. (فوٽو ١٩٤٤ع)



مهاراج نهال شرما هندو ڏرم جا کي ساٿ سوڻ ڪندي.



مهاراج نهال چند شرما سان گڏ الطاف شيخ سنگاپور جي سنڌو هائوس ۾.



مسز راس-الياس جي سينگاريل ملئي ڪنوار سان گڏ ڪراچي ٽيليويزن جي پروڊيوسر سلطانا صديقي.



سنگاپور جي 'ماءِ-اندام'- مسز سام سعيد کنوار کي گهوٽ جي پير ۾ وهڻ
جو صحيح طريقو ٻڌائي رهي آهي.



فلم ائڪٽريس جان چين جيڪا شهنشاهه پوئيءَ جي زال ٿي آهي ۽
آئين خو جيڪو ٽن سالن جو پوئي ٿيو آهي.



ملائيشيا جي هڪ شادي جي دعوت. گهوٽ ڪنوار سان گڏ آيل مهمان
ماني کائي رهيا آهن.



مهاراج نهال شرما سان گڏ الطاف شيخ، سنگاپور جي سنڌو هائوس ۾.



هڪ ملئي ڪنوار شادي واري ڏينهن تياري ٿي اچي رهي آهي.



كراچي ٽي وي جي پروڊيوسر سلطانه صديقي ملاڪا (ملائيشيا) ۾ هڪ ملئي ڪنوار سان جنهنجي مٿي تي دفتريءَ مان ڪٽيل بدڪ جو تاج آهي.



ملئي گهوٽ ڪنوار رخصتي وقت

## نهال شرما ـ ٽر جي اهم شخصيت سنگاپور ۾

هڪ ڏينهن ڪوالالمپور مان ڪم لاهي ملاڪا موٽيس ته منهنجي پاڪستاني دوست آصف غيور ٻڌايو ته منهنجي غير حاضريءَ ۾ سنگاپور کان منهنجي ڪنهن دوست جو ٻه دفعا فون آيو هو. ڪو نهال شرما هو.

مون دماغ تي زور ڏنو. اهو نالو هن کان اڳ نه ٻڌو هوم.

”آئون ته ان نالي وارو ڪو همراهه نه سڃاڻان.“ آصف کي چيم. ان تي ذري گهٽ ڪاوڙ ڪندي آصف وراڻيو: ”ڪمال ٿو ڪرين، اهڙو ڪوڙ. هو ته توکي چڱيءَ طرح سڃاڻي رهيو هو ته تون ڪٿي جو آهين. هتي ملائيشيا ۾ ڪڏهن کان آهين، وغيره وغيره. بيحد حجت سان پئي ڳالهائين ۽ اڄ تو وٽ سنگاپور کان گهمڻ لاءِ پئي آيو. پر پوءِ جڏهن ٻڌايومانس ته اڄ تون موڪل ڪري ڪوالالمپور هليو ويو آهين ته پوءِ چيائين ته پلا ٻئي دفعي ايندس.“

آئون چپ ٿي رهيس ۽ دل ۾ سوچيم ته تي سگهي ٿو ڪو منهنجو پڙهندڙ هجي يا ڪو ڳوٺ جو هجي، جنهن جو نالو هن وقت ذهن ۾ نه پيو اچي. ٻئين ۽ ٽئين ڏينهن فون جو انتظار ڪيم پر نه آيو ۽ پوءِ مهيني ٻن بعد هڪ ڏينهن نهال شرما جو اوچتو وري فون آيو ۽ واقفيت ڪرايائين ته هو ٽرپارڪر جو آهي ۽ 1982ع کان سنگاپور ۾ سنڌين جي هڪ مندر ۾ ٻانيڻ (Priest) آهي ان ڪري ڪيس مهاراج سڏيو وڃي ٿو. هو مون کي منهنجن ڪتابن معرفت سڃاڻي ٿو.

هن ٻڌايو: ”ان ڏينهن مون وٽ سنڌ کان هڪ ڳوٺائي نوجوان پرتاب راءِ رامچندائي آيو هو. هن انجنيئري پڙهي آهي پر سال کان بيروزگار آهي. هاڻ هتي سنگاپور ۾ مون وٽ نوڪريءَ لاءِ رهيل آهي. پر

هتي تہ نوڪريءَ جو بنھہ آسرو ڪونهي. ان ڪري ڪيس تو وٽ موڪلي رهيو هوس تہ ملائيشيا جي خبر چار لهي اچي. هينئر وري ان ڪمر لاءِ فون ڪيو اٿمر."

"هن پاسي جي ملڪن جو اهو سسٽمر آهي"، مون ڪيس ٻڌايو، "تہ نوڪري فقط پنهنجي ملڪ جي ملئي ماڻهن کي ڏين ٿا. جي پنهنجي ملڪ جو ڪو همراهہ نہ اٿن تہ پوءِ سنگاپور ۽ انڊونيشيا جي ملئي ماڻهن کي ڏين ٿا. باقي ٻين ملڪن جي فقط انهن ڊاڪٽرن، انجنيئرن ۽ پروفيسرن کي ڏين ٿا جيڪي ملائيشيا ۽ اوسي پاسي جي ملڪن ۾ بنھہ نہ آهن، ۽ انهن ڌارين کي بہ ان شرط تي نوڪري ڏين ٿا تہ جيئن ئي سندن پنهنجو ماڻهو پڙهي تيار ٿيندو تہ ڌارئين کي اها نوڪري ڇڏي پنهنجي ملڪ موٽڻو پوندو. ان حساب سان ڪنهن تازي گريجوئيٽ ڊاڪٽر يا انجنيئر کي هتي جي حڪومت نٿي ڪٽي. تون مندر جو پنڊت آهين، ٿي سگهي ٿو سنگاپور يا انڊونيشيا جو ڪو سنڌي سيٺ تنهنجي چوڻ تي هن کي پنهنجي فئڪٽري ڪارخاني ۾ لڳائي ڇڏي."

(اڳتي هلي ٿيو بہ ائين. مهاراج نهال شرما سنگاپور جي ڪيترن ئي سيٺين کي پرتاب راءِ لاءِ ايلاز منٿون ڪندو رهيو. آخر هڪ نيڪدل انسان موهن واسواڻي نالي، ڪيس انڊونيشيا جي شهر سورابايا (Surbaya) ۾ پنهنجي غاليچن ۽ اليڪٽرانڪ جي فئڪٽريءَ ۾ نوڪري ڏني. موهن واسواڻي بين الاقوامي ڪمپني 'تولا رامر' جو مالڪ آهي، جنهن جون شاخون سورابايا (انڊونيشيا) کان علاوه لنڊن، لاگوس ۽ هانگ ڪانگ ۾ پڻ آهن.)

بهرحال پرتاب راءِ جي نوڪريءَ جي بهاني، منهنجي ۽ نهال شرما جي هڪ ٻئي سان واقفيت پهرين فون تي ۽ پوءِ روبرو ٿي ۽ ان کي اڄ چوٿون پنجون سال اچي ٿيو آهي جو پرديس ۾ پنهنجا ڏک سور ۽ سک سهنج هڪ ٻئي سان ونڊيندا اچون.

مهاراج نهال شرما جيڪو ڪيترين ئي زبانن ۽ هندو ڌرمر جي ڳالهين جو عالمر آهي، سنگاپور ۾ رهندڙ سيني سنڌين جي مرڻي پرڻي

جون جملي ريتون رسمون ۽ ڌرمي مسئلا ۽ ڪاج ڪڙا پورا ڪري ٿو. سنگاپور ۾ رهندڙ نہ فقط سنڌي مهاراج نهال شرما کي سڃاڻن ٿا پر ڪيترائي سک، گجراتي ۽ پنجابي هندو پڻ ڪانئس واقف آهن. بقول لڇمڻ ميرچنداڻي ۽ هري رام داياڻي (سنگاپور جي ٻن مشهور واپارين) جي تہ مهاراج نهال شرما جهڙو قابل ۽ تعليم يافتہ Priest هن کان اڳ ڪڏهن بہ سنگاپور ۾ نہ آيو.

تمام گهڻو اڳ، 1950ع ۽ 1960ع جي وچ ڌاري، سنگاپور جي سنڌي هندن چندا ڪري، مائونٽ بيٽن روڊ تي "Sindhu- House" نالي هڪ ڪلب ٺهرايو، جنهن ۾ کاڌي پيتي جي ريسٽورنٽ کان علاوه گڏجاڻين ۽ راند روند جو بندوبست رکيو ويو جيئن سنگاپور جا هندو سنڌي، وڏا واپاري، سيٺ توڙي ننڍا دڪاندار ۽ ٻين ڌنڌن ۽ نوڪرين وارا، وندر جون گهڙيون گڏ گهاري سگهن. اڳتي هلي، 1972ع ڌاري هن ڪلب جي مٿئين هڪ حصي ۾ مندر پڻ ناهيو ويو جيئن هو اتي جو اتي پوڄا پاٺ توڙي شادي مراديءَ جون رسمون پڻ پوريون ڪري سگهن. نهال شرما ان مندر جو پانيڻ/ مهاراج (Priest) آهي. پاڻ سنڌو هائوس جي ئي هڪ ڪمري ۾ رهي ٿو. نهال شرما پنهنجي ڌرمي ڊيوٽي ۾ ماهر هجڻ کان علاوه سنڌي ادب سان پڻ ويجهو تعلق رکي ٿو ۽ سنڌس جيترو وسيع مشاهدو آهي اوترو ئي اونهو مطالعو آهي. ٽپال جو خرچ گهڻو هوندي بہ هي جوان هند سنڌ کان مختلف ڪتاب ۽ رسالا اخبارون گهرائيندو وتي. مون وٽ سهڻي توڙي عبرت اخبار حيدرآباد جي گاڏي کاتي بدران سنگاپور جي سنڌو هائوس مان مهاراج وٽان اچن ٿيون. مهاراج کي راڳ جو پڻ شوق آهي. سنڌس سر ۾ جيڪو درد ۽ مناس آهي اهو ورلي ڪن ڳائڻن کي هوندو. ان جي تعريف عابده پروين بہ ڪري چڪي آهي جيڪا ڪجهہ وقت اڳ سنگاپور گهمڻ آئي هئي. ٻئين ٽئين مهني جڏهن بہ سنگاپور ۾ سائس ملاقات ٿيندي آهي تہ هارمونيم کڻي ڪونہ ڪو نئون راڳ، گيت يا ڪافي ضرور ٻڌائيندو آهي. شاعريءَ سان منهنجي ايتري دلچسپي ناهي پر سنڌس سر ۾ آلاپيل هر شعر دل کي

وٺندو آهي. پوءِ اهو چاهي شيخ اياز جو هجي يا استاد بخاريءَ جو. سچل جو هجي يا شاهه لطيف جو. ان شعر کي پوءِ آئون به ڪيترا ئي ڏينهن جهونگاريندو وتندو آهيان. جيئن هن وقت به ڪانئس ٻڌل ڪجهه سٽون منهنجي زبان تي اچي رهيون آهن:

راڙي ڪنڌڙ روح کي
سجائي جهڻڻ جا سانگ
الا ڪو ٻڌائي وينو.
ڪلهي پائي ڪنجرو،
روز اڏائي ڪانگ،
الا ڪو ٻڌائي وينو.
رات اونداهي پيٽ ۾،
رودن پريو راڳ،
الا ڪو ٻڌائي وينو.
سرہاڻن پري سر سان
اپ ۾ اپاري آڳ
الا ڪو ٻڌائي وينو.

مهاراج نهال شرما ڪيترين ئي خوبين جو مالڪ آهي. وڏي ڳالهه ته هو هڪ سٺو انسان آهي جنهن جي دل ۾ هر انسان سان همدرديءَ جو جذبو سمايل آهي. اهوئي سبب آهي ته هن جا دوست نه فقط سنگاپور جا سوني روپي جا واپاري آهن پر ڳوٺ جا غريب تري پڻ. هندو، مسلمان، پڙهيل ڳڙهيل توڙي پورهيت هاري هن کي پيائين ٿا. سنڌ توڙي بلوچستان جا ڪيترا ئي هندو مسلمان واپاري، وڏيرا ۽ سياستدان سنگاپور ۾ هن وٽ ايندا رهن ٿا. پاڻ بنا ڪنهن لالچ هبيچ جي پرديس ۾ هنن جي ڪم ايندو رهي ٿو. ڪنهن کي انگريزي نٿي اچي يا سنگاپور ڪان اڻ واقف آهي ته مهاراج نهال سچو ڏينهن هن لاءِ گائيڊ ٿي هلي ٿو. ڪنهن کي خريداري ڪرڻي آهي ته هن کي سنگاپور جا سستا ۽ سٺا دڪان ۽ هنڌ ٻڌائي ٿو. ويندي ڏسٽا وائسٽا، چڱا خاصا ماڻهو، آخر ۾ ڪانئس اڌارا

پئسا وٺي، ڳوٺان وڃي موڪلڻ جا وعدا ڪري، هن غريب کي ٺڳي پڻ وڃن ٿا.

”جا ڪجي ڪنهن جي نرڙ تي لکيل تہ نہ آهي تہ هو مون کي دوکو ڏيئي ويندو. منهنجو ڪم آهي جيڪي پڇي سگهي مدد ڪرڻ.“ هو مون سان پنهنجو اندر سليندو آهي. پر ان حالت ۾ بہ ان ماڻهوءَ جو نالو هرگز نہ ٻڌائيندو آهي متان هن جي گلا ٿي پوي. چڙ ايندس تہ وڌ ۾ وڌ اهو چوندو: ”بس پڳوان نيتون ڏيندس.“

مهاراج شرما جيتوڻيڪ عمر ۾ ڪو وڏو ناهي پر سندس عقل جون ڳالهيون وڏن کان بہ وڏيون آهن. ڪنهن کي صلاح يا نصيحت پڻ سچيءَ دل سان ڪندو آهي. ان ڪري هر ننڍي وڏي ڳالهہ لاءِ آئون پڻ ڪانئس روبرو يا خط/ فون ذريعي سندس خيال ۽ راءِ وٺندو رهان ٿو. ڪجهہ وقت اڳ مون کي فجي ٻيٽ جي شهر سُووا (Suva) ۾ هڪ ٽيڪنيڪل ڪاليج ۾ پڙهائڻ جي نوڪري ملي ان بابت پڻ مون سندس راءِ پڇي. جواب ۾ لکيل نهال شرما جو اهو خط ۽ ڪجهہ ٻيا، هتي پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ ڏيان ٿو:

پيارا ڀاءُ الطاف شيخ

توهان جو اپوح ۽ ملاڪا شهرن مانِ لکيل خط پهتل آهن.

ٽيليفون چاهيندي بہ نہ ڪري سگهيس. سبب ڪي نوان تہ آهن ڪونہ، اهي ئي ساڳيا.... لڳاتار مصروفيات. پنهنجي ڪم ۾ هڻ هٽان ۽ وٺ وٺان. باقي ٿورو ٽائيم ملي آرام جو ۽ خط جي جواب ڏيڻ جو ۽ سنڌ هند کان ايندڙ اخبارن ۽ رسالن جي اپياس ڪرڻ جو. خير ـ هن خط لکڻ ۾ ٿوري دير ٿي ويئي آهي دل ۾ نہ ڪج.

هن خط ۾ شامل مسٽر پرهلاد آريا جي ائڊريس پڻ موڪلي رهيو آهيان جيڪو فجيءَ ۾ رهي ٿو. ڪوشش ڪري هڪ اڌ خط منهنجي حوالي سان لکي ٽراءِ تہ ڪريو. پاڻ پنجهٺ سالن جي لڳ ڀڳ ٿيندو. سندس جنم بہ Fiji ۾ ئي ٿيل آهي. انهيءَ ڪري همراهہ پڪو فجيئن آهي. پاڻ مون کي هتي سنگاپور ۾ مليو هو. سندس وڏا اتر پرديش

U.P کان هجرت ڪري زمينون پوکڻ ۽ اسان جي ٿر جي ماروئڙن وانگر لابارن لاءِ فجي ويا هئا ۽ هينئر تہ اتي هر ڪنهن هندستانيءَ ڪي ٽي چار پيڙهيون ٿي ويون آهن جمي ويا آهن، پڪا پختا ٿي.

محترم پرهلاد آريا سان لکپڙهہ ڪريو تہ انگريزي ۾ ئي ڪجو تہ سنو. هندي ٻوليءَ جو تہ عالم پئي لڳو. يوبيءَ جي ناتي سان ٿي سگهي ٿو تہ هو اڙدو بہ لکي پڙهي ڄاڻندو هُجي پر پڪ نہ اٿم.

ادل! هالا چڏڻ کان پوءِ جهڙو ملاڪا (ملائيشيا) تهڙو سُووا (فجي). زندگيءَ جو تہ نالو ئي جدوجهد آهي. عام رواجي گهرو جيوت جي مسئلن ۽ مونجهارن ۾ منجهبو نہ آهي. همت ۽ حوصلي سان مڙس ٿي منهن ڏبو آهي. ٻارن جا اسڪول يا جڳهہ مسواڙ تي گهٽي ملندي. ڪٿي ملندي. اهي ڳالهيون پلي لکي پُڇ يا ائگريمينٽ واري لکپڙهہ ڪندڙ اداري سان ڪولي سڀ ڳالهيون طئي ڪر. اهو سڀ ٺيڪ آهي پر انهن ڳالهين تي گهڻو سوچي پنهنجي لاءِ مٿي جو سور نہ ٻڌائج. اهي رواجي مرحلا آهن.

هيءَ دنيا هڪ محاذ آهي. هر محاذ تي بيٺل سپاهي ڪي مڙس مانجهي ٿي مقابلو ڪرڻو آهي رڳو جوش سان نہ پر هوش سان گڏ. منهنجو ذاتي عقيدو ماڻهن کان وڌيڪ مالڪ ۾ رهيو آهي. اتان جا ماڻهو ڪي اوپرا ڪونہ آهن جو ماڻهو عجب ۾ پوي. بقول هڪ فجيئن بزرگ جي تہ فجيءَ ۾ سنگاپور جهڙيون ڏگهيون عمارتون، پليون، روڊ رستا نہ آهن باقي جيئن سرنگون روڊ ڪي سنگاپور جو ننڍڙو هندوستان (Little India) چيو وڃي ٿو تيئن فجيءَ جو سُووا شهر ڏکڻ پئسيفڪ سمنڊ جو Little India چيو وڃي ٿو. هر طرف اهائي ديسي ٻولي ’ڪهان جاتا هئہ اور ڪهان سي آتا هئہ‘ مطلب تہ ماحول ڇچندڙ آهي.

منهنجي ٻڍي جيجل ماءُ جون هدايتون ۽ دعائون هونديون آهن تہ ٻچڙا، لعل، جيئين سال، سؤ سال. پرديس وڃين تہ پلي وڃ. جيءُ ڪري وڃ. منهنجون دعائون توسان هر پل هر گهڙي گڏ آهن. ٻن شين کان خاص طور پاسو ڪج. ”سياست ۽ ديسي ماڻهن جي گلا غيبت.“

باقي پئون ٻارنهن آهن. تو ۾ ٻيا گڻ مون ڀري ڇڏيا آهن انهيءَ جي ڪري انهن جي ابتڙ ڳالهين بابت ٻڌائڻ مون کي ڪابہ ضرورت ناهي. سو پيارا الطاف، وڏڙا منهنجا هجن توٽي تنهنجا. وڏڙن جون ڏسبيون آهن ڳالهيون وڏڙيون جيڪي وقت بوقت اسان سيني سان نهڪندڙ هونديون آهن.

وڌيڪ سڪ. سڪ مان ـ نهال.

*——*——*

[2]

پيارا ياءُ الطاف، سرهو ۽ سرهو هجين شال،

قرب ڀريون جهجهيون يادگيريون.

توهان جو خط اڄ پهتو. موٽ لاءِ مهرباني.

جپان وڃڻ جو اوچتو ۽ اتفاقيہ طور پروگرام ٺهيو. انهيءَ ڪري ايترو ٽائيم ئي نہ مليو سگهيو جو جپان بابت توهان جا لکيل سفرناما پڙهي سگهان. جيتوڻيڪ جپان بابت لکيل توهان جا ٻہ ٽي ڪتاب بہ مون وٽ موجود هئا، ۽ اهي ڪتاب سفر ۾ مون پاڻ سان گڏ بہ کنيا. انهن ڪتابن کي گڏ کڻڻ جا ٻہ مطلب هئا. هڪ اهو تہ هلندي جهاز ۾ ڪجهہ سٽون، ڪي ضروري نوٽ طور پڙهي وٺندس. ٻيو اهو تہ اهي ڪتاب جپان جي سنڌي دوستن کي ڏيکاري سنڌ، سنڌيت، سنڌي ادب ۽ ساهتيہ لاءِ اتساهہ ۽ هڪ سنڌي ليکڪ جي محنت کي داد ڏيارڻ ۽ قدر ڪرائڻ ۽ احساس پئدا ڪرائڻ جو هو. پهرين ڳالهہ تہ مون کان ٿي ڪونہ سگهي. سبب اهو جو هوائي جهاز ۾ منهنجي سيٽ پرسان هڪ دوست ويٺو هو جيڪو انهيءَ گهوٽ جو مامو هو ۽ ڪچهريءَ جو قربائتو هو. سو سڄي واٽ دنيا جي مختلف موضوعن تي ڳالهائيندا رهياسين.

رهيو سبب ٻيو سو ان ۾ آئون چڱو ڪامياب ٿيس. اهي ٻئي ڪتاب جپان جي ڪيترن ئي سنڌي دوستن ۽ جپاني همراهن کي ڏيکاريندي احساس ڏياريم تہ اسان جي وطن جا ماڻهو توهان جي وطن جي ڌرتي، ماڻهن، انهن جي ثقافت ۽ ترقيءَ تي ڪتاب لکن ٿا. توهان جي جذبن ۽ احساسن امنگن ۽ اُدمن جو ڀرپور انداز سان اظهار ڪن ٿا. توهان

جي سِڪ توهان جي چِڪ، توهان جي چاشنيءَ جهڙي ٻوليءَ جو اسان غير جپانين کي بہ چشڪو وٺائين ٿا. پيون بہ ڪيتريون ساريون ڳالهيون انهي موضوع تي انهن سان ڪيونسين. همراهہ منهنجو انداز ۽ منهنجون ڳالهيون ۽ پنهنجيون ساراهون ٻڌي نرن نرن. اهڙا نرن جو ڪهڙي ڳالهہ ڪجي. بس اهوئي مقصد هو.

انشاءالله هاٺوڪي پيري توهان کي سنڌ جون ڻيٺ سنڌي اخبارون هلال پاڪستان، آفتاب وغيره بہ موڪليندس.

پڙهڻ ۽ لکڻ جا مزا تہ سچ پچ رهيا سنڌ ۾. هتي پراين ملڪن ۾ ايترو وقت ۽ فرصت ڪٿي جو ويهي لکجي. اها تہ شابس هجي توکي جو ويٺو چاهہ ۽ چوڄ مان لکين ۽ ديس پرديس جي حال حوالن کان ماروئڙن، سانگيئڙن ۽ جهانگيئڙن کي گهر ويٺي سفرنامن ذريعي پيو روشناس ڪرائين.

اول خير مئي مهني ۾ آمريڪا جي هڪ شهر فينڪس وڃڻ جو پروگرام رٿيل آهي. فينڪس شهر جو شيرف جيڪو هڪ سنڌي آهي انهيءَ جي پٽ جي شادي آهي. ڪنواريتا هتي (سنگاپور) جا آهن. گهوٽيتن مون کي گهرائڻ لاءِ ڪنواريتن کي چيو آهي. اجان تہ ٿي چار مهنا پيا آهن ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي. واڳ ڌڻي جي وس، آئون ڪا پاڻ وهيٽي.

فيجي (Fiji) بابت تفصيل تہ ٻئي دفعي لکندس. پر في الحال تہ ايترو ضرور لکندس جو Fiji جي اڌ آدمر شماري هندستانين جي ۽ خاص ڪري U.P وارن جي آهي. هاري، ناري، ڊاڪٽر، وڪيل، ماستر، ايڊيٽر، ريڊيو تي، ٽي - ويءَ تي، راندين جي ميدانن توڙي اسڪولن ڪاليجن ويندي بوٽ پالش کان وٺي ڊپارٽمينٽل اسٽورن جي مالڪن تائين يوپيءَ جا ماڻهو ملندا جن ۾ مسلمان بہ يوپيءَ جا شامل آهن. واپار ۾ گجراتي هندو ڪاٺياواڙي اهي ئي ممباسا وارا ميمڻ ۽ کوجا بہ آهن. فجي ڪو اجنبي ديس نہ آهي جو ماڻهو ٻُڌي ۽ هيئنئون هاري ويهي. ملاڪا کان تہ فجي وڌيڪ سئو رهندو. فجيءَ ۾ اڙدو/ هندي مشاعرن جون موجون ملنديون. فجي ڏاڍو پيارو ملڪ آهي هُتي هندي ۾ اخبارون بہ

چيبيون آهن ريڊيو ۽ ٽي - وي تي پنهنجا پروگرام هندستان جي مختلف ڌرم مذهب ريتن رسمن ۽ ثقافتن بابت به پروگرام نشر ٿيندا رهندا آهن. سو فجي منهنجي پڌل حال حقيقت موجب گهڻو گهڻو سٺو آهي. هونءَ به زندگيءَ جو ٻيو نالو جدوجهد آهي. جوانو اڳتي وڌو. ڪاميابيون توهان جا قدم چمنديون. وڌيڪ سڪ.

دل جو صاف ماڻهو آهيان ۽ جيڪو ڪجهه ايندو اٿم اهو لکي ويهندو آهيان. ڪا به ڳالهه ناگوار گذري ته لکج ضرور پر دل ۾ اصل نه ڪج.

توهان جو ڀاءُ — نهال شرما

*——*——*

[3]

پيارا ڀاءُ الطاف شيخ

جيجل سنڌوءَ جي آسيسائن سان سڪ ڀريا سلام

ادل، مالڪ جي مهر سان هت سڀ خير سڪ آهي ۽ توهان جي خوش خير عافيت هر وقت مالڪ کان گهرندو رهندو آهيان.

توهان جو خط ۽ ديوالي واڌايون ڪارڊ به مليو.

توهان جا پيغام سڪ ڀريا، توهان جا قرب جهجها، توهان جون لاڻقيون لک لک. آئون توهان جي سڪ ۽ سنيها لاءِ تمام گهڻو ٿورائتو آهيان. دعائون اٿم شل جڙيا هُجو جڳ ۾.

مهينو کن اڳ ٽنڊوڄام اگريڪلچرل يونيورسٽي جو ڊاڪٽر جتوئي به مليو هو. جنهن کان پڻ توهان جا قربائتا سلام مليا. هو ملايا اگريڪلچرل يونيورسٽيءَ مان مَينهنُ Water Buffalos تي سيمينار اٽينڊ ڪري، تو وٽان ملاڪا مان ٿي هتي آيو هو.

ادل، ’سڄڻ ۽ ساٿيهه ڪنهن اٿاسيءَ وسرن‘ مون کي هر وقت توهان ياد آهيو ۽ ياد رهندا. مون کي پنهنجي ڌرتيءَ جي مٽيءَ لاءِ جهجهو مان ۽ فخر آهي ۽ انهيءَ ناتي سان توهان لاءِ به جهجهو مان ۽ فخر رکان ٿو

جو انهيءَ مٽي مان توهان ۽ آئون جڙيا ۽ نپنا آهيون. هوئين به انسان کي صوفيانه تصوف ۽ انهي ٻوليءَ ۾ چيو اٿن ته ماڻهو آهي مٽيءَ جو پنوڙو.

لکڻ جي معاملي ۾ آئون ٿورو پوئتي آهيان. گهٽي ڪم جي وٽ وٺان ڪان پوءِ ٿورو ٽائيم ملندو آهي سو سوچڻ ۽ اسڪيمون بنائڻ ۽ باقي رات جو آرام ۾ گذاريندو آهيان.

پڙهڻ لاءِ ڪتاب ته جام ملندا آهن پر پڙهي ڪونه سگهندو آهيان. سنڌ هند ڪان اينڊڙ ويندڙ دوستن هٿان نوان تازا سنا معياري ادبي ڪتابن ته مون کي مياري بڻائي ڇڏيو آهي جو ڪين پڙهي ڪونه سگهندو آهيان ۽ انهن مان ڪجهه ادبي ذوق رکندڙ بزرگ دوستن ۾ ورهائي ڇڏيندو آهيان.

تر ۾ جڏهن هوندو هوس ته رڳو ڪتاب ئي ڪتاب پڙهندو هوس. منهنجي خريداري صرف ادبي ڪتاب ئي هوندا هئا ۽ انهن ادبي ڪتابن ۾ توهان جو پهريون ڪتاب: 'منهنجو ساگر، منهنجو ساحل' به شامل هو. ۽ پوءِ انهيءَ ادبي ذوق ته هٽي وڃي هنڌ ڪيو جو سڄو گهر ڪتاب ئي ڪتاب.

ادل هي خط توهان جي لکيل مختصر خطن جي عيوض هول سيل ۾ انهيءَ ڪري پيو لکان جيئن توهان جي موڪليل Retail خطن جو بئلنس ڪري. ڳالهه ادب ۽ ڪتابن جي نڪتي آهي ته توهان کي پنهنجو لکيل هڪ آزاد نظم موڪليان ٿو جيڪو اڄ تائين ڪنهن به رسالي ۾ اشاعت هيٺ ڪونه آيو آهي.

عنوان آهي: "وقت"

چيم: ٻوڙ پائي

ٻڌاءِ: اي وقت

ڏکي ٻوڙي ٽکو هوندين!

ترس ڪٿي!

ساعت ڪن!

مڏر مڏر ڪي گيت ٻڌايان

توکي پنهنجا شعر سڻايان
چيائين: منهنجا جيءَ ۽ جانب
منهنجا يار جاني.
مون تنهنجي شعرن جي ساراهه
گونگي زبانن ۽ ٻوڙن ڪنن کان ٻڌي آهي
دل چوي ٿي ساجن!
اڃان به ڪي ٻڌان
پر مجبور ۽ بيوسيءَ جي حالت ۾
نرڙ تان پگهر ڦڙيون اگهندي
چيو وقت مونکي
هينئر وقت ناهي.

ادل، وقت ٿورو ۽ مقابلو سخت آهي. موڪلايان ڪونه ٿو. سبب اهو ته زندگي سان پيار آهي. وري ٻئي دفعي ڪڏهن ماسن تولن ۾ ته ڪڏهن مٽن جي تور ۾ بيو خط لکندس. مون لائق ڪوبه ڪم ڪار هجي ته بنان حجاب جي لکندا. سيني لاءِ سڪ پريا سلام.

توهان جو پاءُ ـ نهال شرما

سنگاپور جو سنڌو هائوس جيڪو پهرين فقط ڪلب هو جتي رانديون روندیون ۽ کائڻ پيئڻ جو بندوبست هو، ان ۾ مندر جو بنياد ڏهين نومبر 1972ع تي يوگراج سوامي ليلا شاهه مهاراج رکيو. ليلا شاهه جهڏي گدام پاسي جو هو. پاڻ 1880ع ۾ اتي ڄائو ۽ 1973ع ڌاري بدين پاسي محرا ڳوٺ ۾ ديهانت (وفات) ڪري ويو. پاڻ مجيل يوگي راج هو.

هڪ ڏينهن يوگراج سوامي ليلا شاهه جو وڏو فوٽو ڏيکاريندي نهال شرما ٻڌايو: ”هي نهايت درويش صفت انسان هو. زال ذات کان ته هميشه پري رهندو هو. چوندو هو ته جيڪڏهن اسان ٻانڀڻ، ٻاوا، مهاراج، پنڊت عورت کان پاسو نه ڪنداسين ته سڄي تپسيا ڪي وري Reverse

گيئر لڳي ويندي.“

سوامي ليلا شاهہ سنگاپور ۾ اچي هتي جي سنڌي هندن کي اتساهہ ڏنو تہ توهان وٽ ناڻو جام آهي. عزت آبرو سڀ ڪجهہ آهي پوءِ توهان گهٽ ۾ گهٽ ڪو اهڙو هنڌ تہ ٺاهيو جتي توهان جي ڪميونٽيءَ جا ماڻهو اچي گڏ ٿين. زالون مرد جوان ڇوڪرا ڇوڪريون سڀ هڪ هنڌ گڏ ٿيو ۽ هڪ ٻئي کي سڃاڻو ۽ واقفيت پئدا ڪريو. ڏک سک ۾ هڪ ٻئي جي ڪم اچو. وغيره.

”هونءَ چا هو“، مهاراج نهال شرما ٻڌايو، ”جو جيسين هي سنڌين جو مندر نہ هو تہ ڪي سنڌي تاملن جي مندرن ۾ ويندا هئا تہ ڪي سکن ۽ بنگالين جي. سڀ ڇڙوڇڙ ٿيل هئا. پوءِ هن درويش يوگراج سوامي ليلا شاهہ کين سمجهايو تہ پنهنجي ان وکڙيل طاقت کي گڏ ڪري Unity پئدا ڪريو. ان تي پوءِ اهو فيصلو ٿيو تہ في الحال هن ڪلب جي هڪ حصي ۾ ٺي مندر ٺاهيو وڃي. سواميءَ چيو تہ جيتوڻيڪ مندر جا جيڪي قاعدا قانون ٺيندا آهن ان مطابق هيءَ صحيح جڳهہ ناهي پر ائين سمجهو تہ آئون توهان کي هڪ جهونپڙي ٺاهي ڏيو ٿو وڃان جيڪا توهان کي چئلينج ڪندي رهندي تہ توهان اڳتي هلي مندر لاءِ شانائتي جاءِ ٺاهيو.“

هن درويش لاءِ نهال شرما وڌيڪ ٻڌايو: ”هن جا سنگاپور، انڊونيشيا، هانگ ڪانگ پاسي تمام گهڻا چيلا آهن جيڪي هن کي ڏورانهن ڏيهن ڏي گهرائيندا هئا. هو ڪيس جهازن ۾ وٺي ايندا هئا جتي هن کي نرم گرم گاديلا ۽ ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرا ڏيندا هئا. پر هن فقير صفت انسان ڪڏهن بہ عيش عشرت ۽ آرام واري زندگيءَ کي نہ ليکيو. هن جي هٿ ۾ هر وقت هڪ ڳوڻ هوندي هئي جنهن ۾ هڪ ننڍڙو تڏو، هڪ ننڍڙو وهاڻو ۽ رلي کڻندو هو. پوءِ هي چا ڪندو هو جو رات جو هنڌ بسترن تان لهي پٽ تي تڏي وڇائي ان تي سمهندو هو. ڪنهن کي دريءَ مان ڏسي ورتو. تنهن تي هن درويش چين تہ توهان مون کي هنن عيشن تي جي هيرائيندائو تہ آئون پاڻ ئي غافل ٿي ويندس پوءِ توهان

کي ڪيئن سجاڳ ڪري سگهندس ـ جنهن ڪم لاءِ آيو آهيان.

”سوامي ليلا شاهه طب ۽ يوگا جو پڻ ڄاڻو هو. هن ڪيترائي سٺا سماجي ڪم ڪيا. خاص ڪري هندستان ۾، سنڌي هندن کي ڏيتي (Dowry) جي لعنت کان پاسو ڪرڻ جي تلقين ڪئي. ويندي هن ماڻهن کان قسم ورتا ته توهان جنهن کان نياڻيون وٺو ٿا ان کان ان جي حيثيت کان وڌيڪ دولت ۽ مال متاع جي گهُر نه ڪيو، نه ته نياڻين ۽ انهن جي مائرن جون پٽون توهان کي تباهه ڪري ڇڏينديون.“

نهال شرما ٻڌايو ته سنگاپور جي هن ’سنڌو هائوس‘ ۾ ٿهيل سنڌين جي هن مندر ۾ پوڄا لاءِ سنڌي هندن کان علاوه ٻين ذاتين ۽ زبانن جا پڻ اچن ٿا ـ خاص ڪري سک، جن لاءِ گرو گرنٿ صاحب پڻ رکيل آهي. ڪنهن زماني ۾ گرو نانڪ کي سنڌي گهڻو مڃيندا هئا. سنڌيءَ ۾ پهريون گرو گرنٿ صاحب (سکن جو پاڪ ڪتاب) سن 1430ع ۾ ڇپيو هو. سنڌو هائوس جي مندر ۾ رکيل، گرو گرنٿ جو هي بمبئي کان آيل تازو ڇاپو سن 1980ع جو آهي. سنڌس ست سؤ ٻارهن ڪن صفحا آهن. قيمت ٻه سؤ رپيا آهي. هي ڇاپو ڄيٺانند ياونداس لعلوائيءَ پارت جيون ساهتيه طرفان ڇپايو آهي.

هڪ ڏينهن مون هن ڪتاب جا صفحا اٿلائي ڏٺا. منجهس سنڌي گهٽ سنسڪرت گهڻي آهي. ان ڪري سنڌي لکت جا شعر فقط پڙهي سگهيس پر سمجهڻ کان زور هئا. نهال شرما کان پڇيم:

”مهاراج! توکي انهن جو مطلب اچي ٿو؟“

”ها مون کي هڪ هڪ صفحو، هڪ هڪ سٽ سمجهه ۾ اچي ٿي. ڇو جو منهنجو سنسڪرت ۾ وڏو اڀياس ٿيل آهي.“

”سچ ـ؟“ مون گرو گرنٿ صاحب جي ست سؤ کان مٿي صفحن واري ڪتاب جا ورق اٿلائيندي تعجب مان پڪ ڪئي. پوءِ وچان وچان نهال کي پڙهڻ ۽ معنيٰ ٻڌائڻ لاءِ چيو. هو ڦر ڦر ائين لس ئي لس پڙهڻ لڳو ڄڻ ٻارائي درجي جو ڪو ڪتاب هجي.

گرو نانڪ جي هر شعر، هر ڳالهه ۾ انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ

کو پيغام يا ڪا نصيحت هئي. نهال شرما هڪ ٻئي پويان ڪيترائي شعر ۽ انهن جو مطلب ٻڌايو جن مان هن وقت ٻه شعر ڪجهه ياد آهن:

”ڏن دارا سمپت سگل،
جن اپني ڪرمان.
ان مين ڪڇ تيرو نهين،
نانڪ ساٿي جان“

”ڏن معنيٰ، هي ملڪيت“، نهال مٿيون شعر سمجهايو. ”دارا معنيٰ زال، سمپت معنيٰ دنياوي جيڪي عيش عشرتون وغيره آهن. جن اپني ڪرمان - جن کي تون پنهنجو ڪري سمجهي ويٺين ان مين ڪڇ تيرو نهين - انهن ۾ ڪجهه به تنهنجو ناهي. نانڪ ساٿي جان - نانڪ چوي ٿو تہ اي انسان اها منهنجي ڳالهہ تون سچ سمجهہ.“

”برد ڀيو، سوجي نهين، ڪال ڪميو آن
او نانڪ نر باوري، ڪيون نہ ڀڃي ڀڳوان.“

برد ڀيو = ٻڍاپو ٿيو

سوجي نهين = اکين جي جوت گهٽجي وئي. ڪنن کان ٻڌڻ هليو ويو. اهي سڀ نشانيون موت جي ويجهو اچڻ جون آهن.

او نانڪ = نانڪ چوي ٿو.

نر باوري = اي باورا انسان. پاڳل ۽ مورک انسان ههڙي حالت هوندي بہ ڪيون نہ ڀڃي ڀڳوان. مطلب اهو تہ اهڙي حالت هوندي بہ تون اڃان ڀڳوان کي ياد نٿو ڪرين.

مهاراج نهال شرما سنسڪرت ٻولي بابت ٻڌايو:

”سنسڪرت کي سيني ٻولين جي ماءُ يا ڏاڏي چئي سگهجي ٿو. جنهن سنسڪرت پڙهي آهي ان لاءِ ڪا بہ ٻولي مشڪل ناهي. مون ننڍي هوندي سنسڪرت سکي هئي ان جي ڪري آئون گجراتي، مرهٽي، بنگالي، گرمکي ۽ ٻين ٻولين جو ارٿ يعني مطلب ڪڍي سگهان ٿو.

انهيءَ ڪري هندستان جون اهي ٻوليون سمجهڻ مون لاءِ ڪو مسئلو ناهي. ڪڏهن ڪڏهن هتي سنگاپور ۾ رهندڙ پادري پنڊت، انهن ٻولين جا ڪيترائي ڏکيا لفظ مون کان پڇڻ ۽ سمجهڻ ايندا آهن."

توهان پلا هي سڀ ڪجهه ڪٿان سکيائو_؟" مون مهاراج نهال شرما کان پڇيو.

"اهو آئون پنهنجي والد بزرگوار کان سکيس. آئون ڇهن سالن جي عمر جو هوس تہ منهنجو بابا پريات جو اتاري پڙهائيندو هو. اسان وٽ تر ۾ بجلي بہ ڪانہ ٿئي. پوءِ بابا، رات جو بتي ٻاري، هڪڙي سڻي سونٽي پاڻ سان رکي اسان کي پڙهائيندو هو. پوءِ ٿوري ٿي پُل ٿيندي هئي تہ سوُنٽي لڳندي هئي 'ڇم'. منهنجي پيءُ جي جيڪا جدول هئي اها چوندي هئي:

"سونٽي لڳي ڇم ڇم
وديا آوي رم جهم."

يعني سونٽي جڏهن ڇشڪو ڪندي تہ وديا يعني تعليم، علم نچندو ايندو.

مهاراج نهال شرما 1950ع ۾ ٿرپارڪر سنڌ جي هڪ ڳوٺڙي اسلام ڪوٽ ۾ ڄائو. سندس پيءُ 'مهاراج جوتشي پرڏان مل' سنڌي، هندي، اردو، گجراتي، گرمکي ۽ سنسڪرت زبانن جو ڄاڻو هو. ان ڪان علاوه جوتش جو پڻ ماهر هو. پاڻ ستر سالن جي ڄمار ۾ 1964ع ۾ گذاري ويو.

"توهان جي والد صاحب اهو علم ڪٿان هٿ ڪيو؟"

"هن سنسڪرت ۽ نجوم جو علم ڪاشي بنارس مان حاصل ڪيو."

هڪ دفعي ٿرپارڪر کان آيل ڪجهہ هندو دوستن کان مون مهاراج نهال شرما جي پيءُ بابت پڇيو تہ هنن پڻ ٻڌايو: "نهال شرما جو پيءُ مهاراج پرڏان مل ٿرپارڪر ۾ جوتش جو وڏوان ۽ ڪرم ڪانڊي برهمڻ هو. سندس نالو سڄي ٿرپارڪر ۾ مشهور آهي."

نهال شرما کان سندس والد بابت پڇيم ته هن کي ايترو علم حاصل ڪرڻ جي پريرنا ـ اتساهه ڪيئن ٿيو.

”هندستان جي پنڊتن کي ڏسي.“ هن ٻڌايو.

مهاراج نهال شرما پنهنجي ننڍپڻ بابت ٻڌايو: ”منهنجي اها بدقسمتي هئي ته ننڍي هوندي منهنجو پيءُ گذاري ويو جڏهن آئون ڏهن سالن جو هوس. آئون ننڍپڻ جا پنج ڇهه سال بابا وٽان سنسڪرت، هندي، سنڌي، اڙدو، گجراتي، گرمکي ۽ تارن جو علم سکيس. بابا جي لاڏاڻي بعد آئون پنجويهه رپيا پگهار تي هڪ ميڊيڪل اسٽور تي بيٺس. جنهن مان منهنجو سڄو گهر ـ ماءُ، ٻه ڀينرون ۽ آئون ـ اسان چار ڄڻ پلبا هئاسين. ننڍي هوندي کان ڪو سهارو نه ملڻ ڪري مون کي محنت ۽ جدوجهد جي عادت پئجي وئي. پندرهن سالن جي لڳ ڀڳ عمر ۾ آئون گهوٽڪي هليو ويس. جتي مون کي اتي جي سيٺ واپاري کاڪو مل گهرايو هو. هن جون بمبئيءَ ۾ ڊئميلا انڊسٽريز هيون. هو ٽر کي تيل سپلاءِ ڪندو هو ۽ اتان ٻاجهري گهرائيندو هو. آئون 1977ع تائين گهوٽڪيءَ ۾ رهيس. سيٺ کاڪو مل چار پنج سال کن اڳ (سن 1982ع ڌاري) گذاري ويو.

1977ع کان پوءِ جيمس آباد ۾ ڪپڙي جو دڪان اچي کوليم جيڪو چار پنج سال هلايم ۽ ان بعد 1982ع کان سنگاپور ۾ آهيان.“

”پلا سنگاپور ڪيئن آئين ـ؟“ مون پڇيومانس.

”هڪ رسالي ۾ پڙهيم ته سنگاپور جي سنڌي مندر کي مهاراج جي ضرورت آهي. سنگاپور ۾ ڪيترائي سنڌي هندو رهن ٿا پر سڀ گهڻو ٿڪو واپاري ۽ وڏين نوڪرين وارا آهن. هنن مان ڪوبه پنڊت (Priest) نه آهي. حڪومت سنگاپور طرفان کين موڪل مليل آهي ته مندر لاءِ پلي سال ٻن لاءِ ٻاهران هڪ يا ٻه پنڊت گهرايو. وڌيڪ ضرورت جي حالت ۾، اهو مدو پورو ٿيڻ تي کين وڌيڪ سال ٻه رکندا رهو.

”هانگ ڪانگ مان هڪ ’پارت ـ رتنا‘ نالي رسالو نڪري ٿو جنهن جو ايڊيٽر مسٽر باب هري ليلا آهي. باب (Bob) جي ماسيُ گنگا

ٻائي جيڪا ستر پنجهتر سالن جي ٿيندي ۽ حيدرآباد جي صرافا بازار جي هڪ مندر ۾ رهندي هئي. ان وٽ اها مخزن ايندي هئي جنهن ۾ مون مٿيون اشتهار پڙهيو هو ۽ ٻوءِ ان لاءِ مون Apply ڪيو ۽ مون کي ٽن سالن لاءِ گهرايو ويو. ٽي سال پورا ٿيڻ تي هاڻ وري ٻين ٽن سالن جي ويزا ڏني اٿن."

نهال شرما پنهنجي ٻارن بابت ٻڌايو:

"منهنجا ٻار، منهنجي ماءُ ۽ زال سان ڳوٺ ۾ رهن ٿا. ماءُ تمام پوڙهي ٿي چڪي آهي. مون کي چار ڪڪيون ۽ هڪ پٽ آهي. وڏيءَ جو مايا نالو آهي. ٻيو نمبر ڪِڪو سياش آهي شيڀ معنيٰ سٺي ۽ آش معنيٰ اميد. يعني سٺي اميد. منهنجو اهو ڪڪو هن وقت نائين ڪلاس ۾ آهي. منهنجي هيڏانهن اچڻ بعد، منهنجي هڪڙي ڪِڪي گذاري وئي. منهنجي ٻارن ۾، اها سهٽي ۾ سهٽي هئي ۽ مون کي گهٽي ڪان گهٽيون آسيسون (Blessings) ڏيندي هئي ته اسان جو بابا دنيا ۾ وڏو ماڻهو ٿئي. ان کان پوءِ جيڪي باقي ٽي ڪِڪيون آهن تن مان وڏي سنيتا، ٻي بينو ۽ ٽين ننڍڙي آهي گاوتري. گاوتري سيني ۾ هوشيار آهي، اڳئين دفعي ڳوٺ ويس ته گاوتريءَ مون کي چيو:

."بابا سؤ رپيا ته ڏي."

"اڙي" مون چيو، "سؤ رپيا؟ ٻار رپيو گهرندو آهي، پنج رپيا گهرندو آهي تون سؤ رپيا ڇا ڪندينءَ؟"

چيائين: "هو اسان جي گهر جي سامهون جيڪو شاهوڪار وائٽي جو گهر آهي نه، ان جي ڇوڪري روز مون کي سؤ جو نوٽ ڏيکاري سڪائيندي آهي ته توهان غريب ڪنگال آهيو. توهان وٽ ٿورا پئسا آهن. سو آئون به هن کي اڄ سؤ رپيا ڏيکاري ٻڌائڻ چاهيان ٿي ته توهان ٻاڻ کي ڇا ٿا سمجهو. منهنجو بابا به ولائت ۾ رهندو آهي."

بس ٻارن جون ڳالهيون ٻارن جهڙيون. جڏهن سؤ جو نوٽ ڏنومانس ته چيائين:

'پر بابا به سؤ ڏيندائو ته وڏيڪ سٺو ٿيندو.'

”مطلب اهو تہ منهنجي ڌيءَ پاڙي واري ڇوڪريءَ تي وڏيڪ رعب رکڻ ٿي چاهيو. سو هتي پرديس ۾ ويهي ان قسم جون ٻارن جون ڳالهيون ڏاڍو ياد اچن ٿيون. پيٽ خاطر وطن ڇڏي پرديس ۾ رهڻو پوي ٿو. ٻارن کي بہ اهو احساس آهي تہ بابا کان اسين پري آهيون. فون تي جڏهن بہ ساڻن ڳالهائيندو آهيان تہ ٻار چوندا اٿم تہ بابا يلي ٿورا بہ پئسا هجن پر اسان کي پاڻ سان گڏ رکو، اسين ڏاڍو اداس آهيون. سيني ٻارن جا مائٽ جڏهن آفيس کان روز موٽي اچن ٿا تہ اسين بہ اها ئي دعا گهرون ٿا تہ اسان جي بابا کي بہ ڪا اهڙي ئي نوڪري هجي جو شام جو گهر موٽي اچي.“

## "ما ـ اندام" ـــ ڪنوار جي ٻي ماءُ

ملئي زبان ۾ ماءُ کي Ibu (اِبُو) چون. پيءُ Bapa (بابا) ۽ سڏڻ وقت Aya (آيا) چون. ماءُ کي سڏڻ وقت Mak (ما) چون. ملئيءَ جي ڪيترن لفظن ۾ K لکيو ويندو آهي پر اچاربو نہ برابر آهي.

ملئي ڇوڪرين جي شاديءَ وقت اصلي ماءُ کان علاوه هڪ ٻي ماءُ بہ نظر ايندي آهي جيڪا Mak- Andam ـــ ڪنوار جي ماءُ جي نالي سان سڏبي آهي. هن جو ڪم ڪنوار کي ناهڻ سينگارڻ هوندو آهي. جيئن اسان وٽ شاديءَ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ کان اُستيءَ (حجامڻ) جو ڪم هوندو آهي ڪنوار کي اکيو ٻڌي اندر وهارڻ، ابٽڻ (پيٺو) هٽي سهٽو بنائڻ ۽ شاديءَ رات لائڻن تي وٺي اچڻ وغيره. تيئن هتي ملائيشيا ۾ ملئي ماڻهن جي شاديءَ ۾ ما ـ اندام جو ڪم هوندو آهي ڪنوار کي ناهڻ سنوارڻ، شادي واري ڏينهن ڪنوار جي رهنمائي ڪرڻ تہ گهوٽ ۽ مهمانن جو ڪيئن آدرياءُ ڪجي ۽ ڪيڪارجي. (پاڻ وٽ ڪنوار کي ڪنڌ هيٺ ڪري وهڻ جي تاڪيد ڪبي آهي ـ پوءِ پلي ڪيس تي ڏينهن ڪنڌ ۾ سور رهي. پر هتي ملائيشيا توڙي سنگاپور جي شادين ۾ ڪنوار کي ڳالهائڻ ٻولهائڻ کان ايتري جهل پل نہ ڪئي ويندي آهي). بهرحال اها سڄي Guide Line ڏيڻ ۽ ڪنوار کي ناهڻ جوڙڻ جو ڪم، ملائيشيا ۾، ما ـ اندام جو آهي ۽ پاڻ وٽ اُستيءَ جو آهي.

هاڻ اها ٻي ڳالهہ آهي تہ نت نوان ميڪ اپ جا سامان ۽ بيوٽي پارلر کلڻ ڪري، اڄڪلهہ ماڻهن کان اهي اصلي حجام وسري ويا آهن ۽ ورلي ڪا ڪنوار انهن روايتي استين (حجامڻين) کان منهن ۽ جسم تي، اٽو ٿڦائڻ پسند ڪن ٿيون. هرڪا ڪنوار شاديءَ واري ڏينهن چار پنج سؤ رپيا ڏيئي بيوٽي پارلر تان ميڪ اپ ۽ وار ٺهرايو اچي، جتي جون

ينهن ڪنهن انسٽيٽيوٽ مان ميڪ اپ جو ڪورس ڪريو، وتي اوڙي اڙي جي ڪنوارن جا منهن سجائيندي. ڪراچي، حيدرآباد، سکر، ڙڪاڻو تہ ڇڏ پر ٽنڊو جان محمد، ٽنڊو قيصر، ميهڙ، مٽياري ۽ جهڙي ڪنريءَ جهڙن شهرن جون بہ ڪيتريون وانديون وانديون، رات اندر ميڪ اپ جون آرٽسٽ تي پيون آهن ۽ 'هلي نہ هلي وٺ رينگٽ ڪي' چواڻي، لالين، سرخين ۽ روجن جا ليپ هٽي، غريب ڪنواريتن مان بہ، پيا بہ ٽي سؤ تڳايو ويٺيون آهن.

ملائيشيا جو بہ ڪجهہ اهوئي حال آهي. 'ما ـ اندام' تہ تمام پراڻيون، هوشيار ۽ خانداني آهن. يعني هنن جي ماءُ، نانيءَ بہ اهوئي ڪم ڪيو تي. هو نہ فقط ڪنوار جي ميڪ اپ ۽ وار ناهين، پر ڪنواريتن کي اهڙن موقعن مهلن تي، نهڪندڙ وهنوار، ريتون، رسمون ۽ محفل جا آداب ٻڌائڻ ۽ رهنمائي ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿيون. پر ڪي وري ڏسندي ئي ڏسندي ائين ئي ما ـ اندام ٿي پيون آهن. اسان جي آفيس ۾ هڪ پوڙهو ڪمپائونڊر آهي. پنجونجاهہ سٺ سالن جو ٿيندو. سندس زال مسز راس الياس بہ ان ئي عمر جي ٿيندي. سندس پيءُ انڊونيشي هو ۽ ماءُ ملئي هئي. هن عمر ۾ بہ کيس ناچ گاني جو اهڙو شوق جو ڪٽي نئين سال جو ڏينهن هجي يا عيسائين جي ڪرسمس پارٽي، ساليانى گڏجاڻي هجي يا ڪٺڏتن جي فيئرويل ڊنر. هيءَ ضرور هڪ ٻن سان نچي داد وٺندي. کيس واپار وڙي جو پڻ ڏاڍو شوق آهي. ڪڏهن آفيس جي ڪئنٽين جو نيڪو ڪٽي، ديگڙو پت جو ۽ مڇيون گانگٽ رڌي پيئي وڪڻندي، تہ ڪڏهن دڪانن تان ڪپڙن جا ڪٽ ـ پيس سستي اگهہ ۾ وني، ڳوٺ جي غريب عورتن کي قسطن تي پيئي وڪڻندي. هر وقت فل ميڪ اپ ۽ چمڪندڙ ويس وڳي ۾ نظر ايندي. ڪيڪار ڪڙي اهڙي ڪندي چڻ ويجهي مائٽياڻي هجي ـ اجا بہ ائين چئجي تہ ڪا پراڻي ساهيڙي هجي.

هڪ دفعي ڪراچيءَ کان ٽيليويزن جي پروڊيوسر، آپا سلطانہ صديقي اسان وٽ گهمڻ آئي. کيس ملئي ماڻهن جي شادي ۽ ٻين رسمن ڏسڻ جو شوق هو. خبر پئي تہ پر واري ڳوٺ ۾ ڪنهن جي شادي آهي.

مسواڙ تي ونبا آهن. ويندي ڳهه به، جيڪي رولڊ گولڊ جا ڪوڙا تين ۽ ڪنوارن لاءِ مسواڙ تي ملن).

مسز راس ڪي سرباٽ ۾ چيم: ”ما ـ اندام راس! وڏي پاڳ واري آهين. بچي وئي آهين.“

”چو چو ـ؟ اهو پلا ڪيئن؟“ هوءَ وائڙي تي ويئي.

”ڏس نه“، مون ڪلي ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، ”هڪ ته ڪنوار تي پيئي آهي ڳوٺ جي. بيو ته هوءَ اڳهين ايڏو گهٽي سهٽي آهي جو ساٽس هيءَ تعدي ڪرڻ بعد به، ماٺيپي ۾ لڳي تي.“

سال اڌ مسز راس ’ما ـ اندام‘ جون ڊيوٽيون سرانجام ڏنيون. پر هاڻ، هي مضمون لکڻ دوران، مونکي خبر پيئي آهي ته هن هڪ نئون ڌندو شروع ڪيو آهي ۽ ما ـ اندام جو ڪم ڇڏي ڏنو آهي. بقول سندس، اڄڪلهه جيڪا ملئي عورت گهر کان رسي تي، سا ما ـ اندام ٿيڻ چاهي تي. ان ڪري هاڻ هوءَ رنگين مڇيون ۽ مڇين جا ننڍڙا گهر Aquariums وڪڻي تي. اهي شيون، هوءَ سنگاپور کان روڪ تي سستيون وني، ملائيشيا جي ڳوٺن ۾ اوڌر تي ڏئي تي. (ملائيشيا جي ڳوٺن ۾ اوڌر ۽ قسطن تي شيون وٺڻ ائين ئي عام آهي جيئن سنڌ جي ڳوٺن: جهانگارا باجهارا، ٽنبر، ڪنڌڪوٽ ۾. ٻنهي پاسي ڪو تر جو به فرق ناهي. ڪي اوڌر موٽائين، ڪي کائي وڃن، ڪي منهن ڏيکارڻ کان مهانگا تي وڃن).

هتي اهو لکڻ به دلچسپيءَ کان خالي نٿو سمجهان ته مسز راس جو نالو ـ يعني Ros، هتي ملائيشيا ۾، عورتن جو هڪ عام نالو آهي. اهو نالو ائين آهي جيئن پاڻ وٽ مردن ۾ گل يا گلاب. ملائيشيا ۾ گلاب جو گل ۽ صوف نه ٿئي. انهن جو تعارف انگريزن ڪرايو ۽ انهن جو نالو سنئون سڌو انگريزيءَ تان ڪنيل آهي. يعني صوف (Apple) کي ملئي زبان ۾ Apel اپل چون ۽ گلاب (Rose) کي Ros راس چون. راس ملئي زبان ۾ مؤنث هجڻ ڪري، اهو عورت جو نالو آهي. گلاب سنڌ ۾ خبر ناهي مذڪر آهي يا مؤنث پر هالا ۾ مذڪر به آهي ته مؤنث به. يعني

گلاب نالي جا مرد بہ آهن تہ عورتون بہ.

سنگاپور، انڊونيشيا، ملائيشيا ۽ برونائيءَ ۾ سيئي ما ـ اندام مٿين مسز راس الياس جھڙيون بہ نہ آهن جن سڄي عمر گھمڻ ڦرڻ، نچڻ ٽپڻ، پيٽ رڌڻ ۽ وڪڻڻ بعد هاڻ پيريءَ ۾ اچي اهو ڌنڌو شروع ڪيو آهي. شايد اهوئي سوچي تہ ان ڪان سولو ۽ گھٽ سيڙپ ۽ گھٽي منافعي وارو ٻيو ڪو ڌنڌو ناهي.

ڪي ڪي ما ـ اندام پنهنجي ڪم ۽ ڊيوٽيءَ ۾ تمام گھٽيون تجربيڪار ۽ ڄاڻ واقفيت واريون آهن ۽ جن سڄي عمر، هن ڌنڌي ۾ گذاري ڇڏي. جن لاءِ اڄ بہ ملائيشيا، سنگاپور جون ڪيترين ئي ملئي ڇوڪريون، ڳالھ ڪنديون آهن تہ سندن ماءُ جي شادي ٿي تہ بہ اهائي ما ـ اندام هئي ۽ جڏهن سندس شادي ٿي تڏهن بہ اهائي ما ـ اندام هئي. ما ـ اندام نہ ٿي طارق عزيز ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ٿيا.

مئڊم سام سعيد نالي، هڪ ان قسم جي، جھوني ما ـ اندام سان، سنگاپور ۾ ڳالھ ٻولھ ٿي. جنهن جا ٽڪرا پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ هيٺ ڏجن ٿا. جن مان ما ـ اندام جي ڊيوٽين ۽ جوابدارين جي ڄاڻ پئجي سگھي ٿي.

ــــ سنگاپور ۾ ڇنڇر جو اڌ ڏينهن ۽ آچر موڪل ٽيڻ ڪري هندو، عيسائي، چيني توڙي ملئي مسلمانن جون شاديون بہ انهن ئي ڏينهن تي ٿين ٿيون. ان ڪري اهي بہ ڏينهن آئون سخت مشغول هوندي آهيان. پوءِ ڪنهن هفتي، هڪ يا بہ شاديون ملنديون اٿم تہ ڪنهن هفتي چار پنج. ان ڪان مٿي پڄي نہ سگھندي آهيان.

ــــ شاديءَ کان بہ هفتا اڳ، ڪنوارين جي منهن جي ميڪ اپ جو سوچڻ ۽ انهن جي رنگ ۽ قدبت مطابق ويس وڳا هٿ ڪرڻ شروع ڪندي آهيان.

(پڙهندڙن جي معلومات لاءِ هڪ دفعو وري لکان ٿو تہ نہ فقط ملائيشيا ۾ پر سنگاپور ۽ انڊونيشيا ۾ پڻ، غريب توڙي امير گھرن جا گھوٽ ڪنواريون، شاديءَ وارا بہ چار ڏينهن مختلف وڳا مسواڙ تي وٺي

پائين. ان لاءِ هر شهر ۽ ڳوٺ ۾ ڪيترائي اهڙا دڪان آهن جتي مختلف رنگن، ماپن ۽ نمونن جا وڳا ۽ ڪوڙا ڳهه مسواڙ تي ائين ملن جيئن پاڻ وٽ تنبو (شاميانا) ۽ رڌ پچاءَ لاءِ پليٽون، ديڳيون ۽ چمچا ڪفگير. پاڪستان ۾ اجا به شاديءَ رات واري وڳي تي وڏا خرچ ٿين ٿا جيڪو ڪنوار، فقط اها رات پائيندي آهي. ان بعد ان کي لوهي صندوق ۾ رکيو ويندو آهي جتي باقي عمر (يعني وڳي کي ۽ نه ڪنوار کي)، ڪاڪروچ ڪائيندا آهن يا ٽئو.)

ــ اربع ۽ خميس ڏينهن تي سيني ڪنوارين جي شاديءَ جا جوڙا، ڳهه ڳنا ۽ ٻيو سامان هِتان هُتان هٿ ڪري پنهنجي گهر ۾ ٺاهي رکندي آهيان.

ــ ڇنڇر جو ڏينهن مون لاءِ تمام گهٽي پيچ ڊڪ جو ڏينهن هوندو آهي. ڏهين ٻجي سيني ڪنوارين جا وڳا ڪٺي هر هڪ ڪنوار جي گهر پهچائيندي آهيان. ضرورت ۽ ڇهري مطابق ڪنوارين جي وارن جي ڪٽائي ۽ ٺوري گهٽي بنيادي ميڪ اپ پڻ ان وقت ڪري ويندي آهيان. وڏيڪ سينگار ۽ ڪنوار کي وندرائڻ لاءِ هن وٽ هڪ عدد Beautician ڇوڪري ڇڏي ويندي آهيان. ان ڪم ۾ مدد ڪرڻ لاءِ مون اٺ بيوٽيشن (سينگار ۽ سجاوٽ جو ڪم ڪرڻ واريون ڇوڪريون) پگهار تي رکيون آهن. جيئن هڪ ڪان وڌيڪ شاديون هجن ته هو همراهي ڪرائين ۽ تيسين آئون ٻين گهرن مان ٿي اچان.

ــ شاديءَ وارن ڏينهن ۾ ڪنوار جا ماءُ پيءُ مهمانن کي منهن ڏيڻ ۽ ٻين ڪمن ۾ مشغول ٿين ٿا ان ڪري اهي ڏينهن ما ـ اندام، ڪنوار جي ماءُ تي رهي ٿي. ان ڪري اسان جو ڪم آهي ته ڪنوار کي هر طرح سان خوش ۽ وندرائي رکون.

ــ ملئي مسلمانن جي شاديءَ ۾ پهريون اهم ڪاڄ (Ceremony) ’عقد نڪاح‘ آهي جيڪو ڪنوار جي گهر ٿئي ٿو يا وري سنگاپور جي سرڪاري ڪاتي: 'Registry of Muslim Marriages' جي ڊپارٽمينٽ ۾.

ــ ان بعد مينديءَ لڳائڻ جي رسم ٿئي ٿي، جنهن کي ملئي زبان

۾ (Bernai) برنائي چون ٿا. ان رسم ۾ ڪٽنب ۽ پاڙي جا وڏا گھوٽ ڪنوار کي آسيسون ڏيڻ لاءِ ايندا آھن. ڪنوار کابي پاسي کان ۽ گھوٽ ساڄي پاسي کان ٿي وھندو آھي. پوءِ آئون ٽن ٽن يا پنجن پنجن جي ٽولي ۾ آيل ماڻھن کي گھرائيندي آھيان تہ اچي گھوٽ ڪنوار سان ملن ۽ سندن مٿان، ھئڊي رنگ جي چانورن، اتي ۽ مينديءَ جي ورڪا ڪن.

(ملئي شادين ۾ مينڊي نہ فقط لڳائي ويندي آھي پر سڪل حالت ۾ مٿئين سامان سان گڏ گھوٽ ڪنوار مٿان برڪي ويندي آھي.)

— ڪڏھن ڪڏھن آيل مھمان گھوٽ ڪنوار جي ويجھو ايندي شرمائيندا آھن. ما - اندام جو اھو بہ ڪم آھي تہ معزز مھمانن کي دعوت ڏيئي اڳيان وٺي اچي. ان بعد مھمانن کي ماني کارائي ويندي آھي.

— آچر جي ڏينھن صبح جي وقت شاديءَ وارن ڪيترن گھرن ۾ گھٽو ڪري پھرين قرآن خواني ٿيندي آھي. ان بعد برسندنگ (Bersanding) جي رسم ھلندي آھي جنھن ۾ گھوٽ ڪنوار ھڪ ٻئي جي پرسان، اسٽيج يا صندل تي ٿي وھندا آھن. (ھيءَ رسم ائين آھي جيئن پاڻ وٽ لانئن جي رسم). برسندنگ دوران ڪجھہ سانت سوڻ بہ ڪيا وڃن ٿا، جن جو مذھب سان نہ پر مقامي ڪلچر سان واسطو آھي. جيئن پاڻ وٽ ڪيترائي سانت ٿين ٿا. جھڙوڪ: ڪير پيارڻ جو سانت، چمڪون يا وچٽي جو سانت، مُٺ کولڻ يا ڌوري چوڙڻ جو سانت، ترَ مٿڻ جو سانت، ٿل چونڊائڻ جو سانت - وغيره وغيره.

— ملائيشيا ۽ سنگاپور ۾ ان ئي ڏينھن شام ڌاري نيڪيٽي (رخصتي) ٿئي جنھن کي ملئي ماڻھو (Bertandang) برتندانگ چون ۽ ڪنوار کي گھوٽ گھر وٺي اچن.

— برتندانگ مھل ما - اندام گھوٽ ڪنوار سان گڏ ھلندي آھي ۽ منھنجو ڪم آھي تہ کين آھستي آھستي ۽ فضيلت سان وکون کڻي ھلڻ لاءِ پارت ڪريان.

— شاديون پوريون ٿيڻ بعد منھنجو مڙس، ھڪ ھڪ گھر مان گھوٽ ڪنوار جا مسواڙي وڳا ۽ انھن جي مسواڙ وٺي دڪاندارن کي

واپس ڪندو آهي.

ـــ ما ـ اندامر ڪان علاوه، آئون ڪجهہ ٻين ڳالهين ۾ پڻ حصو وٺان ٿي. سنگاپور جي سري وانا گروپ ۽ Instant Asia Cultural Group جي پڻ ميمبر آهيان جتي ملئي ناچ ۽ ملئي ڪلچر جي واڌاري لاءِ اسين عورتون گڏجي ڪم ڪيون.

ـــ موڪل وارن ڏينهن ڪان علاوه باقي ڏينهن، صبح جي وقت آئون فل ٽائيم گهرو عورت آهيان. صبح جو ڇهين بجي اٿي پُٽ لاءِ نيرن تيار ڪندي آهيان. ستين بجي جيئن ئي هو اسڪول روانو ٿيندو آهي تہ آئون اڌ ڪلاڪ ڪن لاءِ واڪ لاءِ نڪرندي آهيان. ان بعد ڪلاڪ ٻن لاءِ ڪجهہ لکپڙهہ جو ڪم ڪريان. ان بعد منجهند جي ماني تيار ڪندي آهيان. آئون رڌپچاءَ ۾ بلڪل هلڪو ڦلڪو تيار ڪريان، ان ڪري ساڍي ڏهين ڌاري ئي واندي ٿي ويندي آهيان.

ـــ هڪ بجي ڌاري منهنجو پٽ اسڪول ڪان موٽندو آهي ۽ ماني گڏ ويهي کائون. ان بعد هن کي ٽيوشن ۽ قرآن لاءِ موڪلي آئون پنهنجي ڊنڊي ۽ ميٽنگن لاءِ رواني ٿيندي آهيان.

ـــ منهنجو مڙس بزنيس مئن آهي ۽ هڪ دڪان ۾ مئنيجر آهي. آئون ٻاويهن سالن جي هيس تہ منهنجي هن سان شادي ٿي. شاديءَ ڪان اڳ آئون ڊانسر ۽ ڊيزائنر هيس. ان بعد ما ـ اندامر جو ڪم جيئن ئي شروع ڪيم تہ اڄ ڏينهن تائين جاري رکندي اچان.

## شهنشاهہ کان شهريءَ تائين

فلمي دنيا سان منهنجو ڪو واسطو ڪونهي ۽ نہ وري ڪو شهزادو گلفام آهيان جو فلمي ڪالم لکان. پر اڄ هڪ انگريزي فلم 'The Last Emperor' جو هتي ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو، جيڪا ڏينهن بہ اڳ هتي ملائيشيا ۽ پر واري ملڪ سنگاپور ۽ ٿائلنڊ ۾ رليز ٿي آهي ۽ جيسين هي مضمون مڪمل ٿئي ۽ ڇپجي، تيسين اها فلم پاڪستان ۾ بہ ضرور اچي ويندي.

هن فلم 'The Last Emperor' (چين جو آخري شهنشاهہ) سان منهنجيون بہ ڪجهہ يادون جڙيل آهن. هڪ تہ فلم جا ڪجهہ حصا جيڪي چين ۾ فلمائجي رهيا هئا، ان لاءِ چين ويندڙ فلمي يونٽ سان منهنجي بہ ملاقات ٿي هئي. فلم جي ڊائريڪٽر يا پروڊيوسر سان هٿ هٿ ۾ ملائي ڪونہ هليو هوس. پر مڙئي هوائي عليڪ سليڪ ٿي هئي.

ملائيشيا اچڻ لاءِ سنگاپور ايئر پورٽ تي هوس تہ هن فلم جو يونٽ، جهاز جي اڏام بدلائي هانگ ڪانگ ۽ پوءِ پيڪنگ وڃڻ لاءِ ساڳي انتظارگاهہ ۾ اچي ويٺو هو. اتي ويٺل ڪجهہ چيني ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين هنن کي سڃاڻي ڪانئن آٽوگراف ورتا ۽ آئون بہ رڙهي پرسان وڃي ويٺس ۽ هڪ لکندڙ جي حيثيت ۾ ڪانئن فلم بابت پڇندو رهيس. ان بعد ان فلم جو نالو ڌيان ۾ هوم ۽ ارادو ڪيم تہ اها فلم جڏهن نهندي تہ ضرور ڏسندس.

۽ ٻيو تہ اها فلم جيڪا چين جي آخري بادشاهہ بابت ٺهيل آهي ان بادشاهہ کي، ان فلم ٺهڻ کان گهڻو اڳ ڏٺو هوم. يعني فلم جو شهنشاهہ جو ائڪٽر ٿيو آهي، اهو نہ، پر حقيقت وارو شهنشاهہ جيڪو

ٻاهٺ ورهين جي ڄمار ۾، سن 1967ع ۾ گذاري ويو، جنهن تي هيءَ فلم ٺهي آهي.

توهان شايد يقين نہ ڪريو تہ هڪ شهنشاهہ سان مون جهڙو هڪ عام ماڻهو ـ بلڪ انهن ڏينهن ۾ هڪ شاگرد هوس، ڪيئن ملي سگهي ٿو ۽ ان ڳالهہ کي ڪوڙ سمجهو يا شايد توهان متاثر ٿيو تہ آئون ڪا اهڙي اهم هستي آهيان جيڪو شهنشاهن بادشاهن سان ملندو وتان. پر ائين هرگز ناهي. سچو ڏينهن گهمڻ ڦرڻ بعد بک ۾ ڀاهہ تي پيڪنگ جي هڪ پارڪ ۾ ڊبل روٽي ۽ بسڪوٽ کائي رهيو هوس (ڇو جو هوٽل جي ماني مهنگي ٿي ٿئي ۽ ان وقت تہ ڪنهن سستي هوٽل ۾ بہ کائي نٿي سگهيس)، تہ ان وقت ان پارڪ جي هڪ مالهيءَ سان ملاقات ٿي. پاڻ ۽ ٻين چيني همراهن هن بابت ٻڌايو تہ اهو چين جو آخري شهنشاهہ پوئي (Pu-yi) آهي. سنهو ڏبرو سادن ڪپڙن وارو هي چيني همراهہ ڪنهن زماني ۾ وڏي شان سان ضرور تخت تي ويٺو هو پر هاڻ هڪ مالهي هو ۽ ان پارڪ جي سار سنڀال لڌائين ٿي.

ٽن هزار سالن کان هلندڙ ڦنگ گهراڻي (Qing) جي هن آخري شهنشاهہ پوئيءَ (Pu-yi) تي اٽليءَ جي مشهور ڊئريڪٽر برناردو برٽولوسيءَ 'دي لاسٽ ايمپرر" نالي فلم ٺاهي آهي. چين جي هن آخري شهنشاهہ پوئيءَ جي بيحد دلچسپ ڪهاڻي آهي. Rags to Riches (غريبيءَ کان اميريءَ) ڏي سفر تہ ڪيترن بابت ٻڌجي ٿو پر هن بادشاهہ جي ڪهاڻي اميريءَ کان غريبيءَ جي ڪهاڻي آهي. چين جهڙي هڪ اعليٰ سلطنت جو شهنشاهہ ٿيڻ بعد تخت ۽ تاج تان لهڻ، جيل ڪاٽڻ ۽ آخر ۾ هڪ عام ماڻهو ٿي باغ ۾ مالهيءَ جي نوڪري ڪرڻ، پوئيءَ جي ڪهاڻي آهي. جنهن کي ڪيترا ماڻهو اونداهہ کان روشنيءَ جو سفر بہ سڏين ٿا. ڇو جو پوئي شهنشاهہ مان لهي جڏهن هڪ عام ماڻهو ٿيو تہ هن کي صحيح معنيٰ ۾ هن دنيا جو مزو آيو.

مائوزي تنگ، چنگ ڪائي شيڪ ۽ سن يات سين جي ڪميونسٽ، سوشلسٽ ۽ ريپبلڪ راڄن کان اڳ چين تي بادشاهي راڄ

هو جيڪو ايامن کان هلندو پئي آيو. هڪڙو بادشاهه تخت تي ويهي لٿو ٿي ته ٻيو چڙهيو ٿي. ڪئانگ شو بادشاهه (1875ع کان 1908ع) جي وفات بعد پوئي، جيڪو ان وقت ٽن ورهين جو هو، تخت تي وهاريو ويو. تخت به نيپال، ڀوٽان، سڪاري لئنڊ جو نه پر ان ملڪ چين جو جنهن جي تهذيب ۽ تمدن ماڳان ماڳ هاڪيل هئي. جنهن ملڪ ۾ دنيا جو اڌ عوام رهيو ٿي ۽ حاڪم به هندستان جي حاڪم وانگر فقط 'جلوه هند' نه هو، ۽ نه ملئي سلطان وانگر هو جنهن جي پيرن جي خاڪ عوام سمجهي وجي ٿي. چين جي شهنشاهه جو انهن مڙني کان مٿاهون مرتبو هو. جپان جو شهنشاهه ته فقط سج جو پٽ سمجهيو وجي ٿو پر چين جو هي شهنشاهه، هن کان اڳ وارن بادشاهن وانگر ستن آسمانن ۽ جنت جو پٽ، ڏهه هزار سالن جو مالڪ - وغيره وغيره سمجهيو ويو ٿي. پر پوءِ اهو شهنشاهه جيڪو 1908ع ۾ ٽن سالن جي ڄمار ۾، ان اعلىٰ تخت تي وڏي شان شوڪت ۽ هستي مستيءَ سان ويٺو هو، پورن ٽن سالن بعد 1911ع ۾ لاٿو ويو.

تخت تان لهڻ بعد به عوام هن کي ديوتا جو ئي مان مرتبو ڏيندو رهيو، ۽ حڪومت تخت ۽ تاج کان علاوه ڪيس ٻي هر سهوليت مهيا ڪري ڏني. سندس هر انگل آرو ۽ ناز رکيو ويو. بس ڪيس روڪيو ويو هو ته ان ڳالهه کان ته محل کان ٻاهر (پيڪنگ شهر کان ٻاهر) قدم نه ڪڍي. ۽ اهو سلسلو ارڙهن سالن جي ڄمار تائين هلندو رهيو. ان بعد جنگجو سردارن (War Lords) جيئن ئي پيڪنگ تي قبضو ڪيو ته هن نوجوان کي سندس ٻن زالن سميت پيڪنگ مان تڙيو ويو جتان پوءِ هي همراهه چين جي هڪ ٻئي شهر تائينسن (Tientsin) ۾ اچي رهيو. اتي وڏيڪ چڙواڳي ملڻ ڪري هن مغربي نموني جي عياش پرست Play Boy واري زندگي گذاري.

پوءِ 1931ع ۾ منچوريا تي جڏهن جپان سوپ حاصل ڪئي ته هن شهنشاهه کان هڪ غلطي ٿي وئي. جپانين هن کي جڏهن تخت تي وهڻ جي آڇ ڪئي ته ان کي نڪرائڻ بدران، شهنشاهه ٿيڻ لاءِ هن ڪٺي

هائوڪار ڪئي ۽ جپانين جي هٿن ۾ ڪٺ پتلي ٿي مانچوريا (جنهن کي جپاني مانچوڪو سڏڻ لڳا) جو حاڪم مقرر ڪيو ويو. پر ان حڪومت گهڻو جٽاءُ نہ ڪيو. ٻي وڏي لڙائي دوران سائيبيريا جي روسي ڇٽي بردار فوج (1945ع ۾) مانچوڪو تي جلهہ ڪري ان کي پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڇڏيو. ٻي وڏي جنگ ۾ هارائڻ ڪري جپانين جو حال هيٺو هو. پاڻ کي بچائين يا ٻين جي سار سنڀال لهن. نتيجي طور جپاني فقط ڏسندا رهيا. روسي فوجين پوئي ۽ ٻين کي قيدي بنائي سائيبيريا جي برف باري وارن جبلن ۾ وچي بند ڪيو. پوئيءَ سان گڏ سندس ڀاءُ پوجائي (Pu-jie) کي بہ اتي جيل ۾ رکيائون. ۽ پوءِ پنجن سالن بعد 1950ع ۾ جيئن ئي چين مــائوزي تنگ جي چنبي ۾ آيو تہ روسين انهن قــيــدين کي واپس چين موڪلي ڏنو.

شهنشاهہ پُوئيءَ سميت سيني قيدين کي اهائي اميد هئي تہ چين پهچڻ تي مائوءَ جا ماڻهو کين ماري ڇڏيندا. هن فلم The Last Emperor جي شروعات اتان ٿئي ٿي. هي قيدي، سائبيريا جي جيل کان، مانچوريا جي بارڊر واري شهر ۾ ريل رستي پهچن ٿا. پر مائوءَ جي حڪومت کي ٻيون ئي سوچون هيون. جيتوڻيڪ پوئي شهنشاهہ جي ’چنگ‘ (Ching) قوم سان، مائوءَ وارن جي سخت نفرت هئي پر هنن کي مارڻ بدران جيل ۾ رکي سڌارڻ جو پڪو پهہ ڪيو. سو شهنشاهہ پُوئي ۽ سندس ننڍي ڀاءُ پوجائيءَ ڏهہ سال وڌيڪ جنگي قيدين سان گذاريو. چين ۾ اها ڳالهہ عام ٻڌڻ ۾ آئي ٿي تہ شهنشاهہ پُوئي جڏهن جيل ۾ هو تہ مائوزي تنگ ڪڏهن ڪڏهن چرچي ۾ چوندو هو تہ مون کان پوءِ، منهنجي تخت جو وارث هي پُوئي ٿيندو. ۽ جيل مان نڪرڻ تي مائوءَ ئي ڪيس اها مالهيءَ جي نوڪري ونرائي ڏني تہ وڻنو گلن کي پاڻي ڏي. اهڙي طرح چين کي سهڻو بنائڻ لاءِ ڪجهہ سندس بہ خدمت ڳڻي ويندي. بهرحال 1959ع ۾ کيس معافي ڏيئي کيس جڏهن جيل کان ٻاهر ڪڍيو ويو تہ بقول هن جي، هو پاڻ ۾ هڪ وڏي تبديلي محسوس ڪرڻ لڳو ۽ هو هڪ نئين ماڻهوءَ جي روپ ۾ بدلجي چڪو هو. اها ڳالهہ پوئيءَ پنهنجي آتم ڪهاڻي

”شهنشاهه کان شهريءَ تائين“ ۾ لکي آهي. هن هڪ عام ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ پيٽ گذر لاءِ نوڪري ڪئي ۽ زندگيءَ جا باقي اٺ سال اتي باغ ۾ ئي مالهي ٿي گذارئين.

سندس زندگيءَ جا اهي آخري سال هئا جن ۾ هن صحيح طرح هڪ نارمل زندگيءَ مان لطف حاصل ڪيو. ان کان اڳ ان جهڙي آزاديءَ بابت هن ڪڏهن سوچيو به نه هو. هو هڪ عام ۽ غريب ماڻهن وانگر گهٽين ۾ سائيڪل هلائيندي نظر اچڻ لڳو. پنجاهه سال کن اڳ، چين جي ازدها تخت (Dragon Throne) تي ويٺل اهو شهنشاهه جنهن جي هزارين ڪمرن واري محلات ۾ هزارين مرد، عورتون ۽ ڪدڙا خدمتگار هئا، هاڻ هڪ سادڙي گهر ۾ رهڻ لڳو. سستين ۽ عام هوٽلن ۾ ٿنگي چانهه ۾ ڊبل روٽي پسائي کائڻ لڳو ۽ سرڪاري بسن ۾ اسان جهڙن عام انسانن سان، ٽڪيٽ وٺي سفر ڪرڻ لڳو. پاڻ 1967ع ۾ ڪينسر کان گذاري ويو. سندس ياءُ پوجائي ـ جيڪو پوئيءَ کان سال پوءِ ڄائو اڃان جيئرو آهي. شڪل شبيه ۾ پاڻس پوئيءَ سان گهڻو ملي ٿو. هينئر پيڪنگ (بيجنگ) شهر جي اتر اوڀر واري حصي ۾ پنهنجي جپاني زال ۽ پنج ٻلين سان گذ رهي ٿو. مانچوڪو واري دؤر ۾ جپاني حڪومت، سندس شادي، زوريءَ ان جپاني عورت سان ڪرائي هئي، (ضرور جاسوسيءَ جي چڪر ۾) جيستائين هن جي حياتي آهي توهان هن سان ملي سگهو ٿا. دادا گرڊواٽي ۽ ابراهيم جويو صاحب وانگر طبيعت توڙي ڳالهائڻ ۾ هي حليم انسان هر آيل مهمان جي نئڙت ۽ نهٺائي سان آدرياءُ ڪري ٿو:

"Welcome. You meet a man who is no more than a drop of stagnant water that has been purified in an Ocean of the billion People..."

اها آهي چين جي آخري شهنشاهه پوئيءَ جي زندگيءَ جي ڪهاڻي جيڪا هڪ عجيب ۽ حيران ڪندڙ آهي. هو اڄ جي دؤر جو هڪ ’اينٽي هيرو‘ چئي سگهجي ٿو. ڪيترن کي ايران جي شهنشاهه پهلوي، عراق جي بادشاهه فاروق جي ڪهاڻيءَ کان به پُوئيءَ جي ڪهاڻي، ڪن

پهلوئن کان وڌيڪ Touching ۽ درد پيري لڳي ٿي. مغرب جا فلمساز هر عنوان تي فلم ناهيندا رهن ٿا پر خبر ناهي ڇو هنن کان هيءَ ڪهاڻي ۾ ايڏي دير ٿي ويئي. ٿي سگهي ٿو ان جو سبب چيني حڪومت کان فلم ناهڻ جي موڪل ملڻ ۾ دير ٿيڻ هجي. جيڪا موڪل هنن چڱا پنڌ ڪرائي پوءِ ڏني. پر ان جي ساک هرڪو ڏئي ٿو ته هڪ دفعو موڪل ڏيڻ بعد چين جي موجود حڪومت فلمسازن کي ڪنهن به قسم جي رنڊڪ يا تڪليف نه ڏني. 1986ع کان هيءَ فلم ٺهڻ شروع ٿي ۽ اٽڪل ٻن سالن ۾ ست ڪروڙ ڊالرن جي خرچ تي هيءَ فلم ٺهي راس ٿي. فلم ۾ چين جي هن آخري شهنشاهه پوئيءَ جي ننڍپڻ کان وٺي مرڻ تائين جي زندگي ڏيکاري آهي، جنهن ۾ ڦنگ گهراڻي جا آخري ڏينهن کان وٺي سن يات سين جي پهرين ريپبلڪ تائين، چانگ ڪائي شيڪ ۽ ٻي جنگ عظيم کان مائوزي تنگ جو دؤر ڏيکاريو ويو آهي. پوئيءَ جو ڪردار چئن ڄڻن ڪيو آهي. هڪ ننڍڙي ائڪٽر پوئيءَ جي ننڍپڻ جو رول ادا ڪيو آهي جنهن ۾ هو ٽن سالن جو ٻار آهي ۽ ٽن هزار سپاهين اڳيان سندس تاجپوشي ٿي رهي آهي. ٻيو ٻار اٺن سالن تائين جو ڪردار ادا ڪري ٿو. ٽيو ڄڻو 15 سالن کان 18 سالن تائين ۽ چوٿون جان لون (John Lone) ائڪٽر جيڪو ارڙهن سالن کان آخري ڏينهن تائين.

هن فلم ۾ ست اهم ڪردار آهن جيڪي ڇهن مختلف ملڪن: آمريڪا، انگلنڊ، چين هانگ ڪانگ، اٽلي ۽ جپان جا آهن. فلم جي شوٽنگ ۾ ٻين ڪمن ڪارين لاءِ هڪ سؤ کن اٽليءَ جا، ويهه ڄڻا انگلنڊ جا ۽ ٻيا چين جائي ماڻهو هئا. ان کان علاوه اوڻهين هزار ايڪسٽرا هئا جن ۾ چين جا ڪيترائي سپاهي به اچي وڃن ٿا. انهن ماڻهن لاءِ ڪاڏي پيتي ۽ گندي پوشاڪ جو بندوبست ڪرڻ واقعي هڪ وڏو پروجيڪٽ آهي.

فلم جو چڱو حصو ان محل ۾ فلمايل آهي جيڪو صدين تائين چين جي شهنشاهن جو محلات رهيو آهي. اڄ جي چيني حڪومت، ان محل جي، هاڻ عام ماڻهوءَ کي به گهمڻ جي اجازت ڏني آهي ۽ چين

گهمندڙن جي ھن محلات ڏسڻ لاءِ ڏمر ھوندي آھي. اڄڪلھ روزانو اٽڪل ماڻھو اھو محلات ڏسڻ اچن ٿا. اھو ھڪ ايڏو وڏو محلات آھي جنھن ۾ نوَ ھزار نوَ سؤ نوانوي (9999) ڪمرا آھن. (چينين جو اھو اعتقاد آھي تہ فقط جنت ۾ ئي ڏھ ھزار ڪمرا ٿي سگھن ٿا).

ھونءَ تواريخي فلمون گھڻو ڪري بور لڳنديون آھن پر ھن فلم کي ايڏو تہ دلچسپ بنايو ويو آھي جو ڏسڻ مھل وقت گذرڻ جي خبر ئي نٿي پوي.

## YOUR OLD PRAYERFULLY...

اسلام ۾ قبر کي پڪو ڪرائڻ يا گنبذ اڏائڻ جي اجازت آهي يا نہ. قبر کي سهڻو بنائڻ ۽ مٿان پڙ (چادرون) چاڙهڻ سان اندر دفن ٿيل جا گناهہ ۽ ڏوهہ معاف ٿي وڃن ٿا يا نہ. قبرن مٿان هٿ گهمائي پنهنجي منهن کي مَلڻ سان ثواب ۽ خوشحالي ملي ٿي يا نہ. ڪنهن بزرگ ۽ دين اسلام جي عالم جي پوئواري ڪرڻ بدران ان جي قبر جو مجاور ٿي وهڻ، ان نيڪ ولي اولياءَ وانگر نماز روزي جو پابند ٿيڻ بدران لوهہ جي پيتي اڳيان رکي، آئي وئي کان چندو اوڳاڙڻ وغيره، ڪيتري قدر صحيح آهي يا سخت بدعت. ان جو اسان ننڍي کنڊ (Sub- Continent) جي ماڻهن کي احساس نٿو ٿئي جو ڳوٺ ڳوٺ ۾ تہ ڇا پر هاڻ سپر هاءِ وي تي بہ قبرون، گنبذ ۽ انهن قبرن جا خدمتگار مجاور نظر اچن ٿا ۽ ننڍپڻ کان ڏسي ڏسي اهي ڳالهيون ڇڻ ذهن لاءِ قابل قبول ٿي ويون آهن. بقول هڪ تبليغي عالم جي: ”اسان جا ڪيترائي ڳوناٺا توڙي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو صحيح علم کان اڻ واقف آهن. هو شرڪ جي حد تائين قبرن ۽ جهنڊن کي ڏک سور لاهڻ جي گهُر ڪن ٿا ۽ جڏهن اسين مسلمان ڪلمو پڙهي چئون ٿا تہ الله کان سواءِ ٻيو ڪوبہ نہ آهي تہ پوءِ ان هستيءَ سان اسان ٻئي کي ڪيئن شريڪ ڪريون ٿا. اسلام ئي هڪ اهڙو مذهب آهي جنهن ۾ بندي ۽ رب جو سنئون سڌو تعلق آهي ۽ ڪنهن ٻائي ٻانيڻ، پادري پنڊت جهڙي ٽياڪڙ جي ضرورت ناهي تہ پوءِ ڇو ان رب سان سنئون سڌو نينهن لاهڻ بدران هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪون ٿا.“

---

منهنجو هڪ ملئي دوست، جنهن کي شاهہ جي شاعريءَ مان گهڻو ڪجهہ ترجمو ڪري ٻڌايو هوم، سو مون وٽ هالا آيو. واپسيءَ تي

پٽ شاهه وٽان لنگهندي اندر وٺي آيوسانس ۽ شاهه لطيف جي مقبري ويجهو اچي بيهاريومانس. ان وقت ڪجهه ڀهراڙيءَ جا ڳوناٺا مرد ۽ عورتون قبرن کي هٿ لاهي چمي رهيا هئا. مون انهن ڏي ڏسي ملئي پروفيسر ڏي داد وصول ڪرڻ وارين نظرن سان ڏٺو- يعني ڏس ته هي ڪيڏو وڏو بزرگ آهي جنهن وٽ عقيدتمندن جي رش لڳي پئي آهي جيئن ڪنهن سٺي ڊاڪٽر وٽ مريض جا انبار هوندا آهن. پر هو ان وقت ماٺ ۾ هو. پوءِ ڪوالالمپور پهچي چيائين: شاهه لطيف جيڪو سڄي عمر وحده لاشريڪ له جي تلقين ڪندو رهيو، اڄ جيڪڏهن جيئرو هجي ها ته هن کي اهو ڏسي ضرور ڏک ٿئي ها. هو جيڪا ڳالهه سمجهائيندي هن جهان مان هليو ويو ان تي جڻ ٽوٽلي ٿي رهي آهي.“

ان وقت، اها ڳالهه، هندستان جو هڪ مسلمان پروفيسر به ٻڌي رهيو هو. هن منهنجي چهري تي پئدا ٿيل اڻ وڻندڙ تاثر پڙهي ورتا. ملئي همراهه جي وڃڻ بعد هن مون کي سمجهايو:

”پاڻ پاڪستانين يا هندستانين کي ان بابت ڪجهه حقيقت پسند ٿيڻ کپي، ۽ ان غلطيءَ جو اعتراف ڪرڻ کپي. اهوئي سبب آهي جو حج دوران، حضور ﷺ جن جي روزي تي، عرب پوليس وارا اسان هندستان ۽ پاڪستان جي مسلمانن کي ڇهبڪ هڻن ٿا. ڇو جو اسان اُتي به قبر ۽ در ديون چمڻ شروع ڪري ڏيون، جيڪا ڳالهه شرڪ ۾ شمار ٿئي ٿي. اتي جي عربن کي ان تي چڙ لڳي ٿي. پر اسان جي مسلمانن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ ئي نٿي اچي. آخر تائين، اسان جا ماٺهو اهوئي چوندا رهندا آهن: عربن جو پيٽ پريو آهي. اسان کي قبر به چمڻ نٿا ڏين.“

---

بهرحال، ملئي ــ جيڪي شافعي فرقي سان تعلق رکن ٿا. انهن جي مرٺي پرٺي ۾، سالن جا سال رهي، اهو ڏٺو اٿم ته هو ڪوشش ڪري لاش کي جلد دفن ڪن ٿا. وفات ڪري ويندڙ جا مائٽ ظاهري طرح روڄ راڙو ۽ منهن مٿو پٽڻ کان گريز ڪن ٿا. اندر جو ڏک اندر ۾ ئي رکن ٿا يا ڳوڙها ڳاڙڻ تائين محدود رکن ٿا. دعا درود پڙهندا رهن ٿا ۽

وقتائتي توڙي اڻ وقتائتي موت کي رب جي رضا سمجهي، صبر کان ڪم وٺن ٿا.

لاش کي هيڏانهن هوڏانهن تلڪائڻ بدران، جيڪو جتي گذاري وڃي ٿو ان کي ان ئي ڳوٺ ۾ دفنائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

سڄي ملائيشيا ۾ مسجدون جام آهن پر ڪنهن به مسجد، (نماز پڙهڻ واري هنڌ تي) قبر، مقبرو، گنبذ، درگاهہ ۽ ان تي ويٺل مجاور ۽ چندي جي پيتي نظر نٿي اچي.

ملائيشيا ۾ ملئي ۽ چينين کان علاوه ڪجهہ پاڪستاني ۽ هندستاني پڻ رهن ٿا، جن مان ڪي، رکي رکي، اهڙا ڪم ڪن ٿا، جيڪي غير شرعي ثابت ٿين ٿا ۽ پوءِ سرڪار انهن جو سختيءَ سان نوٽيس وٺي، اهي ختم ڪرائي ٿي. ان ڪم لاءِ هتي الڳ کاتو آهي - ڊپارٽمينٽ آف رليجس افيئرس - جنهن جو ڪم غير شرعي ڳالهين جي جانچ رکڻ آهي.

ويجهڙائيءَ ۾ ان کاتي کي خبر پيئي تہ ڪوالالمپور جي مسجد بابل جناح جي ڪمپائونڊ ۾ جتي نماز پڙهي وڃي ٿي، ڪنهن مقبرو نهرايو آهي. ان جي خبر پوڻ تي، هتي جي قاعدي قانون موجب ان کي هڪدم ڍهرايو ويو. پٺي ڏينهن اخبارن ۾ بہ آيو تہ اهو مقبرو سيد لعل شاهہ جو هو جيڪو 1918ع ۾ گذاري ويو. پاڻ ڪوالالمپور جي پودو - جيل جو واردر هو. ڪيس تن ڏينهن جي انگريز سرڪار هي زمين پور الاٽ ڪيو هو. جنهن تي پاڻ مسجد نهرائي هئائين. ان بعد سندس وفات تي سندس اولاد ڪيس اتي ئي دفن ڪيو. ۽ پوءِ آهستي آهستي اها قبر پڪي ۽ وڏي ٿيندي ٿيندي هاڻ ماڳهين مقبري جي شڪل اختيار ڪري ويئي ۽ ڪوالالمپور ۾ رهندڙ ڪيترائي پاڪستاني ۽ هندستاني ان جا پوئلڳ ٿي، قبر تي پڙ چاڙهڻ لڳا هئا.

”اها هڪ اهڙي ڳالهہ آهي جنهن جي اجازت اسان جو کاتو نٿو ڏئي ۽ اسان ان کي غير اسلامي سمجهون ٿا.“ مذهبي کاتي جي ڊپٽي ڊئريڪٽر حاجي اسماعيل عيسيٰ ٻڌايو.

---

ملائيشيا اهو ملڪ آهي جنهن ۾ ڪنهن بہ پير فقير، مريد مجاور جو اهو وجود ناهي جيڪو اسان وٽ عام آهي. ملائيشيا جي دور دراز ڳوٺن ۾ رهندڙ اڻ ڄاڻ مهاڻن هارين کان وٺي نئين ٽهيءَ کي ريڊيو، ٽي - وي ۽ مسجدن ۾ واعظ ذريعي بار بار اهو سمجهايو ويو آهي تہ قيامت جي ڏينهن هر هڪ جي جزا ۽ سزا جو مدار هن جي پنهنجن اعمالن تي آهي. ۽ ڪوبہ پير فقير، ٻائو ٻاڻيو يا پادري پنڊت ڪنهن کي سندس ڪيل گناهن کان نجات نٿو ڏياري سگهي. ۽ اها قبر پرستي ۽ غلط پيري مريدي اوڙاهہ ۾ وجهي ٿي.

۽ مٿئين پيغام کان هتي جا ماڻهو ڀلي ڀت واقف آهن. مون سان گڏ رهندڙ هڪ پاڪستاني دوست هن ملڪ ملائيشيا بابت ٻڌايو:

”ملائيشيا ۾ وڏن عالمن ۽ مولوين جي ڪٿي گهٽائي نہ آهي پر عام طرح، هتي جي ٻهراڙي توڙي شهر جي ماڻهن کي، اسان جي ماڻهن کان وڌيڪ ديني علم ۽ معلومات آهي. هو عبادت ۽ علم حاصل ڪرڻ لاءِ هر وقت آتا رهن ٿا. پاڪستان ۽ هندستان مان جيڪي دين جي تبليغ ڪرڻ لاءِ جماعتون اچن ٿيون انهن جي هي عزت ڪن ٿا.“

ڪراچيءَ جي مڪي مسجد ۽ رائونڊ کان آيل تبليغي جماعتون هتي جي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ نظر اچن ٿيون جن جو بيحد قدر ڪيو ويجي ٿو. انهن کي عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويجي ٿو، پر وچ وچ ۾ رکي رکي، ڪي ڪي ماڻهو ڪنهن پير يا درگاهہ لاءِ خيرات يا چندو وٺڻ لاءِ اچن ٿا. ملئي ماڻهو جهيڙاڪ طبيعت جا نہ آهن. سو منهن تي ڪنهن کي چئي ڏکوئڻ کان گريز ڪن ٿا پر دل ئي دل ۾ اهڙن ماڻهن ۽ ادارن کي سٺو نٿا سمجهن. ۽ ان سان پاڪستان يا هندستان ۾ رهندڙ مسلمانن جي پڻ گلا ٿئي ٿي.

ڪي جماعتون وري چندو اوڳاڙڻ لاءِ خط لکن ٿيون تہ فلاڻي درگاهہ/ فلاڻي بزرگ جي ختمي درود لاءِ چندو موڪليو ۽ ان سان گڏ پنهنجن دوستن عزيزن جا بہ نالا موڪليو تہ انهن جي حق ۾ دعا گهرون.

پوءِ دعا گهري وڃي يا نہ اها سندن نيت پر ائڊريس موڪلڻ جو اهو اثر ٿيندو آهي تہ ڪجهہ ڏينهن بعد وڏيڪ خط انهن دوستن/ مائٽن ڏي، چندي لاءِ اچي نڪاءُ ڪندا آهن.

---

اهڙوئي هڪ خط اسان جي اڪيڊميءَ جي بس هلائيندڙ ملئي ڊرائيور ڪي هڪ ڏينهن اجمير کان مليو. خط انگريزي ۽ تامل زبانن ۾ آهي. اهو چپيل خط پڙهي، ڊرائيور عبدالله ڪاوڙ مان ڦاڙيو ٿئي تہ مون ڪانئس ورتو.

اهو خط خواجہ جي دربار جي گادي نشين طرفان ڪجهہ هن ريت آهي:

پيارا معتقدو!

”آئون توهان لاءِ باقاعدگيءَ سان روزانو حضرت خواجہ جي درگاهہ تي دعا گهرندو رهان ٿو تہ توهان ڪي وڏي حياتي ملي. ڪيترن ڏينهن کان توهان جي ڪا خبر نہ ملي آهي سو آئون بيحد پريشان آهيان. توهان جو خط ملڻ سان مون ڪي قرار ايندو. هزارين ماڻهو هر سال هتي اچن ٿا ۽ خير خيرات ڪن ٿا. جيڪي ڪن مجبورين ڪري نٿا اچيو سگهن، اهي خيرات جا پئسا موڪلين ٿا. اميد تہ توهان بہ هتي ايندائو. ٻي صورت ۾، چندو ضرور موڪلي ڏيو، مهرباني ڪري پنهنجن دوستن عزيزن ڪي پڻ ان خير جي ڪم لاءِ مدعو ڪريو.“

هتي جي ملئي ڊرائيور ڪي جيڪا هيڪاندي صحيح ڳالهہ نہ لڳي، اها ان بعد، ان گادي نشين ٻي. ايم. ايس فضل رحمان براقي صاحب جي تعويذ بابت هئي تہ مون کان تعويذ لڪرايو وغيره.

آخر ۾ وڏن اکرن ۾ سندس سچو نالو ۽ ائڊريس هن ريت هئا:

پيرزادو مولوي سيد فضل الرحمان براقي

چيف معلم ۽ گادي نشين.

براق منزل ـ درگاهہ بازار ـ اجمير.

مٿئين خط لکندڙ طرفان هڪ اهم اطلاع ۽ چتاءُ بہ ڏنل هو تہ ”منهنجو نالو ۽ ائڊريس چڱيءَ طرح ياد رکجو ۽ اجمير مان ڪو پيو چندي لاءِ توهان کي لکي تہ ان ڏي نہ ڌيان ڌرجو ۽ نہ چندو ڏجو. چو جو آئون ئي توهان جو پراڻو دعاگو آهيان. (ان سٽ جي انگريزي ڪجھہ هن ريت هئي: (I am your old Prayerfully) ۽ مهرباني ڪري مون ڏي رجسٽرڊ پوسٽ ذريعي پئسن جو چيڪ يا ڊرافٽ موڪليو.“

خط سان گڏ هڪ بيو ڊگهو پنو آهي جنهن ۾ پڙهندڙن کي عرض ڪيو ويو آهي تہ آمريڪا، انگلنڊ ۽ عرب ملڪن ۾ رهندڙ پنهنجن دوستن ۽ مائٽن جون ائڊريسون لکي موڪليو. (يعني انهن امير ملڪن جون، باقي بنگلاديش، پاڪستان، برما، سري لنڪا ۾ رهندڙن جون نہ. انهن غريب ملڪن جي ماڻهن مان ڇا هٿ حاصل!) بهرحال انهن ائڊريسن تي پڻ چندي لاءِ خط ويندا پر چيف معلم ۽ گادي نشين صاحب ائڊريس گهرائڻ جو اهو سبب لکيو آهي تہ جيئن هو انهن کي تبرڪات ۽ فاتحہ مبارڪ موڪلي سگهي. ائين ڪرڻ سان - (يعني بين جون ائڊريسون موڪلڻ سان) توهان کي ثواب دارين نصيب ٿيندو.

توهانجو

پيرزادو، مولوي، چيف معلم ۽

سجاده نشين ......

هاڻ ان قسم جون ڳالهيون يا خط پڙهي تي سگهي ٿو تہ هند سنڌ جي ڪنهن ڳوٺ جو مٿين موڙهيل متاثر ٿئي باقي هتي جا ملئي ماڻهو عربن وانگر اسان تي ٺٺوليون ئي ڪن ٿا تہ اسان ڪهڙا مسلمان آهيون. اسان وٽ هڪ جملو آهي: ”مون لاءِ دعا گهرجانءِ.“ ملئي ماڻهن کي اهو بہ صحيح نہ لڳندو آهي. هو چوندا تہ چو؟ هر هڪ کي پاڻ عبادت ڪرڻ کپي. پاڻ درود صلواة پڙهڻ کپي. اهو ڇا تہ دعا لاءِ امير گهرن ۾ پاڙي جي زالن کي گهرائي قرآن پڙهايو وڃي ۽ گهر جون مالڪياڻيون ويس وڳا ۽ ميڪ اپون ڪري آيل مهمانن جي آدرياءُ ڪن. ملئي توڙي عربن لاءِ دعا اِها آهي جيڪا هر ڪو پاڻ ڪري.

# سنگاپور ۾ ڪلف ڪولڻ جو هنر

سنگاپور ۾ جنهن کي چابي ناهڻ ۾ ڪلف ڪولڻ جو هنر اچي ٿو ان جي وڏي لئہ آهي.

وئڪيشن دوران، سنگاپور ۾، ڪليمنٽي روڊ تي هڪ ننڍپڻ جي ڪلاس ميٽ شهاب جي گهر رهيل هوس تہ هڪ ٻئي بنگالي دوست ڪئپٽن ظهور اسان کي منجهند جي مانيءَ تي گهرايو. ٻارن سوڌو شهاب جي ڪار ۾ اسان ٽئگور روڊ تي ڪئپٽن ظهور جي گهر پهتاسين. ٻہ ٽي ٻيا بہ پراڻا ڪلاس ميٽ آيل هئا جن مان ڪي سنگاپور ۾ ئي نوڪري ڪن ٿا ۽ ڪي اهڙا هئا جن جا جهاز انهن ڏينهن ۾ سنگاپور آيل هئا. اسان سڀ هيـــڏانهن هوڏانهن جي خبـــرن ۾ لڳي وياسين. زالون پنهنجي ڪچهريءَ ۾ محو هيون ۽ ٻار چوڏاري ڊوڙي رهيا هئا. مانيءَ جو ڪم چئين بجي ڌاري لٿو ۽ هاڻ اٿڻ جي پئي ڪئيسين. خاص ڪري مون کي تڪڙ هئي جو آئون ملائيشيا کان آيل هئس ۽ اها منهنجي، سنگاپور ۾ رهڻ جي ويزا جي آخري شام هئي. مون کي شهاب جي گهر واپس وڃي سامان ۽ ڪار کڻي ملائيشيا موٽڻو هو.

ٿوري ٿوري دير کان پوءِ مون واچ ۾ ٿي ڏٺو جو هاڻ هڪ هڪ منٽ منهنجي لاءِ ڳرو پئي لڳو ۽ وڌيڪ ڳالهين ۾ مزو نہ پئي آيو. ذري ذري پاسا پئي ورايم يا پيرن جي ڪسر پسر ٿي ڪيم تہ من ٻيا همراھ بہ اٿڻ جي ڪن. پر جهاز وارا همراھ جيڪي سالن کان پوءِ مليا هئا، هڪ ڳالھ ختم ڪري ٻي ٿي شروع ڪيائون. ايتري ۾ ٻار بہ ٿڪجي اچي ڪنڌن پاسن ۾ وينا، جن هيترو وقت اسان جي دانهن، دڙڪن ۽ منٿن تي بہ مات نٿي ڪئي. پر هاڻ مسڪين شڪل ناهي ائين ويهي رهيا جو تعجب ٿي لڳو. خاص ڪري شهاب جا پٽ جيڪي هرچر کان هڪ منٽ

به باز نه ايندا آهن. هن دعوت ۾ ايندي وقت به شهاب کين سمجهائيندو آيو ته پرائي گهر ۾ ماٺ ڪري وهجو. پر پهچڻ سان ڪئپٽن ظهور جي پٽ سان ملي ٻنهي دانهون، ٻوڙون ۽ مارڪٽ شروع ڪري ڏني. پر هاڻ سندن ان اوچتي خاموشيءَ تي ڪئپٽن ظهور جي پٽ ثاقب کان پڇيم:

”خير ته آهي. ماٺ تي ويا آهيو. پاڻ ۾ رنا آهيو ڇا؟“

”نه انڪل. ائين ئي.“ ثاقب وراڻيو. پر لڳو ته ڪا ڳالهه آهي جا هو لڪائي رهيو آهي.

”ائين ئي تڪجي پيا آهيون.“ ۽ پوءِ به چار گهڙيون ترسي چيو: ”انڪل توهان وٽ چابيون آهن؟“

”ڇوــ؟“ مون تعجب مان پڇيو.

”انڪل شهاب جي ڪار جون چابيون سندس پٽن ڪار ۾ اندر لاڪ ڪري ڇڏيون آهن.“

اهو ٻڌي مون تي ڇڻ بم ڪريو.

شهاب ۽ ٻين به ڇاهي ڇاهي ڪري پڇڻ شروع ڪيو. شهاب هڪ سياڻپ ڪئي هئي ته ڪار جي اسپيئر ڪنجي، گهر جي چابين واري ڇلي ۾ وجهي ڇڏي هئي جيئن آفيس ۾ يا ڪٿي گس پنڌ تي ڪار جي چابي گم ٿي وڃي يا ڪار اندر لاڪ ٿي وڃي ته زال کي فون ڪري اها فالتو ڪنجي گهرائي ونجي. ۽ هينئر ته زال به سامهون موجود هئي ته گهر جون چابيون به. ڇو جو گهر کي تالو هڻي سڀ هتي پهتا هئاسين. سو پر ۾ بيٺل وڏي پٽ کي ڪار جي چابي ڪار ۾ اندر لاڪ ڪرڻ لاءِ دڙڪو به ڏيئي چيو: ”ڇڱو وڃ. ماءُ کان گهر جون ڪنجيون وٺي اچ ته هلون. انڪل کي به ملائيشيا وڃڻو آهي. دير پئي ٿئي.“

پر هو ڇُرڻ بدران اتي ئي بيٺو رهيو.

”منهنجي شڪل ڇا پيو ڏسين؟ بابا وڃ. جلدي ڪر.“شهاب چيو، پر جواب ۾ سندس پٽ بدران ڪئپٽن ظهور جي پٽ وراڻيو:

”انڪل! هن اهي چابيون به ڪار اندر وجهي ڇڏيون.“

”هائو!“ ٻهرين مون تي، هاڻ ڇڻ شهاب تي به بم ڪريو.

پوءِ ته بس جيڪو اهڙين مهلن تي حشر ٿيندو آهي. فلاڻا هيءَ چابي ڪڻ، فلاڻا هوءَ چابي ڪڻ ـ ويندي اوڙي پاڙي مان اهي چابيون به گهرايون ويون جن جي، ڪلف جي تنگ ۾ گهڙڻ جي به اميد نه هئي.

اوڙي پاڙي مان پنيل، جڏهن سڀ چابيون آزمايون ويون ته پوءِ گهر ۾ موجو اسڪريو ڊرائيور (پيچڪش) ڪان انبوري ۽ سنهي تار تائين هر لوهي شيءِ آزمائي ويئي. ان اٿراتفريءَ دوران جهاز وارا همراهه جيڪي هيستائين پرسڪون حالت ۾ ڪچهري ڪري رهيا هئا سي پنهنجي ڪا مشغوليت ٻڌائي، اسان ڪان موڪلائي، پاڻ سان آندل اڪيلي ڪار ۾ روانا تي ويا. رهجي وياسين اسين. آئون ٽئڪسي يا بس ۾ روانو تي سگهيس ٿي. پر منهنجي بئگ ۽ پاسپورٽ وغيره شهاب جي گهر هئا، ۽ شهاب جي گهر جي ڪنجي پڻ ڪار اندر قائل هئي.

ڪئپٽن ظهور ڪي چيم ته اڄ آهي به موڪل جو ڏينهن. هاڻ ڪار جي تالي کولڻ واري همراهه کي ڪٿان ڳولي وٺي اچبو؟

”ان جي پرواهه ناهي. فون ڪري وٺنداسين. بس جي پاڻ ڪان ڪلي وڃي ته سئو نه ته کولرائڻ جي في جي چٽي پئجي ويندي.“

ڪجهه دير پي به، تالو کولڻ لاءِ، سٽون ڏيندا رهياسين. پر در نه کليو. آخر ڪئپٽن ظهور ٽيليفون ڊئريڪٽر گهرائي.

”ڇو. ڪو همراهه سڃاڻو اٿئي ڇا؟“ مون پڇيومانس.

”نه. ڪار جا لاڪ کولڻ وارن جا ٽيليفون نمبر، ڊئريڪٽريءَ ۾ الڳ ڏنل آهن. جن مان هڪ کي فون ڪري وٺون ٿا.“

ڪئپٽن ظهور نمبر ملايو ۽ مون دل ئي دل ۾ دعا گهري ته هڪ ته ڪلف کولڻ وارو شل گهر ۾ هجي، ٻيو ته اچڻ لاءِ ها ڪري ۽ ٽيون ته ڪيس هي گهر هٽ اچي وڃي. ڇو جو هي گهر اپر ٿامسن روڊ جهڙي اهم رستي تي هجڻ بدران ڪجهه اندر ٽنگور روڊ تي آهي.

ٽيليفون جهٽ لڳي ويو ۽ ڪار جو تالو کولڻ واري همراهه اسان جو فون نمبر، جاءِ جي ائڊريس ۽ ڪار جو نمبر ورتو. تيسين اسان چانهه

پيئڻ شروع ڪئي. اجان چانهه پي بس ڪئيسين تہ تاليءَ ڪولڻ واري جو فون آيو.

”آئون توهان جي ڪار وٽ پهچي ويو آهيان ۽ تالو کوليان ٿو.“

ظهور چيو تہ هاڻ هلو ٻاهر. تالي کولڻ وارو پهچي ويو آهي. ٻاهر نڪري ڏسون تہ اسان جي پراڻي ماڊل واري ننڍڙي ڪار اڳيان نئين ماڊل جي هونڊا اڪارڊ ڪار بيٺي آهي. پڙهندڙن جي لاءِ اها ڄاڻ ضروري آهي تہ سنگاپور ۾ بيون شيون ڪٿي سستيون آهن پر ڪار جي قيمت آسمان سان ڳالهيون ڪري ٿي. سنگاپور حڪومت طرفان اهو ڄاڻي واڻي ڪيو ويو آهي جيئن گهٽ کان گهٽ ماڻهو ڪار خريد ڪن. سو ان حالت ۽ مهنگائيءَ ۾ جتي پراڻي ڪار رکڻ بہ وڏي ڳالهہ سمجهي وڃي ٿي اتي نئين ماڊل جي هونڊا اڪارڊ يا ڪا ٻي گاڏي رکڻ وڏي ڳالهہ آهي. ڪار ۾ موبائيل فون پڻ لڳل هو جنهن مان سمجهيم تہ هي همراهہ ڪٿي ڪٿي بہ هجي، هن سان فون ذريعي رابطو رکي سگهجي ٿو. پاڻ پنجويهہ ڇهويهہ سالن جو مس ٿيندو. سندس زال ۽ ٻن سالن جو ٻار بہ ڪار ۾ ويٺو هو. پاڻ ٻڌائين تہ هو آرچرڊ روڊ جي هڪ ريسٽورنٽ ۾ چانهہ پي رهيا هئا تہ اسان جو فون آيو ۽ ٻارن کي گهر ڇڏي اچڻ بدران سڌو هيڏانهن رخ ڪيائون.

هڪ خوبصورت ننڍڙي بئگ مان اوزار ڪڍي تالي جو اندريون سَنڌو ورتائين ۽ پوءِ سنهين ڇنبدار لوهي پٽين سان سَٽ ڏيئي تالو کولي ورتائين. ڪي پنج منٽ بہ ڪونہ لڳا. ايتريقدر جو هن پنهنجي گاڏيءَ جي انجڻ بہ بند نہ ڪئي هئي. شهاب ان ڪم جو مقرر اجورو ـ سنگاپوري پنجيتاليهہ ڊالر ـ اٽڪل ڇهہ سؤ رپيا ڪڍي سندس هٿ تي رکيا ۽ هو ٿئنڪس چئي روانو ٿي ويو. تالي کولڻ واري کان مون ڪيترائي سوال پڇڻ چاهيا ٿي ۽ جيتوڻيڪ هو هر سوال جو جواب ايمانداريءَ سان ڏيندو رهيو پر وقت ايترو گهٽ هو جو رڳو اهو معلوم ڪري سگهيس تہ هن اهو ڪلف کولڻ جو هنر ڪنهن استاد کان سکيو آهي جنهن وٽ پهريان ٽي سال نوڪر ٿي ڪم ڪيائين. هاڻ جيڪي

ڪمائي ٿو اهو سندس آهي.

ـ هو هر قسم جو تالو کولي سگهي ٿو. چاهي ڪار جو تالو هجي يا ڪبٽ تجوڙيءَ جو.

ـ تالو کولڻ جو اگهه پنجيتاليهه ڊالر آهي، جيڪو سڄي سنگاپور ۾ مقرر آهي.

ـ تالي جي ڪنجي ٺاهڻ جو اگهه ويهه کان ٽيهه ڊالر آهي.

ـ پر جيڪڏهن ڪنجي اڳهين موجود آهي ۽ ان کي ڏسي هوبهو ان جهڙي ٻي ٺاهڻي آهي ته پوءِ ان جي ٺهرائڻي تمام گهٽ آهي. بهرحال ان جو مدار ڪنجيءَ جي ور وڪڙن ۽ ڏاتوءَ تي آهي. سولي ڪنجيءَ جا گهٽ پئسا ڏڪئي جا گهٽا.

ـ تالي کولڻ واري لاءِ موبائيل (پاڻ سان کڻي هلڻ وارو) فون ضروري آهي جيئن مصيبت ۾ ڦاٿل جيئن ئي فون ڪري ته مدد لاءِ پهچي سگهجي.

ـ ان کان علاوه سنگاپور جي گهر گهٽين جي ايتري ڄاڻ هئڻ کپي جيتري ٽئڪسي ڊرائيور کي ٿئي ٿي. بلڪ ان کان به وڌيڪ هجڻ کپي. جيئن هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪڻ بدران صحيح هنڌ تي پهچي وڃجي.

”ڀلا روز گهڻي ڪمائي ٿئي ٿي ـ؟“ مون پڇيومانس.

”بس ڪڏهن ٻه يا ٽي ڪيس ملن. ڪڏهن ته هڪ به نه.“

”سڀ کان گهڻا ڪيس صبح جو ملن يا شام جو. آفيس وارن ڏينهن تي يا موڪل وارن ڏينهن تي؟“ مون آخري سوال ڪيومانس.

”موڪل وارن ڏينهن تي. خاص ڪري رات جي وقت. نشي جي حالت ۾ ڪيترا همراهه ڪار جي چابي ڪڍڻ بنا دروازو لاڪ ڪريو ڇڏين. يا وري انهن جي چابي لاڪ ٿئي ٿي جن جا بار ڏنگا آهن.“

## ڪجهہ چنگيز خان جي منگوليا بابت

چين کان متي اتر ۾ ۽ روس کان هيٺ ڏکڻ ۾ هڪ ملڪ آهي منگوليا. منگوليا جو ٻڌي چنگيز خان ۽ قبلائي خان ڏيان ۾ اچي ٿو ۽ اچڻ بہ کپي جو انهن جو واسطو منگوليا سان هو. دنيا ۾ جيڪي ملڪ تمام گهٽ ڇاتا سڃاتا وڃن ٿا منگوليا انهن مان هڪ آهي. ٿاڌو ڏکيو آهي اتي پهچڻ. ٽر جي ڪنهن ڏورانهين ڳوٺ ۾ بہ پهچڻ سولو. پر منگوليا ۾ ڏکيو آهي. نہ سامونڊي بندرگاهہ آهي جو ڪڏهن جهاز ۾ وڃي اتان نڪرجي. ۽ نہ وري چين يا روس جي ڪنهن بندرگاهہ کي ويجهو آهي جو اتان پوءِ ريل يا بس ذريعي هليو وڃجي. سندس اولهہ ۽ اتر ۾ جبلن جا سلسلا آهن تہ ڏکڻ ۾ مشهور گوبي رڻ پٽ. چوڌاري ميلن جا ميل ٿڌ، رڻ پٽ يا برفاني چوٽين وارا جبل آهن. آدم شماري تمام گهٽ آهي. سندس گاديءَ جو هنڌ اولان باطور (Ulan- Bator) نالي شهر آهي، ۽ بس جيڪي ڪجهہ آهي ان جي اردگرد ئي آهي. نئين دنيا ۽ پراڻي دنيا جو سئمپل ـ ماڻهو، عمارتون ۽ تهذيب تمدن هتي ئي نظر اينديون.

1691ع کان 1911ع تائين منگوليا چين سان واسطو رکندڙ رياست هئي جنهن تي چيني منچو حاڪمن جو راڄ هو. پوءِ ڏهاڪو کن سالن جي هنگامن، گوڙ فسادن بعد، 1921ع ۾ روس جي مدد سان منگوليا هڪ قوم جي حيثيت اختيار ڪئي. ان وقت کان وٺي منگوليا چين کان ڪَنُ هٽڻ شروع ڪيو ۽ روس جي ويجهو رهڻ ۾ عاقبت سمجهي. اٽڪل پنجٽيهہ هزار روسي ماڻهو هن وقت بہ منگوليا ۾ رهن ٿا جيڪي نوڪريون ۽ پورهيا ڪن ٿا. ساڳي وقت روس جون چار فوجي ڊويزنون چين جي بارڊر تي نظر رکن ٿيون.

منگوليا جيڪو ٻن وڏين طاقتن: چين ۽ روس جي وچ ۾ آهي، ان

جي گاديءَ جو ھنڌ اولان باطور ھڪ روسي شھر جو ئي ڏيک ڏئي ٿو. گھٽين ۾ ڪاري رنگ جون وولگا (Volga) ۽ Chaika ڪارون نظر اينديون. عمارتون پڻ روسي نموني جون آھن. گھڻ ماڙ وارا ڪنڪريٽ سيمينٽ جا ٺھيل فليٽ جنھن جو چورس وچ خالي نظر ايندو. شھر جي لئبرريءَ ٻاھران روسي ليڊر جوزف استالن جو پتل جو ٺھيل مجسمو پري کان نظر ايندو. ماسڪو جي ڊپارٽمينٽل اسٽور Gum جھڙو وڏو دڪان پڻ آھي. پر رومانيا، بلغاريا وانگر ھتي به روسي سڪي روبيل بدران آمريڪن ڊالر جو وڌيڪ مانُ ۽ ساک آھي. لڪي لڪي ماڻھو بليڪ تي ڊالر وٺڻ لاءِ منٿون ڪندي نظر ايندا. پڇڻ تي ٻڌائيندا: ”اسان کي چمڙي جو ڪوٽ وٺڻو آھي، عطر وٺڻو آھي. يا ڪا ٻي مغربي دنيا يا جپان جي شيءِ – جنھن جي خريداريءَ لاءِ ڊالر ھجڻ ضروري آھن.“

شھر کان ٻاھر ڳوٺن ۾، ماڻھو رڍون، گھوڙا ۽ اُٺ پالين. عربستان جي بدو عربن وانگر ھتي جي ٻھراڙيءَ جا ماڻھو به ھر وقت ساوڪ ۽ چراگاھن جي ڳولا ۾ ھوندا آھن. پنھنجن وھٽن جانورن سميت ڪڏھن ھڪ ھنڌ ته ڪڏھن ٻئي ھنڌ تنبو کوڙين. پر منگولين جا تنبو، عربن جي تنبن کان ٿلھا ۽ گول ٿين. منجھن سوڙ وانگر اسپنج يا ڪپھ پريل ٿئي. جيڪا سيءَ کان بچاءُ ڪري. انھن تنبن کي منگوليا ۾ گر (Gur) يا يرت (Yurt) سڏين. گھوڙين جي کير جو ڌئورو ڇمائي تنگي چڙين ۽ پوءِ ان مان جيڪو ڪٽيڙو نشيدار شربت ٺھي ان کي عرقي سڏين جيڪو شايد عربي يا فارسيءَ جي لفظ ’عرق‘ مان نڪتو آھي. چنگيز خان جي پوٽي قبلائي خان لاءِ چيو ويندو ھو ته ھو ھڪ ھزار برف جھڙين سفيد گھوڙين جي کير جو عرق چکندو ھو.

منگولي گھوڙو قد ۾ ننڍو ٿئي. سندس جسم جا گھاٽا وار کيس برفاني ميدانن تي ھلڻ مھل تڏين ھوائن کان بچائين ٿا. ھڪ منگول لاءِ گھوڙو، زندگيءَ جو سچو ساٿي ۽ اھم شيءِ آھي. چوٽي مشھور آھي ته ”منگول گھوڙي کانسواءِ ائين آھي جيئن ملاح ٻيڙيءَ بنا.“ گھوڙي بنا منگول پاڻ کي غريب ۽ يتيم سمجھي ٿو. ھڪ ٻيو منگولي مشھور

پهاڪو آهي تہ: تنديڻ ۾ پيءُ مرڻ ۽ سفر ۾ گهوڙي جو گم ٿي وڃڻ زندگيءَ جو وڏو اياڳ آهي.“ منگولي گهوڙو، عرب جي اٺ وانگر همت وارو ٿئي ٿو. هو نہ فقط برف تي پر رڻ پٽ ۽ واريءَ تي هلڻ کان بہ نٿو ڪيبائي.

گهوڙي کان علاوه ڪتي کي پڻ منگول سنو دوست سمجهي ٿو. منگول جي گهر ۾، ڪتي کي، گهر جي ڀاتيءَ جهڙو درجو حاصل آهي. منگولي ڪتا گهر جي سارسنڀال لهڻ سان گڏ رڍين، ڍڳين جي ڌڻن جي پڻ چوڪيداري ڪن. منگولي ڪتو بيحد خطرناڪ ٿئي ٿو ۽ ڌارئين ماڻهوءَ تي هڪدم اُلر ڪري ٿو. منگولي ادب ۽ ڪلچر ۾ ڪتو پيار جي علامت پڻ آهي ۽ منگولي لوڪ ڪهاڻين، پهاڪن ۽ شاعريءَ ۾ سندس تمام گهڻو ذڪر ٿيل آهي. ڪتي جي ڀونڪار يا حملو ڪرڻ تي، مهمان طرفان ان کي ڌڪ هڻڻ يا دڙڪو ڏيڻ، ائين آهي جڻ ميزبان کي ڌڪ هڻڻ.

چيو وڃي ٿو تہ منگوليا ۾ پنج لک اُٺَ، پنجويهہ لک گهوڙا ۽ ڏيڊ ڪروڙ رڍون آهن.

چنگيز خان ـ جنهن اٺ سؤ سال اڳ پنهنجي ويڙهاڪ سپاهين جي اڳوائي ڪندي تلوار جي زور تي اڌ دنيا ۾ ڌهڪاءُ مچايو هو، هڪ دفعو وري پنهنجي اباڻي وطن ۾ زبردست مقبوليت حاصل ڪري رهيو آهي. اولان باطور ۾ ماڻهو پنهنجين ڪارن تي چنگيزي نشان هڻي رهيا آهن. دڪاندار چنگيز خان جي تصوير جا ڪئلينڊر ۽ ميزپوش وڪڻي رهيا آهن. چنگيز خان هن ملڪ منگوليا کي 1206ع ۾ وجود ۾ آندو هو.

چنگيز خان کان اڳ منگول ننڍين ننڍين ٽولن ۾ ورهايل هڪ اڻ منظم جهيڙاڪ قوم هئي. منگول ڪي صديون اتر کان چين تي حملا ڪري چينين جا سک ڦٽائيندا رهيا. آخر چين منگولين کان بيزار ٿي ميلن جا ميل وڏي يت نهرائي جيڪا ’گريٽ وال آف چائنا‘ سڏجي ٿي. ان بعد چين ڪافي حد تائين سڪون ۾ رهيو ۽ منگول پنهنجو پاڻ ۾ وڙهندا رهيا. پوءِ ٻارهين صديءَ ۾ جڏهن چنگيز خان جي اڳوائيءَ ۾ منگولن جا

مختلف ٽولا ھڪ ٽي ويا تہ ھنن کي ڪير بہ جھلي نہ سگھيو. چين جي پٽ بہ ڪين روڪي نہ سگھي. ٿورڙن ئي سالن اندر منگولن جي لڳاتار ڪاھن پئسفڪ سمنڊ کان ميڊيٽرينين سمنڊ تائين تباھي مچائي ڇڏي. 1241ع ڌاري ھو مغربي يورپ تي بہ حملا ڪرڻ وارا ھئا تہ سندن اڳواڻ جي گھڻي شراب پيئڻ ڪري دماغ جي رڳ ڦاٽي پيئي ۽ نئين ’خان‘ کي چونڊڻ لاءِ وطن وريا. ان بعد ھو وري يورپ نہ آيا پر چين تي حملا جاري رکيائون. جتي 1260ع ڌاري يئان قبيلو قائم ڪيائون ۽ 1368ع تائين حڪومت ڪيائون. ان بعد ڪين پنھنجي وطن واپس پھتو پيو.

منگولي دنيا آردوس (Ordos) رڻ پٽ وٽ ’وڏي پٽ‘ کان وٺي سائبيريا ۾ بئڪل ڍنڍ تائين، ۽ منچوريا ۾ نوني (Nonni) نديءَ کان وٺي تيان شان جبلن جي قطار تائين ڇئي وجي ٿي. جيتوڻيڪ اڄڪلھہ ھي ڌرتيءَ جو حصو ٽن قومن ۽ انيڪ صوبن ۽ خودمختيار پرڳڻن ۾ ورھايل آھي پر قوم پرست منگول اھي سڀ سياسي ليڪون لڪيرون قبول نٿا ڪن. ھنن جو چوڻ آھي تہ: ”اھي ماڻھو جيڪي منگولي زبان ڳالھائين ٿا اھي سڀ منگول آھن، ۽ اھا ڌرتي جتي منگول رھن ٿا منگوليا آھي.“

مغربي تواريخ نويسن مطابق چنگيز خان ھڪ دفعي چيو ھو تہ ماڻھوءَ کي سڀ کان گھڻي خوشي پنھنجي فتح تي، پنھنجن دشمن کي آڻ ميرائي، انھن کي ڊوڙائي، انھن کي سندن مال ملڪيت کان محروم ڪري، انھن جي مائٽن عزيزن کي روج راڙي ۾ وجھي، انھن جي جنگي گھوڙن کي سواريءَ ۾ آڻي ۽ انھن جي زالن ۽ ڌيئن کي پنھنجي قبضي ۾ رکڻ سان ٿئي ٿي. پر ھاڻ نئون منگوليا پنھنجي باني چنگيزخان جي تواريخ نئين سر لکي رھيو آھي، جنھن ۾ چنگيزخان جو ڪجھہ ٻيو ئي روپ پيش ٿي رھيو آھي. ھتي جي ماڻھن جو چوڻ آھي تہ چنگيزخان کي تعصبي ماڻھن ظالم ڪري پيش ڪيو ھو ۽ ھن بابت مشھور ٿيل ظلم جون ڳالھيون صحيح نہ آھن. منگوليا اڪيڊمي آف سائنسز جي ڊئريڪٽر ايس. عدورج جو چوڻ آھي تہ ان ۾ ڪو شڪ ناھي تہ چنگيز خان ڪيترائي تواريخي يادگار تباھہ ڪيا پر ھو ھميشہ ثقافت ۽ تمدن جو قدردان رھيو.

هن پنهنجي ڪتاب دي گريٽ خان (عظيم خان) ۾ چنگيز خان جي تمام گهڻي تعريف ڪئي آهي.

ياد رهي ته سال ۾ اڳ تائين منگولين کي روس طرفان ڪنهن به اهڙي ڳالهه لاءِ همٿايو نه ويندو هو جنهن مان منگوليا ۾ آزاديءَ لاءِ سجاڳي پيدا ٿئي ۽ منگول، روس جي خلاف ٿي پون. هاڻ روسي اڳواڻ ميخائل گورباچوف جي نئين نظام هيٺ صحيح معنيٰ ۾ سندس حڪومت کين ٿي ملي آهي ۽ چنگيز خان جي شخصيت کي اجاگر ڪيو پيو وڃي. اولان باطور جي ماڻهن جو چوڻ آهي ته ڪميونسٽ حڪومت دوران (گذريل ستر سال)چنگيز خان کي رجعت پسند قرار ڏنو ويو هو. ڪتابن مان هن جون ڳالهيون ۽ عجائب گهرن مان هن جون نشانيون ڪڍيون ويون هيون. پر هاڻ ڪميونسٽ حڪومت به منگوليا جي هن مشهور ترين فرزند چنگيز خان کي اهميت ڏيڻ شروع ڪئي آهي. جنهن جو وڏو سبب هتي ايندڙ ٽوئرسٽ ۽ انهن جا ڊالر آهن. ڌارين ملڪن کان ايندڙن لاءِ منگوليا ۾ وڏي ڪشش چنگيز خان جي ياد آهي. منگوليا حڪومت وڏو خرچ ڪري هڪ جپاني ماهر کان چنگيز خان جي قبر جي پڻ ڳولا ڪرائي رهي آهي. هونءَ ماڻهو اهو سمجهن ٿا ته چنگيز خان قداور ۽ پهلون مڙس هو پر تواريخ نويسن موجب هو هڪ عام ماڻهوءَ کان به بندرو ۽ ڪمزور هو. البت هن کي چار زالون هيون، ان کان علاوه ڪيتريون ئي ڪنيزائون ۽ پنج قانوني پٽ هئا. پاڻ سٺهٺ ورهيه جي ڄمار ۾، سن 1227ع ۾ مري ويو. 1962ع ۾ منگول حڪومت چنگيز خان جي اٺ سوين ورسي ملهائڻ چاهي ٿي ته روس حڪومت، کين اک ڏيکاري ماٺ ڪرائي ڇڏي، ته ان جو نالو به نه ونو. پر هاڻ چنگيز خان جو نالو بنا دپ ڊاءِ جي وٺي سگهجي ٿو. ويندي اولان باطور ۾ هڪ وڏي هوٽل – ’چنگيز خان هوٽل‘ نهي رهي آهي. ۽ منگوليا ۾ رهندڙ سٺ هزار روسي فوجين مان هڪ هڪ ٿي واپس وڃي رهيا آهن. نه فقط فوجي پر انجنيئر ۽ ٽيڪنيشن پڻ ۽ طيءَ ڪيل پروگرام موجب 1992ع جي آخر تائين منگوليا روس جي ماڻهن کان بلڪل خالي ٿي ويندو. نه ته منگوليا تي هر

ڳالهه روسين جي هلي ٿي ـ جن مان هتي جا ماڻهو ڪيترو بيزار آهن، ان جو احساس هن چرچي مان ٿي سگهي ٿو جيڪو اولان باطور ۾ عام آهي:

هڪ جپــاني، هڪ روسي ۽ هڪ منگول درياهه طوئل جي ڪناري تي ويٺا هئا ـ جيڪو اولان باطور شهر مان لنگهي ٿو. هو ان ڳالهه تي بحث ڪري رهيا هئا تہ اها ڪهڙي شيءِ آهي جنهن کان سواءِ هو رهي سگهن ٿا.

جپانيءَ پنهنجن کيسن ۾ هٿ وجهي، پوءِ ٻانهن ۾ ٻڌل سيڪو واچ لاهي ان کي درياهه ۾ اڇلايو.

”آئون ان کانسواءِ بہ رهي سگهان ٿو.“ جپانيءَ چيو.

ان بعد روسيءَ گهڙيءَ کن لاءِ سوچي، هٿ ۾ جهليل وودڪا شراب جي بوتل کي درياهه ۾ اڇلائي، چيو:

”مون لاءِ اها شيءِ بيڪار آهي.“

ان بعد منگول جو وارو آيو. هن پنهنجي جسم جي چوڌاري هٿ هڻي پوءِ جئڪيٽ جو هڪ هڪ ڪري کيسو جانچيو. ڪجهه نہ مليس. هڪ دفعو وري ڳوليائين پر وري بہ ڪجهه نہ مليس. ان بعد، هن پير ۾ ويٺل روسيءَ کي مٿي کنيو ۽ درياهه ۾ اڇلائي چيو:

”۽ مون لاءِ اها شيءِ بيڪار آهي.“

# مينهن وڏي يا عقل وڏو...

ڪنهن ثقافتي جلسي ۾، هڪ اديب دوست، سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ جو ڪو صاحب ملرايو.

”سائين اڳ جي ۽ هاڻ جي اسڪولي ڪتابن ۾ ڪو فرق محسوس ڪريو ٿا؟“ خوش خير عافيت بعد هن مون کان پڇيو.

هن جو شايد اهو مطلب هو تہ سنڌس ڪارڪردگيءَ ۾، اڄڪلهہ ڪتابن جي جيڪا ماڊرن نموني جي ڇپائي هلي پئي، ان جي آئون واکاڻ ڪريان. اڄڪلهہ جي ڪتابن ۾ رنگين تصويرون ڏنيون وڃن ٿيون، ڪمپيوٽر تي ڇپائي ٿئي ٿي، سٺي سڳي سان سبڻ بدران مشين ذريعي پڪي جلد جي بائينڊنگ ٿئي ٿي، وغيره وغيره.

پر اها ڳالهہ، بعد ۾، مون واري دوست مون کي ٻڌائي. ان وقت ذري ذري ساڳي سوال ڪرڻ واري سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ واري صاحب کي چيم:

”پرائمري اسڪول ۾ هئاسين تہ اسان واري زماني جي ڪتابن ۾ ’موهن جو دڙو‘ پڙهندا هئاسين. پر هاڻ جي ڪتابن ۾ ’موئن جو دڙو‘ ٿي ويو آهي. ان وقت جي ڪتابن ۾ قائد اعظم جي جمڻ جو هنڌ جهرڪ لکيل هو. هاڻ وارن ڪتابن ۾ ڪراچي ٿي ويو آهي. تن ڏينهن ۾ مري ويل بادشاهن ۽ راڻين جي ڪهاڻين جو مجموعو ’تواريخ‘ (History) هئي ۽ ’تاريخ‘ مهني جي هلندڙ ڏينهن (Date) هئي جيڪا، روزانو صبح جو ڪلاس ـ مانيٽر بورڊ تي لکندو هو. هاڻ تواريخ ۽ تاريخ هڪ ئي لفظ ’تاريخ‘ ٿي چڪو آهي. جيتوڻيڪ ملئي ۽ ترڪي زبانون ’عربي‘ لکڻين مان ’رومن‘ لکڻين ۾ تبديل ٿيون تہ بہ تواريخ کي Tawarikh ۽ تاريخ کي Tarikh ئي رهڻ ڏنائون.

# شهزادي کي کمڻ...

پاڪستان اسٽيل ڪان، اتي جي مئنيجر حشمت شيخ ۽ پير ڳوٺ جي انجنيئر غلام محمد جماڻيءَ سان گڏ ڪراچيءَ موٽي رهيو هوس. رستي تي قائد آباد وٽ، حشمت چيو ته مڇي وٺي آهي. مٺي پاڻيءَ جي مڇي، هتي سستي ملي ٿي.

”وٺي اچ.“ اسين سندس ڪار ۾ ئي ويٺا رهياسين. ڪا دير جڏهن اس ۾ وهندي گذري ته مس مس حشمت، هٿن ۾ ٿي ڪلو ڏنيرو مڇيءَ جي ٿيلهي سان، پري کان نمودار ٿيو.

”ڪيئن ملي؟“ جيئن ئي ڪار ۾ ويٺو ته جماڻيءَ سوال ڪيس.

”ادا پنجونجاهه رپيا ڪلو!“حشمت جواب ڏنو، پر خوشيءَ مان نه.

”اهو ته سنو اگهه نه چئبو. وڪڻڻ وارو ڪير هو - مڪراني، پٺاڻ يا ڪو ٻئي جو سنڌي؟“

حشمت سڙي ڪامي چيو: ”ڏنيرو ٻئي جو هو، پئسا خرچ ڪرڻ وارا اسين ڪراچيءَ جا. وڪڻڻ ۽ پئسا ڦرڻ وارو ماڳهين گمبٽ جو هو.“

”گمبٽ کان هتي اچي مڇيون پيو وڪڻي. شاباس هجيس.“ مون چيو.

”شاباس به ڪا اهڙي تهڙي! اهڙو لاهه ماڻهو آهي جو منهن جو پڪو ٿيو ويٺو ڦري. نه تو ڏسي پنهنجا نه پراوا.“

”ان کان وڌيڪ سستي ته پاڻ ڏي، گلشن حديد ۾ پئي وڪامي. توهان ونوس ئي نه ها. يا ڀرين اگهه پڇوس ها.“ جماڻيءَ حشمت کي سمجهايو.

”ادا ڀار ڪونه آهيان جو سمجهائين ٿو. اهو ته ڀرين پڇيومانس ته

ڪلو گهٽي تو ڏين؟ جواب ۾ منو تي چيائين: ’دلبر! عام ماڻهن وارو اگهه ٻڌايائين يا ياٽيءَ وارو؟‘

ان تي چيومانس: ياٽيءَ وارو ٻڌاءِ.

’تہ پوءِ دلبر اگهہ جو فڪر ئي نہ ڪر. مڇي ڪٽي وڃ. گهٽي توريان؟‘

چيومانس: هڪ ڪلو.

زالن وانگر نرڙ تي هٿ هڻي چيائين: ’ڇهڙي مڇي ۽ فقط هڪ ڪلو؟ مهرباني ڪري رئيس اهو بہ مون تي ڇڏي ڏي.‘

۽ آئون چُپ ٿي ويس. پوءِ هن ويهي سڄي مڇي وڏي ڪٽي، صاف ڪري، چلر لاهي ڳيا ڳيا ڪري ٿيلهيءَ ۾ وڌي. پوءِ منهنجي حوالي ڪري چيو: ’سائين هڪ سؤ اسي رپيا ڏيو.‘

مون ڪان رڙ نڪري ويئي. پڇيومانس: ڪهڙي حساب سان. وراڻيائين: ’ٽي ڪلو آهن. توهان لاءِ في ڪلو فقط سٺ رپيا.‘

اهو ٻڌي اندر ئي سڙي ويو. ماڻهن جي ميڙ ۾ ڪهڙو ويهي جهيڙو ڪيانس. مس مس ڪلو تي پنج رپيا ڇڏيائين.“

اسان سڀ کلڻ لڳاسين.

”وڏو ڪو لاهہ آهي. آئيندي ان ڪان ڪير وٺندو. سنڌي ٿي ڪري پنهنجن جي ڪل تو لاهي.“ جماڻيءَ چيو.

ان تي حشمت فلمي ٿهڪ ڏيئي چيو: ”وري اهڙو ائڪٽر جو مڇي ڪپيندي، اوچتو دانهن ڪري چوي ٿو: ’سائين فوٽو ڪڍو فوٽو ڪڍو.‘

آئون وائڙو ٿي ويس تہ ڪنهن جي فوٽوءَ لاءِ ٿو چوي. آخر پڇيومانس: ڪنهن جو فوٽو؟ تنهنجو فوٽو؟

ان تي مڇيءَ ڏي اشارو ڪري چيائين: سرڪار هن ڏنيري جو فوٽو ڪڍو.

”هاڻ ڏيوس جواب!“

”پر سائين تڏهن بہ اگهہ جو ضرور پڇوس ها.“ ٿوري دير بعد جمائيءَ وري حشمت کي چيو.

”ادا مڇي ڪپرائيندي، گهٽو ئي خيال آيم تہ اگهہ جو فيصلو ڪري پوءِ هڪ يا اڌ ڪلو ان مطابق چوانس. پر هن مون کي ڳالهائڻ جو موقعو ئي ڪٿي ڏنو. ڪجهہ پڇڻ جي ڪيم تہ هن يڪدم مٿين فوٽو واري ڳالهہ ڪئي. ان بعد وري ٻيو دفعو جهڙا چپ چوريم تہ وري پاڻ شروع ٿي ويو. چي: ’صاحب! مون کي روئڻ ٿو اچي، روئڻ!

ان تي پنهنجي ڳالهہ وري اتي ڇڏي، ڪانئس پڇيم تہ آخر روئڻ ڇو ٿو اچئي ـ؟

وراڻيائين: ’سائين روئڻ ٿو اچيم جو ههڙا ڏنيرا وينو ڪُهان. ههڙن شهزادن کي درياهہ شاهہ ۾ هجڻ کپي ۽ نہ هٽيءَ ۾ نہ وري توهان جي گهر جي ديڳڙيءَ ۾. بس سائين هاڻ هڪڙي مهرباني ڪجو. اديءَ کي چئجو تہ هن شهزادي کي رڌي بہ وري اهڙوئي عاليشان ڪري....‘

هاڻ ٻڌايو تہ هن گمبت جي ٻڪبڪي سان آئون ڪيئن ٿي مقابلو ڪري سگهيس.“

# مغلن جو هندستان

ڪجھ ڏينهن اڳ، هڪ دلچسپ ڪتاب پڙهڻ جو موقعو مليو. دلچسپ ان ڪري جو اهو انڊيا بابت ٽي سؤ سال اڳ جو لکيل آهي. ۽ لکڻ وارو نڪولائو مانوچي هڪ يورپي آهي. ڪتاب جو نالو The Mughal India ـــ يعني ’مغلن جو هندستان‘ آهي.

ڪتاب جو مصنف چوڏهن سالن جو مس هو ته پنهنجي ملڪ اٽليءَ جي وينس شهر ۾، بيٺل هڪ جهاز تي Stoway جي حيثيت ۾ چڙهي پيو. (استووي ان مسافر کي چئبو آهي جيڪو بنا ٽڪيٽ ۽ بنا موڪل جي پاڻيءَ جي جهاز ۾ چڙهي پوي. هر روز ۽ هر دور ۾، دنيا جي بندرگاهن ۾ اهڙا واقعا عام ٿين ٿا. جهاز جڏهن بندرگاهه ۾ هوندو آهي ته استووي جهاز جي مختلف ڪنڊن پاسن ۾ لڪي ويهندا آهن ۽ پوءِ جهاز هلڻ مهل سمنڊ تي ظاهر ٿيڻ تي سزا خاطر، ڪانئن جهاز جو ڪم ڪار ڪرايو ويندو آهي - جيسين جهاز ڪنهن ٻئي بندرگاهه ۾ پهچي يا واپس پنهنجي وطن وري.) هي جهاز ايشيا جي ملڪن ڏي وڃڻو هو. اهو سال 1653ع هو. (ان وقت هندستان تي شاهجهان جو راڄ هو ۽ پوءِ سگهوئي سن 1659ع ڌاري اورنگزيب کي تخت تي وهاريو ويو هو). ان جهاز ۾ ڪيترائي انگريز صاحب پڻ هئا جيڪي هندستان ۽ ٻين ملڪن ڏي وڃي رهيا هئا. انهن مان هڪ انگريز حاڪم هن نڪولائوءَ کي پنهنجو نوڪر ڪري رکيو. جهاز بمبئيءَ پهتو جتان پوءِ نڪولائوءَ جي صاحب کي دهليءَ وڃڻو هو. پر ان ڪان اڳ هو گذاري ويو - يعني انگريز بهادر گذاري ويو ۽ نڪولائو مغل شهزادي جي فوج ۾ وڃي آرٽلري مئن (توپچي) ٿيو. پنهنجي قابليت ۽ هوشياريءَ ڪري هو ويو مٿاهين ڪان مٿاهون رتبو حاصل ڪندو. مغل ڪورٽ ۾ هي هڪ سپتيو ۽ ساک وارو

يوربي سمجهيو ويندو هو جنهن جي حوالي ڪيترين ئي اهم ذميوارين سونپيون ويون هيون. اڳتي هلي هو رٽائر ٿيو ۽ ڪجهه سال گوا شهر ۾ رهڻ بعد مدراس ۾ حياتيءَ جا باقي ڏينهن گذاريائين. پاڻ 1717ع ۾ گذاري ويو. مرڻ کان ڪجهه سال اڳ هن هندستان ۾ مغل حڪومت جي مختصر حصي تي تفصيلي احوال لکيو هو.

اهو احوال نڪولائوءَ مختلف حصن ۾ لکيو. ڪجهه پنهنجي مادري زبان اٽلين ۾ ته ڪجهه پورچوگالي ۽ فرينچ زبانن ۾. مغل انڊيا بابت سندس لکيل احوال جا هي حصا، ڪيترن سالن تائين، جدا جدا ماڻهن وٽ رهيا. جن کي هٿ ڪرڻ ۾ آخرڪار انڊين سول سروس جو ميمبر مسٽر وليم ارون ڪامياب ٿيو. مسٽر ارون 1840ع ۾ ڄائو ۽ 1911ع ۾ گذاري ويو. پاڻ مختلف زبانن ۾ نڪولائوءَ جو لکيل مغل انڊيا بابت هي احوال، انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو. اهو سمورو احوال انگلنڊ جي رايل ايشياٽڪ سوسائٽيءَ چئن جلدن ۾ پهريون ڀيرو ڇپرايو. (هي ڪتاب انڊين ٽيڪسٽ سيريز جو هڪ حصو آهي ۽ هيءَ سوسائٽي برٽش حڪومت طرفان اسپانسر ٿيل آهي).

ڪتاب ۾ مغل شهزادن ۽ سندن راڄ ۾ ٿيندڙ ڪيترين ئي چالبازين، سازبازين، سنائين ۽ خرابين ڏنل آهن - جيڪي ڪتاب جي اٽلين ليکڪ نڪولائوءَ ويجهڙائي کان ڏٺيون يا محسوس ڪيون. مثال طور هڪ باب ۾ آهي ته ڪيئن شهنشاهه اورنگزيب پنهنجن رقيبن ۽ دشمنن جو خاتمو آڻي پنهنجي بادشاهت جون واٽون هموار ڪيون:

”اورنگزيب پاڻ بادشاهه ته ٿي ويو پر مڪمل طرح پڳدار ۽ اعليٰ طاقت بنجڻ لاءِ چيف قاضيءَ طرفان فتويٰ ملڻ ضروري هئي. ان بعد ئي هو ڪورٽ ۾ ڏوهارين جا فيصلا ڪري سگهيو ٿي ۽ پنهنجي مرضي/ سوچ/ انصاف موجب جنهن کي وٽي معاف ڪري سگهيو ٿي.

”اورنگزيب جڏهن ڏٺو ته قاضي صاحب آڻ ميڻ وارو ناهي ته هن اٽڪل ڪري هڪ ٻيو قاضي اهڙو پيدا ڪيو جيڪو سني خاندان جو هجڻ بدران اٿين ئي هيٺين درجي جو هو ۽ ڏوڪڙن تي سولائيءَ سان

وڪامي سگهيو ٿي. نتيجي ۾ هن نئين قاضيءَ عهدو سنڀالڻ سان، فتويٰ ڏني تہ تخت تي موروثي حق شهنشاهہ اورنگزيب جو ئي آهي ۽ ارشاد جاري ڪيو تہ ان جي ئي پيروي ڪئي وڃي.

"اورنگزيب بيحد خوش ٿيو. پر پوءِ سگهوئي محسوس ڪيائين تہ هيڏي محنت بعد بہ اجان هن جي راهہ ۾ مشڪلاتون آهن. سڀ کان وڏو مشڪل مراد بخش جو جيئرو هجڻ هو. ملڪ جي ڪيترن اعليٰ عملدارن ۽ راجائن نوابن جي دوستي ۽ همدردي مراد بخش سان هئي ۽ هنن چاهيو ٿي تہ هندستان جو بادشاهہ مراد بخش ئي ٿئي. ان ۾ ڪو شڪ نہ هو تہ مراد بخش هڪ اعليٰ سپاهي ۽ نيڪ حاڪم هو. ان ڪري هندن توڙي مسلمانن هن کي پسند ڪيو ٿي، ۽ هن جي ايڏي تعريف ۽ مشهوري اورنگزيب جي مٿي جي سور جو ڪارڻ هئي. اورنگزيب مراد بخش کي ظاهر ظهور ماري پنهنجي لاءِ نفرت پئدا ڪرڻ نٿي چاهي. ان ڪري ڳجهہ ڳوهہ ۾ هن کي ڪاڏي ۾ ڏوڏي آفيم جو رس وجهي ڏيڻ جو بندوبست ڪيو ـ جيئن هو آهستي آهستي ختم ٿي وڃي ۽ ڪنهن کي شڪ بہ نہ پوي. مراد بخش جي ڪرنڌڙ صحت معلوم ڪرڻ لاءِ اورنگزيب هر مهني، هن جو نهرايل پورٽريٽ گهرائي، غور سان ڏسندو هو تہ آيا هن جي منهن مان سندس موت جي ويجهي اچڻ جا آثار نظر اچن پيا يا نہ. پر جڏهن ڏٺائين تہ زهريلو رس، مراد بخش جي جانٺي جسم تي، ڪوبہ اثر نٿو ڪري تہ نيٺ بيزار ٿي هن کي سنئون سڌو مارڻ جو سٽل سٽيو.

"جڏهن مراد بخش گجرات جو گورنر هو تہ هڪ ڏينهن شڪار ڪندي سندس گوليءَ سان سندس سيڪريٽري مري پيو هو. اورنگزيب اهوئي سوچيو تہ مراد بخش کي ڦاسائڻ لاءِ ڪو پلاٽ ناهڻ ۾ اهو سٺو بهانو هو جنهن سان ڪنهن کي شڪ پوڻ جي ڪابہ گنجائش پئدا ٿي نٿي سگهي ۽ نہ وري ڪو ائين چئي سگهيو ٿي تہ ههڙي شهزادي سان ناانصافي ٿي، جيڪو قول ۽ عمل جو سچو هو، جيڪو امن ۽ جنگ ۾ دلير ۽ وفادار هو.

"اورنگزيب بادشاهہ ڳجهہ ڳوهہ ۾ مري ويل سيڪريٽريءَ جي

مائٽن کي چورائي موڪليو تہ توهان جو مائٽ مري ويو آهي ان جي پورائي لاءِ توهان جيڪي چوندائو توهان کي دولت سان مالا مال ڪيو ويندو. پر سيڪريٽريءَ جي مائٽن جواب ڏياري موڪليو تہ مرڻ واري شيءِ هلي ويئي ان جو ملهہ وٺي ڇا ڪبو. هن جي بس حياتي ئي ايتري هئي ۽ هاڻ پراڻا ڏينهن ڇا ويهي ورجائجن.

”اورنگزيب جي نري گهٽ اها چالبازي بہ ناڪام وڃي ها پر سيڪريٽريءَ جي مائٽن ۾ هڪڙو مڙيئي اهڙو سوٽ نڪري آيو جنهن اورنگزيب جي اها ڪميني اسڪيم قبول ڪئي، ۽ انصاف جي آخري فيصلي وقت هن پنهنجي سوٽ جي خون جي بدلي ۾ مراد بخش جي سر جي گُهر ڪئي.

”قاضيءَ يڪدم سر قلم ڪرڻ جو فيصلو ڏنو جيئن ڪيس (اورنگزيب طرفان) چيو ويو هو ۽ ان تي عمل ڪرڻ لاءِ شهنشاهہ (اورنگزيب) هڪ لمحو بہ وڃائڻ بدران سپاهين جو ٽولو موڪليو جن گواليار جي قلعي ۾ پهچي، مراد بخش جي سر ڪپي ورتو.

اهڙي طرح اورنگزيب سڄي هندستان جو مڪمل طرح حاڪم ٿي ويو.“

# بئنڪاڪ جي عورتن طرفان نياپو

بئنڪاڪ ۾، هڪ دفعي ڪو سيمينار اٽينڊ ڪرڻ لاءِ ٻارهن ڏينهن رهڻو پيو. رهائش ۽ کاڌي پيتي لاءِ ايترا ته گهٽ پئسا مليا جو مون سان گڏ ملائيشيا ۽ سنگاپور کان هلندڙ ڪيترن سائين آخري وقت تي هلڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. آءٌ ويس پر هوٽل ۾ رهڻ بدران، هڪ سستي Paying Guest هائوس ۾ وڃي رهيس. اهو مسواڙي گهر هڪ پراڻي اڏاوت وارو، شهر کان ڇڳو پري، ٻهراڙيءَ ۾ هو. ائين سمجهو ته سيمينار پرل ڪانٽينينٽل يا شيرٽن ڪراچيءَ ۾ هلي رهيو هو ته رهائش لاءِ هي گهر ملير لانڍي يا ماريپور پاسي ڳولهيو هوم. رهائش پري هجڻ ڪري صبح جو گهٽ ۾ گهٽ ڪلاڪ کن اڳ ۾ اٿڻو پوندو هو جيئن سيمينار واري جاءِ تي وقت تي پهچڻ لاءِ 'ٽُڪ ٽُڪ' ۾ وهڻ لاءِ جاءِ ملي وڃي. (بئنڪاڪ ۽ ٿائلنڊ جي ٻين شهرن ۾، هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ وڃي هلڻ لاءِ سوزوڪي ٽائيپ پڪ اپ هلن ٿيون جن کي ٽُڪ ٽُڪ چون ۽ شهر مان لنگهندڙ درياهه ۽ ڪئنالن مان، ٻيڙي تي هلندڙ لانچ ٻيڙين کي، ٽئڪسي چون). سو ان قسم جي ڏورانهين ۽ پراڻي گهر ۾ رهڻ ڪري، سيمينار اٽينڊ ڪرڻ لاءِ مليل معمولي رقم مان، گذارو ٿي سگهيو هو.

منجهند جي ماني سيمينار وارا ڪارائيندا هئا. صبح جي نيرن، بس اسٽاپ واري ڪئنٽين مان، چانهه بسڪيٽن تي ڪندو هوس. رات جي ماني هڪ گاڏي واري ملئي وٽ کائيندو هوس، جيڪو ڪڪڙ جا پيس، سورج مکيءَ جي تيل ۾ تريندو هو ۽ هتي جي اسپيشلٽي، لئيءَ جهڙو پت، رڌيندو هو ـ جيڪو پت گهٽ، هالا ۾ ٺاهيل ۽ ڀُنديڻ ۾ استعمال ٿيندڙ پين وڏيڪ لڳو ٿي.

ان جاءِ کي ٽي ڪمرا متي هئا ۽ هيٺ هڪ وڏو هال، وراندو ۽ اڱڻ هو. متين ٽن ڪمرن مان ڪنڊ وارو ڪمرو مونکي مليل هو جنهن ۾ ريڊيو ٻه هو. پر آواز ڇت جي پکي مان ايندو هو. ريڊيو ماٺ ۾ رهندو هو. منهنجي پر واري ڪمري ۾ ڪمپوچيا جا مسلمان رهندا هئا. زبان ته خبر ناهي ڪهڙي ڳالهائيندا هئا. رڳو 'اسلام عليڪم' منهنجو سمجهندا هئا. ۽ سندن 'وعليڪم السلام' چوڻ، آئون سمجهندو هوس. ٻيو مڙيئي خير.

ٽئي نمبر - يعني آخري ڪمري ۾ - جيڪو ڪمرو گهٽ اونداهي ڪوني وڏيڪ هو، هن پوت بنگلا گهر جو لئنڊ لارڊ پوڙهو ٽائي مالڪ ۽ سندس، ڪانئس وڏيڪ پوڙهي، زال رهي ٿي. سندس ٻي شادي هئي. يعني عورت جي. پهرين شادي سن 1940ع ۾ ٿي هيس. اها شادي گهٽ تعدي وڏيڪ ڇنجي جو مائٽن، وڏي عمر جو گهوٽ، پرڻايو هوس. اهو مڙس ٻي وڏي لڙائيءَ بعد سگهو ئي وفات ڪري ويو. ڪيس ان جو ڪو گهڻو ڏک نه ٿيو جو ان پوڙهي ۽ اگهي سان شادي ڪرڻ بعد، راڻي ٿي رهڻ بدران، نوڪرياڻي ٿي، سندس خدمت چاڪري ڪئي هئائين. مري ويو سون ٿيو. پر وري ساڳي غلطي ورجائڻ بدران 'جوان - مڙس' جي ڳولا ۾ رهي. ان ڪري ڪجهه سال ٻي اوهي ٻي واهي ٿي پنهنجي اباڻي ڳوٺ چنگ مائيءَ ۾ پرت پرينديِ رهي يا اسڪول جي ڇوڪرين جي مٿن مان جُوئون ڪڍندي رهي. آخر سن 1955ع ۾ سندس جملي حق ۽ واسطا هن مڙس سان قائم ٿيا. زندگيءَ جا آخري ڏينهن، هوءَ هتي، ان غيبات واري گهر ۾، گذاري ٿي. جنهن جو ڪجهه حصو مسواڙ تي ڏنو اٿس جنهن مان سندن پيٽ گذر ٿئي ٿو. ڪين اولاد نه ٿيو يا شايد هو، پر ڪين ڇڏي ٿائلنڊ جي ڪنهن ٻئي شهر ۾ پنهنجي منهن وڃي رهيو. هن وقت چڱيءَ طرح ياد نه اٿم جو اها ڳالهه، مسواڙ تي هي ڪمرو وٺي ڏيندڙ دلال، جنهن کي انگريزيءَ ۾ اسٽيٽ - ايجنٽ سڏجي ٿو، ٻڌائي هئي. باقي هي پوڙها، باوجود ڪوشش ۽ چاهڻ جي، نه مون سان ڳالهائي سگهيا ٿي نه پر وارن مسواڙي ڪمپوچيني ماڻهن سان. ان

ڪري جو هي بہ انگريزيءَ کان تہ اڻ واقف هئا، پر ٿائي زبان بہ خبر ناهي ڪھڙي اتر ٿائلنڊ جي جابلو علائقن جي ڳالھايائون ٿي. جن ۾ لائوسي ۽ برمي زبانن جا گھڻا لفظ آهن. بس رڳو صبح جو ڪنگھندي ڪنگھندي مون سان انگريزيءَ ۾ ايتري سا گفتگو ڪندا هئا:

”ون مور ڊي ـ؟“ يعني اڄ گھر ڇڏيندين يا هڪ ٻيو ڏينهن بہ رهندين؟ ۽ آئون هائوڪار ۾ ’ييس‘ چئي ڏهاڙيءَ جي مقرر ٽيل مسواڙ بہ سؤ ڀات ڪين ڏيندو هوس. مسواڙ تي هيءَ جاءِ وٺي ڏيندڙ ايجنٽ ٻهرين ڏينهن ئي ٻڌايو هوم تہ هتي رهڻ جي لاءِ مسواڙ روز ڏيٽي پونديءِ ـ جيئن پاڻ وٽ ايراني هوٽلن ۾ نوڪرن کي پگھار روز ڏنو ويجي ٿو.

جاءِ جي هيٺين منزل تي يعني گرائونڊ فلور تي ڪا آفيس هئي. عمردين بيدار جي ’اديون‘ رسالي جي آفيس جھڙي ـ يعني ان آفيس جي کلڻ ۽ بند ٿيڻ جو ڪو مقرر وقت نہ هو. ٿائلنڊ جي ٻهراڙي پاسي جون عورتون ان آفيس ۾ اچي وهنديون هيون. ٻھريان بہ ٽي ڏينهن ٽي ٻجي ڏاري سيمينار تان موٽيس تہ ان آفيس ۾ ڪا چرپر يا ماڻھو ڇيٽو نہ هو. پوءِ ٽئي يا چوٿين ڏينهن شام جو مانيءَ لاءِ نڪتس تہ زالن جو چڱو خاصو تعداد هو جن مان ڪن تقريرون بہ ڪيون ۽ پوءِ ڪجھہ بحث مباحثو ڪري بورڊ تي ڪجھہ مطالبا لکيا. اهو سڀ ڪجھہ ٿائي زبان ۾ ٿي رهيو هو ان ڪري مون کي سمجھہ ۾ تہ ڪجھہ بہ نہ آيو. پنھنجي ئي سوچ موجب راءِ قائم ڪري سگھيس ٿي تہ هي عورتون ڪو ڏينهن ملهائڻ جي تيارين ۾ آهن. پوءِ اهو ڏينهن ٿي سگھي ٿو، ڪو مذهبي هجي يا قومي. يا ’ٻهرين مئي‘ نموني جو پورهيتن جو ڏينهن، جنهن ۾ عورت جي حقن جي گھر ڪئي وڃي. يا مارئي فورم ۽ سرتين سٿ جھڙي تنظيم جون هي ميمبر هجن جيڪي سماجي ڪمن جي تالي ۾ ڪٿي گھمڻ يا پڪنڪ ملهائڻ جو پروگرام ٺاهي رهيون هجن.

پنجين ڏينهن ان کان بہ وڌيڪ عورتون اچي مڙيون. ڇهين ڏينهن اجان بہ گھٽيون ۽ سندن تقريرون بہ وڌيڪ جوش اختيار ڪرڻ لڳيون. ستين ڏينهن هڪ آرٽسٽ اچي ٻن ٻن والن جي ڪيترن اڇن ڪپڙن تي

عورت جون تصويرون ناهيون جن مان ڪن ۾ هُو ٻارن کي ٿڃ پياري رهيون هيون. هڪ سوزوڪيءَ ۾ بانس جا ڪيترائي لڙها اڇي ويا. جيڪي مارڪيٽ ۾ جهيڙي لاءِ بنگلاديش برما کان ٻئنڪاڪ تائين، هٿيار طور عام طرح استعمال ٿين ٿا.

ان مان اهو حساب لڳايم تہ هن جلسي يا هنگامي ۾ عورتن جي حق لاءِ ضرور ڪجهہ مچرايو ويندو. ٿي سگهي ٿو آمريڪا ۾ ڪنهن زماني ۾ هلندڙ 'Women Lib' (عورتن جي آزاديءَ جي تحريڪ) جهڙي ڪا هلچل هجي ۽ پوءِ جلوس ڪري هلڻ وقت، ماڻهن کي پنهنجن مطالبن بابت آگاهہ ڪرڻ بدران، مردن کي ڪُلي عام گاريون ڏيڻ ۽ Male Chauvinist Pig ـــ 'مرد حرامخور سوئر' آهن، جا نعرا هڻن.

بهرحال اهوئي سوچيم تہ جي اهڙو هنگامو ٿيو تہ ويجهي ۾ ويجها ۽ پهرين موچڙا کائڻ وارا مرد، اسين مٿين ماڙ تي رهندڙ ٿينداسين. چو تہ بقول هڪ انگريز فيلسوف جي خيرات (۽ شايد مار موچڙو پڻ،) گهر کان شروع ڪرڻ گهرجي.

انون ڏينهن موڪل جو هو. سو اهو سوچي هيٺ انهن عورتن وٽ سندن اوچتي وڏندڙ چرپر جو معلوم ڪرڻ ويس تہ آيا جي ڪا خطري واري تحريڪ هجي تہ پيچي جان ڇڏائجي جو بقول هڪ چيني ڏاهي جي: ويڙهہ جي ٻتيهہ طريقن مان سڀ ۾ سٺو طريقو 'پيچي جان ڇڏائڻ' آهي ۽ هتي هن ڌارئين ديس ۾ جتي آمريڪن ۽ برٽش ايمبسيءَ وارن جي ئي نٿي هلي اتي بقول هڪ سنڌي درويش جي: جت پڇڻ ناهي ڪم اتي پڇڻ ڪم وريام جو.

۽ جي خطرو ناهي ۽ ڪا چڱي ڳالهہ پئي ٿئي. ڪو ڪاڏو پيتو ورهائڻو اٿن يا ٿهتي ۽ ونتولو ٻيٽن جي ڇوڪرين وانگر پرديسين کي پيار مان تحفا ۽ سوڪڙيون پاڪڙيون ڏيڻ چاهين ٿيون تہ پوءِ ان ڏينهن تي سيمينار کان غير حاضر رهي بہ هتي ترسي پئجي ۽ اهڙو سٺو موقعو نہ وڃائجي ۽ سڀ ۾ اڳيان اڳيان ٿجي. بقول بنگالي چوٽيءَ جي: ڪاڏو گرم گرم کائجي، موچڙو ٺاري ٺاري.

هيٺ گڏ ٿيل ٿائي عورتن کان انگريزيءَ ۾ گهٽوئي پڇڻ جي ڪوشش ڪيم پر سيني اهڙي ٿائي ۽ علائقي غير جي زبان ڳالهائي جو سمجهه ۾ نه آئي. مطلب ته ڪلاڪ کن مٿو هڻڻ بعد نه هنن مونکي سمجهيو نه مون هنن کي. مٿي ۾ سور ضرور ٿيو. ها، ايترو ضرور مطلب سمجهيم ته هنن ۾ ڪا انگريزي ڳالهائڻ واري به آهي. اها جيئن ئي ايندي ته مونکي سڏينديون.

شام ڌاري اها اچي وئي ۽ مونکي سڏ ٿيو. آئون پٽڪي جا ور صحيح ڪري هيٺ پهتس. يعني هونءَ جو موڪل ڪري گنجي ۽ نڪر ۾ ويٺو هوس سو پينٽ قميص پائي، ماٺهو ٿي هيٺ لٿس. ڳوٺائين زالن جي وچ ۾ هڪ شهري قسم جي ٿائي عورت ويٺي هئي. پاڻ سٺي انگريزيءَ ۾ خيرعافيت ڪري مونکان منهنجو ملڪ پڇيو:

”آئون پاڪستان کان آيل آهيان ۽ سفرناما لکندو آهيان - يعني ليکڪ آهيان.“ مون پنهنجو اصلي ڌنڌو مٿرين انجنيئرنگ پڙهائڻ بدران پنهنجو مشغلو يعني وندر ٻڌائي. مونکي خبر آهي ته سواءِ پاڪستان جي ٻين ملڪن ۾ اديب/ ليکڪ جو مٿاهون مانُ سمجهيو وڃي ٿو. ۽ ٿيو به ائين. هنن هڪ دفعو وري انگريزي ۽ پنهنجي ٻوليءَ ۾ پليڪار ڪئي ۽ پوءِ انگريزي ڳالهائيندڙ شهري قسم جي عورت چيو:

”خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته توهان اسان جهڙي ملڪ سان واسطو رکو ٿا جنهن جا پڻ ڪيترائي مسئلا ٿائلنڊ جهڙا آهن ۽ توهان هڪ ليکڪ جي حيثيت ۾ اسان جو پيغام پنهنجي ملڪ جي گهٽي کان گهٽي ماڻهن تائين پهچائي سگهو ٿا.“

”آئون ڪوشش ڪندس.“ مون ورائيو.

”توهان پنهنجي سفرنامي ۾ اسان جون ڳالهيون ضرور ڏجو جيڪي نه فقط عورت ذات جي ڀلائيءَ لاءِ آهن پر سڄي قوم ۽ ملڪ لاءِ ڪارآمد آهن.“

پاڻ سرڪاري اسپتال ۾ ليڊي ڊاڪٽر هجڻ سان گڏ سماجي ڪم پڻ ڪيائين ٿي. يعني هوءَ پيو ڊاڪٽر سليمان شيخ يا بخش علي

لاڪو هو. هِن سڀني ڏماڇوڪرين بابت ٻڌايائين تہ هوءَ ٿائلنڊ جي ڳوٺائين مائرن کي تربيت ڏيئي رهيون آهن تہ ٻار کي ٿڃ جو ڪير پياري بيمار ڪرڻ بدران پنهنجي ٿڃ پياري ڪين صحت مند بنائين.

”ڏسو نہ!“ ، هن جوش ۾ اچي چيو، ”ڪو زمانو هو سڀني دنيا جون مائرون ٻارن کي ٿڃ تي پالي وڏو ڪنديون هيون. پوءِ آمريڪا ۽ ڪئناڊا پاسي جي عورتن ان کي خراب ڳالهہ سمجهي. هنن عورت جي ڇاتين کي ڪير پئدا ڪرڻ جي شيءِ نہ پر اشتهاربازي ۽ Sex جو هٿيار سمجهيو. ۽ پوءِ اسان جهڙن ملڪن جي ماڻهن انهن جي انڌي تقليد ڪندي پنهنجي ٿڃ ۽ پنهنجين مينهن ڍڳين جو ڪير ڇڏي، آمريڪا جو ٺهيل ڏٻن وارو ڪير پيارڻ شروع ڪيو پوءِ تہ ڏسندي ئي ڏسندي جپان، ڊينمارڪ، آسٽريليا جهڙا ملڪن بہ ڪير جا ڏٻا ٺاهي اسان کي وڪڻڻ لڳا. نتيجي ۾ پئسو هڪ طرف ضايع زيان ٿيڻ لڳو تہ ٻارن جي صحت ٻئي طرف بگڙڻ لڳي. هاڻ آمريڪا ۽ ڪئناڊا جهڙا ملڪ ڳالهہ سمجهي، پاڻ ساڳيو ٿڃ Breast- Feeding تي عمل ڪري رهيا آهن ۽ سندن ٻار وڌيڪ صحتمند ٿيندا ۽ اسين ايشيا جي ملڪن جا جاهل رهواسي ٽي وي ۽ رسالن ۾ ڪوڙا اشتهار ۽ ٿلهن متارن ٻارن جا فوٽا ڏسي وتون پنهنجي ٻارن کي چرين وانگر ڏٻن جو ڪير پيارڻيندا. پر هاڻ اسين ٿائلنڊ جي ڪنڊ ڪڙڇ جون ڊاڪٽريائيون ۽ سماجي خدمتگار عورتون هتي جي ڳوٺ ڳوٺ تائين اهو نياپو پهچائڻ چاهيون ٿيون ۽ توهان جهڙن اديبن، اخبارن نويسن وغيره کي گذارش ڪنديونسين تہ پنهنجن پنهنجن ملڪن جي عورتن تائين اهو پيغام پهچايو تہ: Breast Feeding is the Best (ماءُ جي ٿڃ سيني ڪيرن ۾ بهتر آهي.)“

”ڀلا هي بانس جا لڙها ڇو گهرايا اٿانوَ؟ مردن کي مارڻ ڪٽڻ لاءِ يا جيڪا عورت ٿڃ نہ پياري ان کي سٽو ڪرڻ لاءِ؟“ مون ڪلندي پڇيومانس.

پاڻ بہ کلي ٻڌايائين تہ بانس جا ڏنڊا ڪپڙن مان ٺهيل جهنڊن ۽ بئنرن لاءِ آهن، جن تي اسان نعرا لکيا آهن.

هڪ بئنر ڏي اشارو ڪري ان ليڊي ڊاڪٽر کان پڇيم تہ آيا اها ڪا مطالبن جي ڊگهي لسٽ آهي يا ڪا ٻي شيءِ ـ؟

”اهي ٻار کي ٿڃ پيارڻ جا فائدا آهن جيڪي توهان اخبارن ۾ ڏيئي دور دراز ڳوٺن جي رهاڪن تائين هيءَ ’ميڊيڪل معلومات‘ پهچائي سگهو ٿا ۽ انهن غريب ڳوٺاڻن کي اها طبي خبر پهچائي سگهو ٿا جن ۾ ايتري سگهہ ۽ پهچ ناهي جو شهرن ۾ اچي ڊاڪٽر يا ڊاڪٽرياڻين کان پڇي سگهن.“

ان بعد ٿائي زبان ۾ ٿڃ پيارڻ بابت لکيل اهي فائدا مونکي لکائڻ لاءِ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪندي ويئي، جيڪي هن ريت آهن:

(1) نئين ڄاول ٻار کي خوراڪ پهچائڻ جو سڀ کان سولو طريقو ٿڃ Breast Feeding ذريعي آهي.

(2) ٿڃ پيارڻ سان ماءُ جو جسم صحيح رهي ٿو. هوءَ جلد ئي ان ساڳي صورت ۾ اچيو وڃي جنهن ۾ پيٽ سان ٿيڻ کان اڳ هئي.

ٿائي ڊاڪٽرياڻيءَ ميڊيڪل جو هڪ ڪتاب ڪڍي، ان ۾ ڇپيل شڪليون ڏيکاريندي سمجهايو تہ عورت جي ٻچيداني ۽ ڄاتين جي مشڪن (Muscles) تي ڪنٽرول ڪندڙ تنتي سرشتي (Nerves) جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو آهي. ٻار جي کير پيئڻ ڪري ٻچيداني جلدئي سسي (Contact تي) پنهنجي نارمل صورت ۾ اچي ٿي ۽ اندر رهيل گند ڪچرو پڻ نڪريو وڃي. ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ قدرت پڻ ان ماءُ جي پاسي آهي جيڪا پنهنجي ٻار کي بوتل ۾ کير ڏيڻ بدران پنهنجي ٿڃ پياري ٿي.

(3) ماءُ جي ٿڃ پيئندڙ ٻار گهٽ روئي ٿو. ٻار کي اڪيلو ڇڏي، يا ٻين حوالي ڪري پوءِ وتجي کير جا ڊٻا، بوتلون، نپلون ۽ پاڻي پرينِدو، ان کان بهتر ۽ جلد ڪم پنهنجي ٿڃ پيارڻ آهي جيڪا هر وقت ريڊي ميڊ رهي ٿي.

(4) سائنس ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ اهي عورتون جيڪي ٿڃ پيارين ٿيون انهن کي ڪئنسر جهڙو موذي مرض گهٽ ٿئي ٿو.

(5) ٿڃ ذريعي ٻار کير پيارڻ هڪ سستو، سولو، حفاظت وارو ۽ اڇت گهرندو آهي. نه بوتلون ڌوئڻ جي گهل، نه پاڻي گرم ڪرڻ لاءِ چلهه ٻارڻ جي تڪليف، نه کير ڪوسي يا ٿڌي ڪرڻ لاءِ ديڳڙن يا ريفريجريٽر جي ضرورت. ٿڃ ڏيڻ واري ماءُ انهن سڀني ڳالهين کان ڇٽي پيئي آهي. ٻار رڙ ڪئي نه آهي ڪيس کير مليو ناهي ۽ عورت جي ٿڃ هر وقت صحيح ٽيمپريچر تي رهي ٿي.

(6) ٿڃ پيارڻ سان ماءُ جي ماهواري عارضي طرح بند رهي ٿي يا گهٽجيو وڃي - جيڪا عورت لاءِ سٺي ڳالهه آهي ۽ سندس جسم جون ڪيتريون طاقتون اجايو ضايع ٿيڻ کان بچيو وڃن.

”ان ۾ ڪا سچائي ناهي“، ٿائي ڊاڪٽرياڻيءَ ان ڳالهه جي وضاحت ڪئي، ”جيڪا اسانجيون پوڙهيون ڏاڏيون ٻڌائينديون هيون ته ٿڃ دوران پيٽ تي نٿو سگهي. ٿڃ پيارڻ واري ماءُ کي، ٻار ڄمڻ بعد، چاهي ماهواري نه اچي، ته به پيٽ تي سگهي ٿو. ان ڪري تڪڙي ٻار ٿيڻ کان بچڻ لاءِ ٻيو ڪو اپاءُ ونجي. باقي ٿڃ تي هرگز دارومدار نه رکجي. ٻي ڳالهه ته ٿڃ پيارڻ دوران برٿ ڪنٽرول واريون گوريون (Pills) هرگز نه کائجن.

(7) ماءُ جي ٿڃ ملاوت کان پاڪ آهي. پائوڊر وارو کير يا ڍڳي مينهن جي کير ۾ ملاوت به ٿي سگهي ٿي پر ماءُ جو کير بلڪل نج ۽ وٽامن ۽ پروٽين سان ڀرپور رهي ٿو. ”اسان وٽ ٿائلنڊ جي ڳوٺن ۾ اڪثر اهڙا واقعا عام ٿين ٿا جو کير ۾ نانگ ڪِرڻ ڪري کير زهريلو ٿيو پوي.“

(8) ٻار ماءُ جي کير کي جلد هضم ڪري ٿو. ٿڃ پيئندڙ ٻار کي قبضي ۽ دست به گهٽ ٿين ٿا.

(9) ٿڃ پيارڻ سان بچت پڻ ٿئي ٿي ۽ مهنگن ولائتي کيرن وٺڻ کان ماءُ پيءُ هڪ طرف بچي ٿو ته ملڪ جو پرڏيهي ناڻو الڳ بچي ٿو.

# قسطن وارا خواب

ڪن ڪن ساموندي سفرن ۾، ڪناري وارا ڏينهن گهٽا ٿي پوندا آهن ته سمنڊ وارا تمام گهڻ. يعني جهاز جو بندرگاهن ۾ گهٽو ترسڻ ٿي پوندو آهي. مثال طور هڪ جهاز ڪراچيءَ کان بمبئي لاءِ نڪتو. ڏيڍ يا ٻن ڏينهن جي سفر بعد بمبئيءَ ۾ هفتو ڪن ترسڻ لاءِ ملي ويس. ان بعد وري ڏينهن ٻن جي سفر بعد ڪولمبو پهچڻ تي هفتو ڪن ڪولمبو ۾. ان بعد ٽن چئن ڏينهن ۾ ملائيشيا، جتان هڪ ڏينهن جي سفر تي سنگاپور ۽ ملائيشيا سنگاپور ۾ هفتو ڪن ترسڻ لاءِ ملي ويو. ان بعد پنجن ڏينهن جي ساموندي سفر بعد هانگ ڪانگ اچي ٿو. هفتو ڪن هانگ ڪانگ ۾. ان بعد پنجن ڏينهن ڪن جي وڌيڪ سفر بعد جپان اچي ٿو جتي پڻ هفتو ۾ ترسڻ لاءِ مليو وڃي. اهڙي طرح واپس ڪراچي ايندي، يعني ڪراچيءَ کان ڪراچي واپس جي سڄي سفر جو حساب لڳائبو ته جهاز کي بندرگاهه ۾ ترسڻ لاءِ گهڻا ڏينهن ملي ويا ۽ سمنڊ ۾ هلڻ وارا تمام ٿورا ڏينهن لڳا. اها اهڙي صورت آهي جيڪا جهاز جي مالڪ کي فقير بنائي سگهي ٿي. ڇو جو هو ڪمائي تڏهن ٿو، جڏهن جهاز گهٽي کان گهٽو هلي ٿو يعني بندرگاهه ۾ پهچڻ سان يڪدم جهاز تان سامان لهي وڃي ۽ ٻيو چڙهي وڃي ۽ جهاز ٻي منزل ڏي هلڻ شروع ڪري ڏئي. بندرگاهه ۾ بيهڻ سان مالڪ کي رڳو چٽيون پرٽيون پون ٿيون ۽ خرچ ئي خرچ اٿس. بندرگاهه جي مسواڙ، باهه جي بچاءَ لاءِ فائر برگيڊ جو خرچ، مڪاني مزورن جا ڳرا پگهار ۽ ٻيا ڪيترا ٽئڪس، ڏنڊ، مسواڙون، چندا وغيره وغيره ـ هر روز جي حساب سان ڏيڻا پون ٿا. بهرحال جهاز جي مالڪ جي، اهڙي حالت ۾، دل سست ٿئي ٿي. پر جهازي ڏاڍو خوش ٿين ٿا.

پر ڪن سفرن ۾ بندرگاهه وارا ڏينهن بنهه گهٽ ٿين ٿا ۽ سمنڊ وارا گهڻا. هڪ دفعي اسان چٽگانگ مان سامان، ڪئناڊا لاءِ کنيو. رستي تي ڪٿي به ترسڻو نه هو. پکا چاليهه ڏينهن راتيون جهاز هلائيندا اچي ڪئناڊا جي بندرگاهه 'سينٽ جان' ۾ نڪتاسين. جتي ماڊرن ڪرين ذريعي هفتي اندر جهاز خالي ڪري سعودي عرب لاءِ ڪارون ۽ ٽرڪون چاڙهي ڇڏيون. ڪئناڊا ۾ جيڪو هفتو کن مليو سو به آرام ڪرڻ يا گهمڻ ڦرڻ بدران ڏينهن رات مشينريءَ جي مرمت Overhauling ڪندا رهياسين، جو هڪ ته جهاز وڏو سفر ڪري آيو هو ۽ گهڻو هلڻ ڪري مشينريءَ جي چرپر ۽ پيچ ڍاهه گهٽي تي ٿئي ۽ ٻيو ته سعودي عرب تائين، وري مهني کن جو سفر ڪرڻو هو. (تن ڏينهن ۾ سئيز ڪئنال بند هو). نتيجي ۾ آئيندي جي سفري سلامتيءَ لاءِ، ڪئناڊا وارو Stay، پورهئي ۾ گذاريوسين.

مهني سوا بعد، سعودي عرب جي اتراهين بندرگاهه دمام ۾ پهتاسين، جتي جي حڪومت پاڪستانين سان پنهنجي دستوري سختيءَ مطابق، هفتي جي رهائش ۾، فقط ڪجهه جهازين کي، ڪجهه ڪلاڪن لاءِ بندرگاهن ۾ گهمڻ ڦرڻ جي موڪل ڏني. دمام کان ڪراچيءَ وڃڻ بدران جهاز کي خالي خالي موزمبق وٺي وڃڻو پيو. سڄي واٽ خراب سمنڊ مليو. التين متان التيون هيون يا تنڊ جا گهيرٽ. موزمبق مان لوهي پٿر (Iron-ore) کڻي، وري آمريڪا روانا ٿياسين. اتان پوءِ ڪراچيءَ اچڻ ٿيو. موزمبق ۾ به هفتو کن هئاسين ته آمريڪا ۾ به ڪجهه ايتروئي. مطلب ته پنجن مهنن جي ڪل سفر (Round- Trip) ۾، بندرگاهن ۾ ڪو مهنو کن مس نصيب ٿيو سو به گهمڻ ڦرڻ بدران نٽ بولٽ ڪسيندي گذريا.

اهڙن موقعن تي جڏهن سمنڊ تي تمام گهڻو وقت گذارڻو پوي ٿو، هرڪو جهازي نفسياتي مريض ٿيو پوي. هن کي جهاز هڪ سهڻو هلندڙ چلندڙ ايئرڪنڊيشنڊ گهر نه پر لوهي قيدخانو لڳي ٿو. انسان ذات ۽ دنيا کان ڪٽ آئوٽ ٿيڻ ڪري جهازي ويڳاڻو، هيڪلو ۽ موڳو محسوس ڪري ٿو. ننڍي ننڍي ڳالهه ۽ ٽڪي پئسي جي غلط فهمي به وڏو

مونجهارو لڳي ٿي. ڪو مون وانگر ڪيترو به اڪيلائي پسند هجي ته به ايڏو عرصو لڳاتار اڪيلو رهڻ ڪري ڪڪ ٿيو پوي. پاڻ کي ڪمري ۾ بند ڪري ڪتاب پڙهڻ ۽ گانا ٻڌڻ جي به هڪ حد ٿئي ٿي. ڪناري تي ته هيڏانهن هوڏانهن نڪري چار چڱا چهرا ۽ باغ بستان، عمارتون ڏسي سگهجن ٿيون. پر سمنڊ تي ڇا ڪجي. چار ڪلاڪ ڏينهن جو ۽ چار ڪلاڪ رات جي ڊيوٽي ڪرڻ بعد ڏينهن وارا اٺ ڪلاڪ ۽ رات وارا اٺ ڪلاڪ ڪيئن گذارجن. جهاز تي رهندڙ ٻيا چند ساٿي، يا ڊيوٽي ۾ مشغول هوندا آهن يا ڊيوٽي ڪري ستل ملندا آهن. پوءِ گهٽو زور ننڊ تي هوندو آهي.

پر سمنڊ تي ننڊ اچڻ جا به دور هوندا آهن. ڪو اهڙو دور هوندو آهي جو هفتن جا هفتا سيني کي تمام گهٽ ننڊ ايندي آهي، پوءِ ان جا ڪيترائي ڪارڻ ٻڌايا ويندا آهن. تڪ ڪونه ٿو ٿئي. جهاز تي جيڪو رڪيل ڪاڌو ملي ٿو ان مان ڏڦ (Proteins) نڪريو وڃن ۽ دماغ کي اها تراوت نٿي ملي. يا آفريڪا ڪنڊ وارو پاسو ڳرو آهي ۽ جهازن تي غيبات جو اثر رهي ٿو وغيره وغيره.

پر ڪڏهن وري اهڙي ننڊ ڪٽندي آهي جو ڇا ڳالهه ڪجي. هڪ به ڏينهن به نه هفتن جا هفتا جهازي چڻ ته نشي تي هجن. ويتر جي سمنڊ خراب هوندو آهي ته جهاز جا لوڏا ننڊ جا اجان به وڌيڪ گهيرٽ آڻيندا آهن. آءٌ چوويهن ڪلاڪن ۾ چند ڪلاڪ سمهڻ وارو آهيان. پر مٿين حالتن ۾ بيوس ٿي ڇهه ست ڪلاڪ رات جو ۽ تي چار ڪلاڪ ڏينهن جو روزانو سمهندو هوندس. مجبوريءَ ڪري چار ڪلاڪ رات جو ۽ چار ڪلاڪ ڏينهن جو ڊيوٽيءَ لاءِ انجڻ روم ۾ وڃڻو پوي ٿو نه ته اهڙن ڏينهن تي، دل چوندي آهي ته جيڪر جهاز تي مسافر هجي ته اهي ڊيوٽيءَ وارا چار ڪلاڪ به ننڊون ڪندي گذارجن.

۽ پوءِ ايڏين ڊگهين ننڊن ۾ خواب نظر ايندا آهن. ننڍا وڏا خواب ته هر هڪ کي عام ننڊن ۾ نظر اچن ٿا. پر هنن ننڊن ۾ قسطوار خواب ڏسڻ جو پڻ، ڪيترا دفعا تجربو ٿيو آهي. هونءَ اڪثر ائين ٿيندو آهي ته

خواب ڏسندي ڏسندي اڪ ڪلي وڃڻ تي، ماڻهو اصلي دنيا ۾ اچي ويندو آهي. پوءِ جي اهو پوائٽو خواب هوندو آهي ته دل خوش ٿيندي آهي ته جان ڇٽي ويئي. پر جي سٺو خواب هوندو آهي ته خواب ٽٽڻ جو افسوس ٿيندو آهي ته جيڪر، خواب واري دنيا ۾ هججي ها. يا جيڪر اهو خواب پورو ٿئي ها ته سٺو. هڪ دفعو وري اکيون پوري سمهڻ جي ڪوشش ڪبي آهي پر ننڊ نه ايندي آهي. پر جي ننڊ ڪٽي اچي به ويندي آهي ته اهو خواب هرگز نه ايندو آهي.

پر ڪيترا دفعا سمنڊ تي ڏگهين ننڊن دوران ائين به ٿيو جو رات جو سمنڊ جي وڏي ڇول ۽ جهاز جي لوڏي ڪري، يا ڪنوڻ جي ڪڙڻ واري نڪاءَ تي يا دروازو اوچتو کلڻ ۽ بند ٿيڻ جي آواز تي، اڪ کلي پيئي هوندي ۽ هلندڙ خواب ٽٽي پيو هوندو. ان بعد اٿي دروازو بند ڪيو هوندو. ڪنوڻ جي چمڪات کان بچڻ لاءِ دريءَ جو پڙدو ڏنو هوندو. يا باٿ روم مان ٿي آيو هجبو. يا گلاس ڪٽي فرج مان پاڻي ڪدي پيتو هوندو - يعني وچ ۾ ڪافي وٿي اچي ويئي هوندي. ان بعد سمهڻ سان، ڪمال جي اها ڳالهه ته، ننڊ اچڻ سان وري اهوئي ساڳيو ٽٽل خواب اتان کان شروع ٿيو هوندو جتي رنڊڪ پوڻ ڪري ٽٽي پيو هو. جڻ ڪو ٽي - ويءَ جو قسطوار ڊرامو هجي. ست ٿيڻ تي ختم. وري پوري هفتي بعد سوا ڇهين بجي اتان کان شروع جتي گذريل هفتي ڇڏيو ويو هو. ان ڪري مٿئين قسم جي خوابن کي مون قسطوار خواب سڏيو آهي.

ان قسم جي تجربي مان ڪجهه ٻيا جهازي به گذري چڪا آهن. اها قدرت جي ڪهڙي Phenomenon آهي؟ ڪهڙو روپ آهي؟ ان ڪي ڪو ماهر نفسيات يا عالم ئي پروڙي سگهي ٿو. ۽ اهو تجربو جهاز جا ڏگها سفر ڪندڙ جهازين کان علاوه، چانهه جي باغن ۾ رهندڙن، باربر تي پهرو ڏيندڙ فوجين، جبل جي چوٽين تي گم ٿي ويندڙن، ۽ قيد جي اونداهين ڪوٺين ۾ رهندڙ قيدين کي پڻ ڪڏهن ڪڏهن ٿئي ٿو، جيڪي مهنن جا مهنا هڪ هنڌ پيا آهن ۽ ڪين ٻاهر جي دنيا سان ڪو گهڻو واسطو نٿو رهي.

## هِتان هُتان جا ٽڪراٽا

— صبر جو ڦل مٺو ٿيندو آهي.

ڪنهن چيو، ان چوٽي ٿاهڻ وارو پڪ ذيابطيس جو مريض نہ هوندو.

*——*——*

— مينهوڳي ۽ پوسل ڪري هن سال هالا ۾ مکيون ۽ مڇر ڪجهہ گهٽائي نظر اچي رهيا هئا. اسان جي پاڙيسري ۽ مائٽ طفيل احمد پنهنجي مخصوص ڪل پوڳ واري انداز ۾ چيو:

”مکين ۽ مڇرن جي هن سال ڳالهہ ئي نہ پڇو. هجي ايڪسپورٽ جو آئٽم تہ مکين جون تہ جيڪر ڳوٽيون ڀري ولايت موڪلجن. سڄو ڏينهن چتو ڪن ٿيون.“

”پلا رات جا چار پهر تہ آرام آهي نہ؟“ مون پڇيومانس.

”ڇا جو آرام. سڄ لهڻ ۾ اچان ڪي گهڙيون مس هونديون آهن تہ مڇر اچيو سهڙجن. جڻ مکين کان چارج وٺڻ لاءِ انهن جي موجودگي ۾ آيا آهن.“ طفيل وراڻيو.

هوٽل تي ويٺا هئاسين. چانهہ جو آرڊر ڏيندي طفيل بئري کي چيو: ”بابا هيڏي. چانهہ آڻڻ کان اڳ پهرين ہہ گلاس ٿڌي پاڻيءَ جا آڻڻ نہ وسارجانءِ.“

بئرو هائوڪار ڪري روانو مس ٿيو تہ طفيل وري اڌ تان سڏيس: ”ڳالهہ ٻڌ. ٿڌو پاڻي ضرور آڻجانءِ پر اهڙو ٿڌو بہ نہ آڻجانءِ جو ڪامائون ۾ فل اسٽاپ ڏيئي ويهڻو پوي.“

*——*——*

ڪراچيءَ ۾ هڪ شاديءَ جي دعوت ۾ ڊاڪٽر لطيف سومرو پڻ ۾ ويٺو هو. گهوٽ ڪنوار دادو پاسي جا هئا. هڪ جوٽيجو ۽ ٻيو قريشي.

"اڄڪلهه مڪسڊ شاديون عام ٿي ويون آهن." مون لطيف کي چيو.

"مون کي لڳي ٿو ته هڪ ڏينهن اهڙو ايندو،" لطيف چيو، "جو سڀ هڪ ٻئي جا مائٽ ٿي ويندا سين."

"هيءَ پهرين شادي آهي جنهن ۾ ڪنهن جوٽيجي ڌارين مان شادي ڪئي آهي،" مون چيو، "گهوٽ ڪنوار کي ڊبل مبارڪ ڏيڻ کپي."

"پهرين شادي ڪيئن ٿو چئين"، لطيف منهنجي درستي ڪندي چيو، "مون جو اڄ کان پندرهن سال اڳ نسرين جوٽيجو سان شادي ڪئي. ان جو ڪريڊٽ ڇٿو."

ٻئي پاسي ويٺل، سنڌ يونيورسٽي جي پروفيسر اعجاز قريشيءَ چيو:

"بابا جنهن جو جتي لکيل آهي اتي ٿيو وڃي. ڇا ڪنهن کي خبر هئي ته ڪيچ مڪران جو شهزادو پنهون، هيڏو ڏور اچي سسئيءَ سان شادي ڪندو. هو ڇا چوندا آهن ته مڱيا نه پرڻجن پر لکيا پرڻجن."

اتي مون به مڪسڊ شادين ـ يعني گهوٽ ڪٿي جو ته ڪنوار ڪٿي جي بابت، هڪ ملائيشيا ۽ انڊونيشيا جي چوٽي ٻڌائي:

Asam di Gunung
Garam Di Laut
Akhirnya Berjumpa
Dalam Belanga Juga

اسام يعني گدامڙي، جيڪا جابلو علائقي کان اچي ٿي، نيٺ وڃيو ديڳڙي ۾ لوڻ سان ملي ـ جيڪو سمنڊ جي شيءِ آهي. تهذيبي يا جاگرافيائي فرق ڪٿي ڪيترا به هجن ته به پيار جو جادو هر ڳالهه تي ڇانئجيو وڃي.

*——*——*

انگريز جنهن بہ ملڪ ۾ حڪومت ڪئي تہ اتي اها خاطري ڪيائين تہ سندس نوڪر جو مان مٿاهون هجي. جيئن ان ذريعي باقي عوام/ رعيت کي سولائيءَ سان قبضي ۾ ڪري رکي. ملڪ جو واپاري، مذهبي رهنما يا رئيس وڏيرو، جنهن بہ انگريز بهادر جي طاقت کي مڃيو ٿي، ان کي معزز ضرور سمجهيو ويو ٿي، پر انهن سڀني کان مٿاهون درجو انگريز حڪومت جي نوڪر جو هو. پوءِ اهو ڪٿي هڪ آفيسر هجي يا دربان پٽيوالو پر انگريز جو پگهاردار سڏائڻ (يا ڪمپنيءَ جو يا سرڪار جو)، هڪ وڏو مرتبو هو.

اڄ انگريز هليا ويا آهن پر بنگلاديش، پاڪستان، هندستان، سري لنڪا جهڙن ملڪن جي ماڻهن جي دماغ مان اهو سرڪاري ڪاموري وارو ٺانءُ نہ نڪتو آهي. اڄ بہ هندستان جو ڪمشنر هجي يا پاڪستان جو سپرنٽنڊنٽ پوليس، بنگلاديش جو سيڪريٽري هجي يا سريلنڪا جو ڪسٽم/ اميگريشن ڊئريڪٽر - نالي ۾ پبلڪ سرونٽ - يعني عوام جو خادم هوندو، پر انهن جي خدمت ڪرڻ بدران انهن جي زندگين سان راڳا ڪندو وتندو.

انگريز سرڪار جي ڏينهن ۾ اڄ واريون رشوتون ۽ ظلم نہ هئا پر عزت ۽ دٻدٻو هو. انگريز سرڪار يا ڪمپنيءَ (ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ) جو ڪلارڪ پٽيوالو بہ پاڻ کي، هن دنيا جي گولي تي، خدا کان پوءِ ٻئي نمبر تي اهم سمجهندو هو. انگريز هليا ويا پر اڄ بہ انگريزن جي سابق راڄ وارن ملڪن ۾ اڃا تائين، نفسياتي طرح سرڪاري ڪامورو پاڻ کي اهم ترين سمجهي ٿو. پوءِ ڀلي سرڪاري نوڪريءَ ۾ پگهار گهٽ هجي، اتي ۽ لٽي جي پورت نہ ٿئي پر اڄ بہ ٿوري پگهار تي بہ سرڪاري نوڪريءَ کي سڀ کان اتم، سڀ کان اعليٰ سمجهيو وڃي ٿو. ان نفسياتي سوچ جا مريض پاڪستان، هندستان کان علاوه ملائيشيا، سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ، فجيءَ تائين ملندا.

سنگاپور جي ريلوي اسٽيشن تي ڪم ڪندڙ هڪ تامل کان،

سندس ريلوي ۾ نوڪري ڪرڻ جو سبب پڇيم - جڏهن تہ سنگاپور اهڙو ملڪ آهي، جتي خانگي نوڪريون ۽ ڌنڌا جام آهن ۽ هر ماڻهو، جيڪو ايمانداريءَ سان ٽئڪس جي ادائگي ڪري ٿو، اهو عزت ماڻي ٿو. تامل وراڻيو:

"اهو بلڪل صحيح آهي ۽ مون پرائيويٽ ڌنڌو شروع ڪيو ٿي پر منهنجي پيءُ ۽ ڏاڏي - جيڪي انگريزن جي ڏينهن کان سرڪاري نوڪري (ريلوي کاتي) ۾ رهيا آهن انهن اهوئي ضد ڪيو تہ اڄ بہ سرڪاري نوڪريءَ کي ترجيح ڏجي."

هن جي ويجهڙائيءَ ۾ سندس اباڻي صوبي تامل ناڊو مان شادي ٿي آهي. پاڻ ٻڌائين تہ ڪنواريتن کي جڏهن اها خبر پيئي تہ هو سنگاپور ۾ سرڪاري نوڪريءَ ۾ آهي تہ وڏيڪ هنن نہ سندس پگهار پڇيو نہ ليڇڻ.

سرڪاري نوڪريءَ جو تامل ادب، تهذيب ۽ ڪلچر تي بيحد گهڻو اثر آهي. مٿئين تامل ڪلارڪ سندس زبان (تامل) جون ان بابت ڪجھ چوٽيون/ پهاڪا ۽ انهن جي معنيٰ پڻ ٻڌائي. هڪ بہ هن ريت آهن:

"ڪولي مي ايتا آلوم
ڪمپنيڪ ڪو مي اي"

(سرڪاري نوڪريءَ ۾ چاهي ڪڪڙ پالڻ جو ڪم هجي، تہ بہ اها بهتر آهي.)

"آرا ايڪ ڪا آچو
وي ايلا ايا انالوم
آرا چا اناڪا"

(سرڪاري نوڪر جو پگهار، چاهي اڌ پئسو هجي، تہ بہ اهو ڀلو.)

*——*——*

"ڪنگهـا!" تازو گرئجيوئيت تيل ۽ هاڻ هائوس جاب ڪندڙ ڊاڪٽرياڻيءَ چيو، "مون کي پاڻ هفتي کن کان ڪنگھ نٿي ڇڏي. ڪالهہ جنرل وارڊ ۾ داخل تيل هڪ بيمار ٻار جي ماءُ، مون کي هي جوشاندي

جون پڙيون ڏنيون آهن. هڪ ئي ڪائڻ سان ڪجهه ڪجهه فرحت محسوس پئي ڪريان. توهان به به ٿي ڪٽي وجو."

دل ۾ آيو ته اهي جوشاندي جون پڙيون ڪٽي پنهنجي دوست ۽ هن جي پروفيسر/ ممتحن وٽ وڃان، جنهن گذريل سال هن کي فائنل ييئر ۾ پاس ڪيو هو.

پر هن جي پاس ٿيڻ لاءِ، ڪيس مون به ته سفارش ڪئي هئي. ڏوهاري هو يا آئون؟

*——*——*

ـ نيو يارڪ گهمائيندي گهمائيندي، نور احمد نظاماڻي اقوام متحده جي ڊئگ هئمرشولڊ لئبرريءَ ۾ وٺي آيو. اتي هن مون کي هڪ ٿلهو متارو ڪتاب ڏيکاريو جنهن جا هڪ هزار اٺ سؤ ڇهانوي صفحا آهن. نالو اٿس: INDIA AT A GLANCE

ـ هندستان هڪ نظر ۾.

*——*——*

ـ پاڪستان کان آيل هڪ دوست ڪجهه ڏينهن مون وٽ ملائيشيا ۾ رهي جڏهن وڃڻ لڳو ته ڪائنس ملائيشيا بابت راءِ پڇيمانس. پاڻ ورائيائين:

"ملئي ماڻهن جا سادا گهر ۽ سندن.سادي سودي نموني جون شاديون ۽ دعوتون ڏسي هڪ ڳالهه نوٽ ڪئي اٿم ته ملائيشيا جا ماڻهو غريب آهن پر ملڪ امير آهي. پاڻ وٽ پاڪستان ۾ ماڻهو امير ٿا لڳن پر ملڪ يعني حڪومت غريب آهي."

"اهو يلا ڪيئن ـ؟" مون وضاحت ورتيمانس.

"ڏس نه. پاڪستان ۾ ماڻهن جا ويس وڳا، محل ماڙيون، فئشن، شاهه خرچيون، دعوتن تي کاڌا پيتا ۽ ڳائڻ وڄائڻ جا نمونا ڏسي، هرڪو ڌاريون آيل، اهوئي چوي ٿو ته بلي! هن ملڪ کي آمريڪا يا جپان وغيره جي ايڊ ـ خيرات وٺڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. هيڏانهن ملائيشيا ۾

ڪو امير آهي تہ بہ سادگي پسند آهي. سندس ڳالهائڻ ٻولهائڻ، ويس وڳي کان وٺي رهڻي ڪهڻي سادي آهي. پر ملائيشيا جي حڪومت کي امير ان ڪري چئي سگهجي ٿو جو چوڏاري ترقياتي ڪم ٿي رهيا آهن. جيڏانهن وڃ تہ رستا پيا ٺهن. پليون، اسپتالون، بندرگاهہ، ايئرپورٽ، پارڪ، بس اسٽاپ ۽ اتي زالن مردن لاءِ اس ۽ مينهن کان بچڻ لاءِ اڏاوتون. جيتوڻيڪ ملائيشيا جي حڪومت کي ايڏو تمام گهڻو پئسو بہ نہ آهي پر جيڪي ڪجهہ آهي اهو چڱيءَ طرح استعمال ٿي رهيو آهي ۽ هر شيءِ اعليٰ معيار جي، ۽ اهو سوچي نهرائي پيئي وڃي تہ اها آئنده سانوڻيءَ تائين نہ، پر ويهہ پنجويهہ سالن تائين، ان کي مرمت جي بہ ضرورت نہ پوي. اسان وانگر نہ تہ ہر دفعا مينهن پوڻ بعد نئون رستو اکڙيو وڃي. ملائيشيا جي موسم اهڙي آهي جو لڳاتار مينهن پيا وسن تہ بہ سالن بعد بہ رستا اهڙا جهڙا اجان ڪالهہ ٺهيا هجن. هتي جا واسطيدار عملدار ڪميشن کائڻ بدران Quality Control ۽ اعليٰ معيار تي ڪرڙي نظر رکن ٿا. ساڳي وقت سرڪار بہ دل کولي ترقياتي ڪمن پٺيان خرچ ڪري ٿي. نتيجي ۾ چوڏاري سهڻا رستا، سهڻيون سرڪاري آفيسون، پوليس وارن جون وڏيون گاڏيون، سهڻيون ورديون ۽ ڳرا پگهار، اسڪول ماسترن جا مٿاهان مان ۽ سهڻيون Salaries، هوادار اسڪول ۽ ٻارن لاءِ رسيس ۾ حڪومت طرفان ملندڙ مفت کير ۽ ميوو ڏسي لڳي ٿو تہ هن ملڪ جي حڪومت کي پئسو ئي پئسو آهي. پاڻ وٽ پاڪستان ۾ حڪومت جي غربت جو ڏيک پڳل رستن، چاپوڙا لٽل پٽين وارن اسڪولن ۽ ٽڙڪيل شيشن وارين آفيسن ۽ گهٽ پگهار تي پوليس ۽ تعليم کاتي کي ڏسي، هرڪو تاريون ماٿهو لڳائي سگهي ٿو.

*——*——*

ـ ويهہ پنجويهہ سالن بعد ننديڻ جي هڪ ساٿي انجنيئر سان ڪوالالمپور جي هوائي اڏي تي وري ملاقات ٿي. شروع وارا ڏينهن اسان ٻئي هڪ ئي جهاز ۽ ساڳين ملڪن ۾ گڏگڏ رهياسين. هن کي پرپٺ توڙي منهن تي 'ڪارو' سڏيندا هئاسين. جن ڏينهن ۾ اسان ساموندي

نوڪريءَ ۾ گهڙياسين، جهاز اڄ جهڙا بيحد ماڊرن ۽ آٽوميٽڪ نہ هئا. پراڻي زماني جا جهاز هئا. ڊيوٽي ڏکي ۽ سخت هئي. رئنڪ ۾، سيني آفيسرن کان اسين هيٺاهان (Juniors) هئاسين. پگهار گهٽ هو. پر خوشي ۽ ٻڳالهہ ٻڳالهہ ۾ ٽهڪ اسان وٽ انبار هئا.

اڄ ويهن کان بہ مٿي سالن بعد، عبدالصمد سان ملڻ تي چيومانس: ”ڪارا! جوانيءَ جي ڏينهن ۾ مليا هئاسين ان بعد وري هاڻ ٿا ملون. ڪيڏي عمر گذري ويئي. پوڙها بہ ٿي وياسين. دل تہ تنهنجي اڳهين صاف ۽ سفيد هئي سر هاڻ وقت جي پوت تنهنجا وار بہ اڇا ڪري ڇڏيا آهن.“

۽ پوءِ ساهہ پٽي چيومانس: ”۽ ان سان گڏ حد درجي جو گنڀير ۽ سنجيدو پڻ ٿي ويو آهين.“

”بس يار!“ عبدالصمد سگريٽ جو ڊگهو ڪش هٽي وات مان چلن جي شڪل ۾ دونهون خارج ڪيو. جن لاءِ هو هئمبرگ ۽ نيواورلينس جي بندرگاهن وارن مئخانن (Pubs) ۾ ويهي چوندو هو تہ اهي عورتن جون چاتيون ٿو ناهيان: پاڪستاني، هندستاني، ايراني، مصري. وڏن چلن لاءِ نائيجيريا ۽ ڪينيا جون حبشڻ عورتون ۽ آخري ننڍن چلن لاءِ چوندو هئو اهي جپاني عورتن جون چاتيون آهن.

چيومانس: ”ڪارا! اهي ڏينهن ياد ٿا اچن جڏهن تون جهاز تي سوار هوندو هئين ۽ عورت بابت سوچ تنهنجي دماغ تي سوار هوندي هئي.“

”هائو.“ عبدالصمد گنڀير صورت ناهي چيو، ۽ پوءِ سگريٽ جو وڏو ڪش هٽي، ڪنڌ مٿي ڪري يڪ ساهيءَ دونهين ڪي، تڪو تڪو ٻاهر ڪڍيو - جنهن لاءِ چوندو هو تہ بئالر جو گيج گلاس Blow- Down ٿو ڪريان، ۽ پوءِ سنجيدو ٿي چيو: ”انهن ڏينهن ۾ سيني جو دلپسند عنوان هوندو هو تہ خوش گذارڻ لاءِ زندگيءَ ۾ ڇا هجڻ ضروري آهي.“

”بين لاءِ ڪٽي ڇا بہ هو يا هجي، پر تولاءِ عورت هئي.“ مون چيومانس.

”نہ. سٺي زندگي گذارڻ مان پاڻ سيني جي ساڳي مراد هوندي هئي تہ ڪا نوجوان ڇوڪري هجي، ڪارين اکين ۽ ڪارين چڳن واري. جيڪا ڳالهہ ڳالهہ تي پنهنجا موتين جهڙا اڇا اڇا ڏند ڪڍي مرڪي ۽ هڪ ٺي اشاري سان پنهنجي ٿي وڃي.“

”ماشاءالله. ڇا ڳالهہ ڪجي. بلڪل صحيح ٿو چئين. پوءِ يلا هاڻ عمر ۽ عقل جي وڌڻ ڪري اهي ڳالهيون غلط لڳنديون هوندءِ؟“ مون وراڻيو.

”هائو.“ هن فلاسفرن واري شڪل ٺاهي سگريٽ جي بچيل ٽوٽي کي پير سان چٿيو. ”هائو سچڻ سائين، اهي سڀ ڳالهيون اڄ ڪان ٻہ ادائي ڏهاڪا سال اڳ جون هيون.“

”واقعي“، مون چيومانس، ”اهي سڀ غلط سوچون ان واهيات جوانيءَ جي ذينهن جون هيون، ڪارا.“

عبدالصمد ٻيو سگريٽ ڪڍي چپن تي رکيو ۽ پوءِ ماچيس جي تيلي ٻاري سگريٽ کي دکائي چيو:

”وقت جي ڦيٽي، جوانيءَ جي انهن بيوقوفين ۽ غلط خيالن مان ڪڍي ورتو آهي. هاڻ اهوئي چوندس تہ خوشحال زندگيءَ لاءِ ضروري ناهي تہ ڪا ڇوڪري ڪارين اکين واري هجي. خوشحال زندگي گذارڻ لاءِ تہ هر قسم جي اکين واري ڇوڪري هلي سگهي ٿي.“

”يلا ڪارا، ڪنهن سان گڏ آهين يا اڃان اڪيلو بيچلر بڻاءِ آهين؟“ مون پڇيومانس.

”اڄڪلهہ آئون ڪنهن سٺي ڇوڪريءَ جي ڳولا ۾ بئنڪاڪ وڃي رهيو آهيان.“

”پر سٺي ڇوڪري تہ هتي ملائيشيا ۾ بہ توکي ملي سگهي ٿي.“

”سٺي ڇوڪريءَ مان تنهنجو ڇا مطلب آهي؟“ ڪاري مون ڪان سوال ڪيو.

مون ٽڙندي ٽاٻڙندي وراڻيس: ”سٺي ڇوڪري؟ معنيٰ جيڪا

سٺي هجي. فضيلت واري هجي. پڙهي ڳڙهيل هجي. نيڪ نمازي...."

"نه نه. هن منهنجي ڳالهه اڌ مان ڪپيندي چيو، "سٺي ڇوڪريءَ مان مراد منهنجي اڄ به اها ڇوڪري آهي، جيڪا جلد ٺهي وڃي." ڪاري وري دونهين جا ڇلا ٺاهيا.

اسان جي مٿان لڳل لائوڊ اسپيڪر تان ٿاءِ ايئر لائين جي جهاز جي اڏام جو اناؤنس ٿيو. ڪارو اٿي کڙو ٿيو. ڪرسيءَ تان ڪوٽ کڻي ڪلهي تي رکيائين ۽ مون سان ٿس موڪلائڻ لاءِ هٿ ملائيندي چيو:

"هائو. اها ڳالهه آهي ته پوءِ پلي بئنڪاڪ هل."

*——*——*

– ڊاڪٽري ۽ انجنيئريءَ ۾ اهو فرق آهي ته ڊاڪٽر حڪيم ڪي پنهنجي بچاءَ لاءِ ڪيترائي نقطا آهن. هو پنهنجي بچاءَ ۾ مريض يا ان جي مائٽن کي هن قسم جا ڊائلاگ چئي سگهي ٿو: بس الله جي مرضي نه هئي. حياتيءَ جا ڏينهن اچي پورا ٿيا هوندس. جيڪا رات قبر ۾ گذرڻي هوندي اها قبر ۾ ئي گذرندي، انسان کڻي ڪيترا به زور لڳائي.

غلط دوا جي باوجود ڪڏهن ڪڏهن فلو ۽ ٽڏ ٽپ جهڙن مرضن جا مريض، مقرر مدي بعد، پاڻهي چاق ٿيو وڃن. پر جي بيماري لهڻ ۾ دير ڪري ته ڊاڪٽر مريض کي ائين به چئي آٿت ڏيئي سگهي ٿو: "اها بيماري آهستي آهستي ڇڏيندي آهي. ايندي آهي گهوڙي چڙهي، ويندي آهي جوئءِ پير." ۽ اڃان به جي مريض ۽ سندس مائٽن کي وڏيڪ تسلي ڏيڻي هجي يا رعب وهارڻو هجي ته ڊاڪٽر چئي سگهي ٿو:

"ڳريون دوائون ۽ سيون هڻڻ سان مريض جلد صحيح ٿي سگهي ٿو پر ان سان هن کي اڳتي هلي Side Effects ٿي سگهن ٿا. ان ڪري مون مريض جي فائدي جو سوچي هلڪيون دوائون ڏنيون آهن."

پر جي مريض يا ان جا مائٽ مايوس ٿي تکو ٿيڻ جي ڪوشش ڪن ته ڊاڪٽر به ٺهه پهه کين چئي سگهي ٿو:

"بابا آئون ته اوچي ڪان اوچيون دوائون پيون ڏيان. باقي ترىءَ تي بهشت ته آئون به نٿو ڪري سگهان. ۽ نه وري ڪا مون وٽ جادوءَ جي

ڪا ڏندي آهي جنهن جي گهمائڻ سان مريض يڪدم اتي هلي چلي. توهان جي سمجهو تا تہ آئون علاج صحيح طرح نتو ڪريان تہ ٻئي ڊاڪٽر وٽ وڃي سگهو ٿا. وغيره وغيره."

۽ جي مريض مري ويو تہ جهڙا ميرا جت تهڙا ميرا تت. ڳالهہ ئي ختم .Dead man tells no tale

پر انجنيئرنگ ۾ ـ خاص ڪري مئرين انجنيئرنگ ۾، اهڙو حساب ڪتاب جمي ئي نٿو سگهي. ماڻهوءَ وانگر مشين پاڻهي تہ ڪڏهن بہ صحيح ٿي نٿي سگهي ۽ حادثي ٿيڻ تي بہ هر شيءِ ظاهر رهي ٿي تہ آيا مشين ناهڻ واري انجنيئر جو ڏوهہ هو يا هلائڻ واري انجنيئر جو. سمنڊ تي ڪو جهاز خراب ٿي پوي تہ ڪو مئرين انجنيئر مسافرن کي اهو چئي هرگز ماٺ نٿو ڪرائي سگهي تہ قسمت ۾ ائين هو. ائين تہ چئي ڏيکاري تہ "الله گهريو تہ صحيح ٿي ويندو." پيا تہ نهيو پر جهاز تي سفر ڪندڙ حاجي بہ نہ ڇڏيندس. چاهي طوفان هجي يا گرمي. جهاز کي صحيح ڪرڻو ئي آهي. مشين جو ڪو پرزو ڀڄي پيو آهي تہ ان کي بہ اتي جو اتي ليٿ مشين تي ناهڻو آهي يا ويلڊ ڪري انجڻ کي هلائڻ جوڳو بنائي، في الحال ويجهي بندرگاهہ تائين جهاز کي پهچائڻو آهي. پوءِ ان ڪم ۾ چاهي بہ ڏينهن لڳي وڃن يا ٽي ڏينهن ـ پر لڳاتار انجڻين تي ڪم ڪرڻو آهي. يا تہ وري بان ڪري، پنهنجي جهاز کي ٻئي جهاز ذريعي ڇڪائڻ جو بندوبست ڪجي.

۽ جهاز ڇڪائڻ (Tow ڪرائڻ) هڪ جهازيءَ لاءِ ٻڏي مرڻ برابر آهي. جنهن جهڙي، 'جهازي برادريءَ' ۾ بي ڪا ذليل خواري ناهي.

*——*——*

ـــ مينهن (بارش) اهڙي شيءِ آهي جنهن کي نہ فقط انسان پر جانور پکي پڻ پسند ڪن ٿا. يا ٿي سگهي ٿو تہ سڀ پسند نہ ڪندا هجن ـ خاص ڪري انگلنڊ، يورپ ۽ ٻين ٿڌن ملڪن جا، جيڪي مينهوڳيءَ جي موسم کي گاريون ڏيندا هجن ۽ اس نڪرڻ تي خوش ٿيندا هجن. پر يورپ پاسي جي ملڪن جي اُس ۽ گرمي اسانجي جيڪب آباد ۽

نوشهري جي ڪاڙهي، يا دادو ميهڙ جي چٽ جهڙي ناهي. يورپ پاسي جي ڏرتي سنڌ ۽ راجستان وانگر، بقول هڪ بنگالي گيت جي، 'دوسڙ سندهو سحارا' (دسڙ ۽ بيابان) ناهي. ان ڪري برسات مان هيو ڪو خوش هجي يا نہ پر سنڌي، راجستاني، صحرائي (تاج صحرائيءَ سميت) ضرور خوش ٿين ٿا. سمنڊ تي بہ جڏهن پهرين بارش جيئن ئي شروع ٿي تہ منهنجي دل بهار بهار ٿي ويئي هئي.

پر جيڪو مزو ڳوٺ (هالا)، ميرپور خاص، پيٽارو (جتي اسڪول ۽ ڪاليج جا ڏينهن گهاريم) ۾ ايندو هو سو نہ پئي آيو. هيڏو مينهن سمنڊ تي وسي ويو پر ڪنهن شيءِ جي کوٽ ۽ تانگهہ محسوس رهي. پنهنجن ٻين جهازي دوستن کي چيم: "يار مينهن ضرور وٺو آهي پر ائين ٿو لڳي جڻ بنا لوڻ جي ماني کاڌي هجي. ڪنهن شيءِ جي کوٽ ضرور آهي جنهن ڪري ڪناري جي مينهن ۽ سمنڊ جي هن مينهن ۾ مونکي فرق محسوس ٿي رهيو آهي."

ڪنهن کي بہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي. پوءِ هڪ ٻن برساتن بعد ڌيان ۾ آيو تہ اها ڪتل شيءِ اوني جي هوا آهي. جيڪا سنڌ جهڙي اجايل ڌرتيءَ تي مينهن وسڻ بعد لڳندي آهي. مينهن وسڻ تي، ڌرتيءَ مان نڪرندڙ اُبَ سان جڏهن ٿڌي هوا مڪس ٿي لڳندي آهي تہ ان ۾ هڪ پنهنجي سڳند هوندي آهي جيڪا سمنڊ توڙي ملائيشيا، انڊونيشيا، سنگاپور جهڙن ملڪن ۾ مينهن پوڻ ڪري نٿي لڳي. ڇو جو مٿيان ملڪ بہ سمنڊ جيان آهن جتي هر وقت مينهن پوڻ ڪري ڌرتي آلي ئي آلي رهي ٿي، ۽ اتي مينهن وسڻ مهل، اها هوا، جنهن کي اسين اوني جي هوا چئون ٿا، نٿي لڳي.

*——*——*

— سمنڊ تي ڪڏهن تہ رڳو سيارو ئي سيارو ملي ٿو. ڪڏهن وري سڄو سڄو سال اونهارو.

سيپٽمبر آڪٽوبر نومبر وارا مهنا اتر يورپ، انگلنڊ ۽ ميڊيٽرينن سمنڊ ۾ گذاري ڪراچيءَ اچبو هو تہ اتي بہ سيارو هوندو هو. وري

فيبروري، مارچ اپريل اتر يورپ ڏي وڃڻ ٿيندو هو. سياري جي ٿڌ جو اثر اڃان اتي جاري هوندو هو. ان بعد مئي جون جولاءِ آگسٽ جا مهنا جيتوڻيڪ دنيا جي اتر اڌ گول (Northern Hemisphere) ۾ گرم رهن ٿا پر جيڪڏهن انهن مهنن ۾ ڪيپ آف گڊ هوپ، آسٽريليا يا ڏکڻ آمريڪا وڃڻ ٿي ويندو هو ته معنيٰ اهي مهنا به ٿڌ ۾ گذريا. ڇو جو اهي ملڪ دنيا جي ڏکڻ اڌ گول (Southern Hemisphere) ۾ آهن جتي انهن مهنن ۾ سيارو ٿئي ٿو. اهڙي طرح ڪڏهن سڄو سڄو سال سيءَ ۽ برف باريءَ ۾ ڏکياسين ٿي ته ڪڏهن قسمت ۾ ٻارهوئي گرمي ۽ اونهارو نصيب ٿيندو هو.

مختلف مندن (جهڙوڪ: سيارو، اونهارو، بهار، سرءُ) جو مزو وٺڻ لاءِ سمنڊ تي جهاز ۾ لڳاتار هلڻ بدران ڪناري جي نوڪريءَ لاءِ واجهايم، ته شور ـ جاب وري اهڙي ملڪ (ملائيشيا) ۾ ملي ويو، جتي ٻارهوئي هڪ مند ـ مينهوڳي واري ٿئي ٿي. ڇاجو سيارو ڇاجو بهار. ڇاجو سرءُ ڇاجو اونهارو. پيو ته نهيو پر ڏينهن رات جي ننڊ وڌائيءَ کان به رهجي وياسين. ملائيشيا ۽ انڊونيشيا جهڙا ملڪ خط استوا جي ويجهو هجڻ ڪري هتي جا ڏينهن توڙي راتيون هڪ جيڏيون ٿين. هتي جا ماڻهو هڪ خيال کان اسڪولن، آفيسن ۽ نمازن جي وقت بدلائڻ کان ڇٽا پيا آهن.

*——*——*

ـــ ڏهن سالن بعد وري چٽگانگ وڃڻ ٿيو. هاڻ چٽگانگ مشرقي پاڪستان ۾ نه پر بنگلاديش ۾ هو. چٽگانگ جي بندرگاهه کان وٺي شهر جي وچ تائين سندس حال سنڌ جي ڳوٺن جهڙو هو- يعني سالن گذرڻ بعد به فرق ڪجهه نه. عمارتون، رستا ۽ ماڻهو ساڳي حال ۾ هئا. ساڳيا پڳل رستا. اٿلندڙ گٽر، انگ اگهاڙا متيءَ ۾ پيوت ٻار، Unhygenic هوٽلون ۽ ڪاڏي جا دڪان ۽ انهن اڳيان مکين، ڪتن ۽ ڪرفتيءَ جا ڍير. اهائي وڻ ويرهيءَ وانگر اسان ايشيا جي رهاڪن کي ڇهتيل غربت، بي روزگاري، بيماري، غير يقيني ۽ غير سلامتي. ڪجهه به نه بدليو هو.

ڪجهه به نه بدليو هو. آئون دل ئي دل ۾ سوچيندو پنڌ ئي پنڌ چٽگانگ جي نيو مارڪيٽ بپن بتني تائين پهتس جيڪا صدر ايوب خان جي زماني ۾ ڪيترن بين نون پروجيڪٽن سان گڏ ٺهي هئي ۽ ان وقت اسان هن ئي شهر چٽگانگ ۾ پڙهندا هئاسين. بپن بتني ۽ رياض الدين مارڪيٽ کي ڦيرو ڪري ڪورٽ جي در وٽ اچي پهتس جتي منهنجي بنگالي دوست کي مون سان ملڻو هو ۽ مانيءَ لاءِ گهر وٺي هلڻو هو.

ٿوري دير بعد، هو پنهنجي نئين ماڊل جي ڪار ۾ پهتو. ملي خوش ٿياسين ۽ سندس گهر ڏي هلڻ لڳاسين. سچي وات، هو، پاڪستانين جي ظلمن ۽ انهن کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ بنگلاديش جي، بقول سندس، آزادي (Liberation) بابت ٻڌائيندو هليو. هاڻ هو چٽگانگ جي هڪ غريباڻي پاڙي ۾ رهڻ بدران ڪسٽم آفيسرس سوسائٽي نالي هڪ امير ڪالونيءَ ۾ رهيو ٿي. جنهن جي چوڌاري شهر کان به وڌيڪ غريب ۽ اگهاڙا ٻار نظر آيا. وڌيڪ ڏٺل جهوپڙيون ۽ سرڪاري پاڻيءَ جي نلن اڳيان پنجاهه پنجاهه ماڻهن جون قطارون هيون. قدم قدم تي عذر وارن عضون جي نمائش ڪندڙ فقير ۽ ننڍڙين ڇوڪرين کي وٺي پِنندڙ فقيرياڻيون هيون. آئون سندس نئين ماڊل جي ايئرڪنڊيشن ڪار ۾، اسٽيريو ٽيپ تي انگريزي گانن ۽ ميوزڪ جي ڌم ۽ ڌن تي، پنهنجي ڪنهن زماني ۾ غريب ترين ڪلاس ميٽ جي واتان، ملڪ جي آزاد ٿيڻ جا فائدا، ٻڌندو رهيس. آخر دوست جي محل نما گهر ۾ پهتس. ڇا ان جي سجاوٽ هئي ڇا ان جو فرنيچر هو. ڪنهن جون اکيون پوري جيڪر ان گهر ۾ وڃي، پوءِ ڪولجنس نه ٿلهن وال ٽ وال غاليچن، مخملي پڙدن ۽ ايئرڪنڊيشنن جي وچ ۾، هو هن گهر کي، يورپ يا آمريڪا جي ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي گهر جو گمان ڪري.

شهر جا به وڏا آفيسر ۽ ڪارخانيدار سيٺ پڻ ان دعوت ۾ گهرايا ويا هئا ۽ ڇا نه ڪاڏي پيتي جو بندوبست ٿيل هو. پر خبر ناهي ڇو منهنجو سڄو وقت ساهه گهٽجندو رهيو. پاڻيءَ مٿان پاڻي پيئندو رهيس. سوچيم: 'نه ڇا هيءَ آهي آزادي جنهن ۾ عوام وري ساڳيو غربت جي

پنجوڙ ۾ پيو ڦٽڪي ۽ فقط ڪجهہ ماڻهو: ڪامورا، سيٺ، سياستدان ليڊر عيش جي زندگي گذارين. اگر ان عيش لاءِ هي سڀ ڪجهہ ٿيو تہ اهڙي حالت تہ پهرين بہ هئي بلڪ ان ڪان بہ بهتر. پوءِ تہ انگريزن کي بہ وڃڻ نہ ڏجي ها. اسين ايشين ڪيڏو بي حس ٿي پيا آهيون. اسان جي چوڌاري موجود حالتون بہ اسان تي اثر نٿيون ڪن. اسان کي رڳو پنهنجو پاڻ نظر اچي ٿو.

اڄ بہ رکي رکي چٽگانگ جو اهو نظارو ياد اچي ٿو تہ اندر ۾ جرم جو هڪ احساس پيدا ٿئي ٿو. شهر سچو پڙيانگ پر، منهنجو بنگالي دوست، پنهنجي محل نما گهر ۾ ويهي چٽگانگ جي ترقيءَ جا گن ڳائيندو رهيو. جيڪا چٽگانگ ۽ عوام جي تہ نہ پر سندس ذاتي ترقي چئي سگهجي ٿي. اسين Asians هر ڳالهہ ۾ پنهنجي گهر جا هيرو بنجڻ چاهيون ٿا.

*——*——*

ـــ جهازن تي چيف انجنيئر ۽ ڪئپٽن جي پاڻ ۾ ڪٽ پٽ ايتري ئي پراڻي آهي جيتري جهاز جي انجڻ جي ايجاد. ۽ اها ڏي وٺ نہ فقط پاڪستاني جهازن تي آهي پر ٻين ملڪن جي جهازن تي پڻ. بقول هڪ انجنيئر جي:

”جهازن تي هونءَ فقط ڊيڪ وارن (Navigators) جي هڪ هٽي هئي پر ڪَلَ تي هلندڙ جهازن بعد ان ۾ انجنيئرن جو بہ حصو ٿيڻ لڳو. هاڻ جيئن جهاز ڪئپٽن ۽ ٻين Navigators بنا نٿو هلي سگهي تيئن انجنيئرن بنا اهو لولو لنگڙو آهي ۽ جيتوڻيڪ ڊيڪ وارا نٿا چاهين تہ اسان انجنيئرن جو جهاز تي ڪو وجود هجي. پر اسان بنا، انهن جو گذارو بہ نہ آهي.“

جهاز جو مک انجنيئر ـ يعني چيف انجنيئر، ڪٿي ڪيڏو بہ سنو هلي، تہ بہ هو ڪئپٽن جي اک ۾ ڪنڊو هوندو. گهٽو ڪم ڪندو تہ ڊيڪ وارا چوندا:

”چيف انجنيئر تي ڪري سچو ڏينهن انجڻ روم ۾ گهڙيو پيو

آهي. نہ اتس پاڻ تي اعتماد نہ پنهنجي انجنيئرنگ اسٽاف تي ڀروسو. ان کان اڳ وارو چيف انجنيئر ڪئبن ۾ ويهي سچي انجڻ جي آئيڊيا لڳائي وٺندو هو تہ انجڻ جو ڪهڙو پرزو خراب ٿيٽو آهي ۽ ڪيتري رفتار سان انجڻ جهاز کي هلائي رهي آهي.

۽ وري ڪو اهڙو چيف انجنيئر بدلي تي آيو جيڪو پاڻ انجڻ روم ۾ گهٽ ويندو ۽ ٻين جونيئر انجنيئرن کي ڪم سيکارڻ جي مطلب سان انجڻ روم ۾ انهن کي رکندو، تہ اهي ٻيڪ وارا ڦيرو ڪائي، ان چيف انجنيئر لاءِ چوندا:

”چيف انجنيئر تي ڪري سچو ڏينهن اڇا اجرا ڪپڙا پايو. گهوٽ ٿيو، رڳو ڪئبن ۾ ويٺو آهي. انجڻ روم جو تہ پڪ رستو ئي وسري ويو هوندس. اڳئين چيف انجنيئر جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي. ڪم جو مڙس ماڻهو هوندو هو. سچو ڏينهن انجڻ روم ۾ گذاريندو هو.“

*——*——*

— جهازيءَ جي نوڪري، ڏسڻ ۾ پرسڪون هوندي بہ، آنڌ مانڌ واري آهي. هن کي نہ سمنڊ تي مزو اچي ٿو ۽ نہ ڪناري تي.

ڪناري جي نوڪريءَ ۾ جهازين کي رکي رکي اڪثر اهڙا خيال ايندا آهن تہ واپس سمنڊ تي هليو وڃجي - يعني جهاز هلائڻ واري نوڪري هلي ڪجي جتي دنيا جي رسمن رواجن کان بہ ماڻهو آزاد آهي تہ ڀگهار بہ وڏو آهي. روز جي اٽي ۽ ڀاڄي وٺڻ کان بہ ماڻهو ڇٽو پيو آهي تہ مٿان ڪو صاحب (Boss) ۽ ان جي اجائي ڪٽ پٽ بہ ناهي.

۽ سمنڊ تي، وري ان قسم جا دورا، هر جهازيءَ کي ڏهاڙي پون ٿا تہ رڪو سڪو ٽڪر پور بہ ڪناري جو سٺو. سمنڊ تي روزانو شام جو پيدا ٿيندڙ مونجهہ ۽ مايوسي (Depression)، اهوئي سوچڻ تي مجبور ڪري ٿي تہ سمنڊ جي زندگيءَ ۾ رکيوئي ڇا آهي. نہ ڪو غم ڀائي ۽ نہ ڪو ڏک سور ٻڌڻ وارو. مٿن ماڻٽن کان بہ پري تہ سنگت ساٿ کان بہ ڪٽيل. سمنڊ جي زندگي هڪ غيرمعمولي (Abnormal) زندگي ئي آهي.

*——*——*

ـ هتي ملائيشيا ۾، منهنجي پاڙي ۾، جوهوربارو شهر جو هڪ ملئي مسلمان ڪئپٽن رزالي بن يعقوب پڻ رهي ٿو. هن دور ۾، هن جهڙا نيڪ انسان ـ عمل توڙي قول جا، نماز روزي توڙي آفيس ۾ ايمانداريءَ سان ڊيوٽي ڏيڻ وارا گهٽ نظر ايندا. ڪيترائي سال هن جي ويجهو گذريا اٿم پر مون هن کي نوڪر سان به تکو ڳالهائيندي نه ڏٺو آهي. عمر ۾ مون کان تمام ننڍو آهي. بلڪ پهرين منهنجو شاگرد هو. ڪئپٽن جو امتحان ڏيڻ لاءِ ملائيشيا جي هن مئرين اڪيڊميءَ ۾ مون وٽ پڙهڻ لاءِ آيو هو. ڪلاس روم ۾ ڪڏهن به دير ســـان نه آيو. هوم ورڪ توڙي ڪلاس جو ڪم ايمانداري ۽ محنت سان ڪندو هو. تورن ئي ڏينهن ۾ سيني هن کي پرکي ورتو ته هي شخص جيترو مذهبي معاملن جو ڄاڻو آهي اوتروئي مـاڊرن ٽيـڪنالاجيءَ جو عـالم. جيـئن نماز هڪ منو ٿي پڙهندو هو تيئن جهاز رانيءَ جا سبجيڪٽ پرپور Concentration سان ڌيان ۾ ڙريندو هو. سيني چيو ته هي پهرين ئي Attempt ۾ امتحان پاس ڪري ’ڪئپٽن‘ ٿي ويندو ۽ ٿيو به ائين. نه ته هي جهاز هلائڻ جا امتحان جهازين جو تيل ڪڍيو ڇڏين. شل ڪو پهرين دفعي ۾ پاس ٿئي. ڪئپٽن رزاليءَ امتحان پاس ڪري جهاز جو ڪئپٽن ٿي وڃڻ بدران ليڪچرار ٿي، هن اڪيڊميءَ ۾ پاڙهڻ پسند ڪيو.

”ڪئپٽن رزالي تون جوان مڙس آهين. سمنڊ تي هليو وڃ. جهاز هلاءِ ۽ پگهار به سٺو اٿئي. پار به اجان ننڍا اٿئي ۽ ڪجهہ سالن لاءِ انهن جي اسڪول جو به مسئلو نه رهنداءِ.“ مون کيس صلاح ڏني هئي.

”نه سر! آئون پڙهائڻ کي هڪ نيڪ پورهيو سمجهان ٿو. آئون ماستر ٿي رهڻ پسند ڪريان ٿو. پگهار گهٽ آهي مڙيئي خير آهي. اسان کان گهٽ پگهار وارن جو به ته گذر ٿئي پيو.“ هن پڪي اعتماد سان وراڻيو.

”ها. پئسي پنيـان انسان کي پڄڻ نه کپي.“ مون سندس تائيد ڪئي.

کلندي وراڻيائين: ”ها سر. پڄڻ بلڪل نه کپي. پر ان جو مطلب

اسان مسلمان قوم کي اهو هرگز ونڻ نہ کپي تہ پورهئي کان منهن موڙي ويهي رهون ۽ ڪمائڻ ڇڏي ڏيون. پورهيو ضرور ڪجي. پوءِ جي ان جو اجورو گهٽ آهي تہ غير قانوني ۽ غير اخلاقي طريقن سان پئسو هٿ ڪري پنهنجو معيار وڌائڻ کان بهتر آهي تہ قناعت ڪجي ۽ سادگي واري زندگي گذارجي."

۽ پوءِ ويجهو ٿي راز واري انداز ۾ مون کي چيائين:

"سر دل ۾ نہ ڪجو. اسان جي ملڪ جي ملئي مسلمانن توڙي توهان جي مسلمانن جي اڄ جي دور ۾ وڏي تباهي ان ڪري بہ اچي رهي آهي جو هو ڪمائيءَ کان وڌيڪ خرچ ڪن ٿا. يا رشوتون ۽ حرام وٺي پنهنجو معيار ايترو تہ وڌايو ڇڏين جو پوءِ ڪٿي رشوت اچڻ بند ٿيو وڃي تہ نلهي سگهي پگهار تي هنن جون وايون بتال ٿيو وڃن. يا ڪيترا وري وڌيڪ محنت يا واپار ڪري پئسو ڪمائڻ کي عيب يا گناهہ سمجهن ٿا. پئسو ڪمائڻ يا شاهوڪار ٿيڻ ڪو گناهہ ناهي. پر اهو ڏسڻ کپي تہ پئسو ڪهڙي طريقي سان اچي ٿو. جائز طريقي سان يا ناجائز طريقي سان. جي جائز طريقي سان تہ ڀلي اچي. ڀلي گهٽي کان گهڻو اچي. شاهوڪار ٿيڻ ڪا غير اسلامي ڳالهہ ناهي. اسلامي تاريخ ۾ ڪيترائي مسلمان امير ۽ غني ٿي گذريا آهن پر ان جو مطلب اهو ناهي تہ ان پئسي کي ڪنجوس ٿي پاڻ وٽ سوگهو رکجي ۽ نہ وري عيش عشرت ڪري ڪپائي لٽائي ڇڏجي. ٻئي ڳالهيون غلط آهن. پئسو، ناڻو، دولت ويندي هيءَ اسان جي زندگي/ جان قدرت طرفان اسان کي Trust طور مليل آهي، جنهن کي صحيح طرح استعمال ڪرڻ، اسان جو اولين فرض آهي. پئسو جي گهڻو اچي ٿو تہ ان کي خير خيرات ۾ استعمال ڪجي. ڪنهن ڏاهي جو چوڻ آهي تہ ناڻو/ ملڪيت/ دولت هڪ درياهہ مثال آهي. جنهن کي جيڪڏهن بند ڏيئي جهلبو تہ ٻوڙي ڇڏيندو. ان ڪري جيترو گهڻو اچي تہ اوتروئي ان کي وهڻ ڏجي. مطلب تہ پئسو جيترو اچي، ان کي رب پاڪ طرفان سمجهي، ان کي اوتروئي گهڻو خير خيرات ڪرڻ کپي ۽ پنهنجي قابليت آهر جيترو ٿي سگهي ڪمائجي ۽

پوءِ ضرورت کان وڌيڪ مان ڪجھ حصو ضرورتمندن، ضعيفن، بيمارن، يتيمن ۽ لاوارث غريبن کي ڏجي.“

اسان جو اھو پاڙيسري ملئي ڪئپٽن، رزالي بن يعقوب پنھنجي پيءُ جي ھيءَ نصيحت ھميشه ورجائيندو آھي تہ نماز پڙھجي تہ اھو سوچي پڙھجي تہ ٿي سگھي ٿو تہ زندگيءَ جي اھا آخري نماز ھجي. پئسو ڪمائجي تہ مڙس ماڻھو ٿي، گھٽي کان گھٽي محنت ڪري ڪمائجي ۽ اھو سوچجي تہ مونکي سڄي عمر ھن دنيا ۾ رھڻو آھي.

مٿئين ملئي ڪئپٽن جي ھن وقت ھڪ ٻي ڳالھہ بہ ياد اچي رھي آھي تہ پئسي جي معاملي ۾ ھو ھميشه اھا دعا پڻ گھرندو آھي تہ ”منھنجا مولا نہ مونکي ايڏو مسڪين ڪر جو ڪنھن ٻئي انسان اڳيان ھٿ ٽنگڻو پوي ۽ نہ وري ايڏي دولت ڏي، جو آئون ھوش حواس وڃائي، توکي بہ وساري ڇڏيان.“

## عورت جي اور ـ حلال يا حرام؟

هتي ملائيشيا ۾ به ڪڏهن ڪڏهن حلال حرام جا عجيب مسئلا نڪري پوندا آهن ۽ پوءِ ان تي بحث اخبارن ۽ پڙهندڙن لاءِ سٺي وندر ٿي پوندو آهي. جيئن ڪنهن زماني ۾، پاڪستان ۾ مشهور ٿيو هو ته ڏندن جو برش سوئر جي وارن مان ٺهي ٿو ۽ ان جو استعمال حرام آهي.

خير ڏندن جو برش سوئر جي وارن مان ٺهي ٿو يا نه، پر ان ۾ ڪو شڪ ناهي، ته عورت جي سونهن وڌائڻ جي ڪيترن ڪاسميٽڪس ۾ اوڙ (Placenta) پوي ٿي. ۽ اهو ئي اڄڪلهه ملائيشيا جو هڪ ٻرندڙ مذهبي مسئلو آهي ته آيا ان قسم جا لوشن، ڪريم Cosmetics ـ خاص ڪري آئل آف اُلي (Oil of Ulay) حرام آهي يا حلال.

ملائيشيا ۾ کائڻ پيئڻ توڙي جسم تي مکڻ جي هر اها شيءِ جيڪا حلال آهي ان تي ٻاهران ’حلال‘ جو ٺپو لڳل ٿئي ٿو، جيئن ملائيشيا ۾ رهندڙ اڌ کان وڌيڪ مسلمانن جي آدمشماري آهي جيڪا فقط اهي شيون استعمال ڪري. جن تي حلال لکيل ناهي، اهي يا ته حرام آهن يا شڪ واري حالت جون آهن. جن کي چيني يا عيسائي استعمال ڪن ته ڀلي ڪن، پر مسلمانن کي انهن شين کان احتياط ڪرڻ کپي. ان حساب سان سڀ کان گهڻو استعمال ٿيندڙ ڪريم ’آئل آف اُلي‘ تي اڄ ڏينهن تائين ’حلال‘ نه لکيو ويو آهي. جيتوڻيڪ، اهي شيون جيڪي انگلنڊ، آمريڪا، جپان، جرمنيءَ کان ٺهي ملائيشيا ۾ اچن ٿيون ـ جهڙوڪ: هينز جي چٽڻي، آچار، مارس ۽ ڪئڊبريءَ جا چاڪليٽ، ٽافيون، ويندي ڪوڪا ڪولا ۽ سيون اپ جي دٻن تي ’حلال‘ لکيل هوندو آهي.

ميڪ اپ جي هڪ ماهر ٻڌايو ته ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته دنيا

جي ڪيترين ڪريمن ۾ اوڙ جو استعمال ٿئي ٿو ۽ اوڙ ئي آهي جيڪا انساني چمڙيءَ کي نرم ۽ سهڻو بڻائي ٿي. ان بنا ڪيترن لوشن ۽ ڪريمن جو جيڪر اثر ختم ٿي وڃي. سنگاپور ۾ ڪيتريون ئي آمريڪي ۽ برٽش ڪاسميٽڪ ڪمپنين جون فئڪٽريون آهن، جيئن پاڪستان ۾ لڪس صابڻ، ڪولگيٽ ٽوٿ پيسٽ جهڙين ڌارين ڪمپنين جا ڪارخانا آهن. سو جيئن ئي مٿين، اوڙ واري ڳالهه مشهور ٿي، ته ان جي سچي يا ڪوڙي شاهدي، اهي پورهيت به ڏيڻ لڳا، جيڪي سنگاپور جي انهن فئڪٽرين ۾ ڪم ڪن ٿا. ان کان علاوه سنگاپور جي سرڪاري توڙي خانگي زناني اسپتالن ۾ عام طرح اوڙ جو وڪرو ٿئي ٿو جيڪا اڄڪلهه هڪ سنگاپوري ڊالر ۾ وڪامي ٿي. جناح اسپتال ڪراچيءَ کان ٽريننگ لاءِ آيل هڪ ليڊي ڊاڪٽر توقير ٻڌايو ته سنگاپور جي جنهن اسپتال ۾ هوءَ ڪم ڪري ٿي اتي روزانو سؤ کن ويم ٿين ٿا ۽ في اوڙ هڪ ڊالر (يعني پاڪستاني تيرهن رپئي) وڪامي ٿي. ان حساب سان مهني ۾ سراسر ٽي هزار ڊالر ٿيا ۽ سال ۾ اها اسپتال، فقط اوڙن مان، چار پنج لک رپيا ڪمائي ٿي.

بهرحال ملائيشيا سنگاپور ڳنڍيو پيو آهي ۽ ملائيشيا جي ملئي مسلمانن کان اها ڪا ڍڪيل ڇپيل ڳالهه ناهي ته دنيا جي ڪيترين لالين سرخين ۽ لوشن ڪريمن ۾ عورت جي اوڙ استعمال ٿئي ٿي جيئن پاڪستان جي ڪيترين هوٽلن ۾ چڪن سُوپ کي لذيذ بنائڻ لاءِ ڪڪڙين جا پير ۽ آنڊا گجيون پڻ رڌيون وڃن ٿيون. پر جيستائين اهو ڪم لڪ چپ ۾ پئي هليو، چوڌاري خاموشي طاري هئي، پر هاڻ اخبار وارن چٽنگ هٽي، في الحال سونهن جي دنيا ۾ ينيث مچائي ڇڏيو آهي. آئل آف اُلي جهڙين ڪريمن جو استعمال ڪندڙ مسلمان عورتون، انهن جا مڙس ۽ مائٽ، انهن شين جو وڪرو ڪندڙ چيني دڪاندار، سب منجهيل آهن ته ان جو نتيجو ڇا ٿيندو. ۽ ڪارخاني وارا پڪ ڪنهن مولويءَ جي ڳولا ۾ هوندا جيڪو ان جي حلال هجڻ جي فتويٰ ڏئي. بهرحال هاڻ سونهن جو سامان ناهيندڙن تي منحصر آهي ته ڪهڙو ڪورس آف

ائڪشن ٿا ڪٽن. ان ڳالهه جي ترديد ٿا ڪن يا انهن لوشن ڪريمن ۾ اوڙ جو استعمال بند ڪري، متانئن ’حلال‘ جو ٺپو هٽائي، پوءِ ٿا وڪرو ڪن.

في الحال ’جيترا منهن اوتريون ڳالهيون‘ وارو حساب آهي. هوٽلن، آفيسن، بس اسٽاپن ۽ گهرن ۾ اهو عنوان عام آهي. ڪنهن چيو چوڪريون منهن تي جيڪي ڪريم هڻن ٿيون انهن ۾ اوڙ مان نڪتل ڪجهه ڪيميڪل آهن. منجهس ڪجي اوڙ ته پيل ناهي جو حرام چئجي. ائين ته ڪيترين دوائن ۾ ڪيترين ئي شين جا ڪيميڪل پيل آهن.

جواب ۾ ٻئي ورائيس: ”اوڙ جو استعمال حرام آهي. ان ڪري ان مان ٺهيل هر شيءِ حرام آهي.“

”ته پوءِ ان حساب سان“، ٻهرين جواب ڏنس، ”انگور حلال آهن پر انهن مان ٺهيل شراب ڇو حلال ناهي؟“

آمريڪا کان آيل هڪ مسلمان انجنيئر چيو: ”اسان مسلمانن لاءِ سوئر حرام آهي ۽ ان جي باقيات ـ يعني آنڊا گجيون وغيره جيڪي اڇلايون وڃن ٿيون، اهي ته اجان به خراب ٿيون پر ولائت ۾ اعليٰ قسم جو ڪاغذ ناهڻ ۾ سوئر جي اها باقيات عام طرح استعمال ٿئي ٿي. پوءِ ڇا اسان پني جو استعمال بند ڪري ڇڏيون. يا ڇا پنو حرام ٿيو؟“

”بلڪل ٿيو.“ سندس هڪ ٻئي ملئي مائٽ چيو.

”ائين جي پنو حرام ٿيو ته پوءِ اسان جيڪي ڇانور پاڇيون کائون ٿا اهي به حرام يا مڪروه ٿيا جو انهن جي پوکڻ لاءِ انسانن توڙي جانورن جي گندگي، ياڻ طور استعمال ڪريون ٿا.“

هڪ ملئي دوست جي دعوت ۾ پاڪستان کان تازو آيل همراهه ٻڌايو: ”ٻڪرين، ڍڳين وغيره جو رت حرام آهي پر ڪراچيءَ جي ڪوس گهر ۾ اهو گڏ ڪري ان مان ياڻ ۽ ڪڪڙين جي کاڌ لاءِ Low Value Products تيار ڪيا وڃن ٿا.“

ان تي هڪ ٻئي همراهه ٻڌايو: ”پاڪستان اجان به انڊسٽريءَ ۾ ايتري ترقي نه ڪئي آهي. ٻين ڪيترن ملڪن ۾ جانورن جي رت مان

البيومن، فائبرن ۽ هيپارين جهڙيون شيون ٺاهيون وڃن ٿيون.“

”پاڪستان ڪائونسل آف سائنٽيفڪ ۽ انڊسٽريل ريسرچ (PCSIR) جي ڪراچي لئبارٽرين ۾ جانورن جي پت ۽ پٽيءَ جي ڪنڊي مان نڪتل مواد مان ڪوليسٽرول، ليسيٽن ۽ سيفالن جهڙيون شيون ڪڍڻ ۽ ان کي انسان ذات جي ڀلي لاءِ استعمال ڪرڻ لاءِ تجربا ٿي رهيا آهن.“

اهي ڳالهيون ٻڌي هڪ همراهه چيو: ”اهي ته ٿيون جانورن مان نڪتل شيون پر انساني شيون جهڙوڪ اوڙ جو استعمال ڪيئن ڪري سگهجي ٿو.“

ٻئي ورندي ڏنس: ”پوءِ هڪ ماڻهوءَ جي اک يا پيشاب صاف ڪرڻ واري بڪي ٻئي ماڻهوءَ جي جسم ۾ لڳائي چو ٿي وڃي؟“

ان تي پهرين چيو: ”اک يا بڪي هٽڻ وارو ڪم انسان کي خوش رکڻ لاءِ سرانجام ڏنو وڃي ٿو.“

”ته پوءِ اوڙ پيل Oil of Ulay سان نه فقط استعمال ڪرڻ وارو خوش ٿئي ٿو پر سندس سونهن پسي هرڪو ڏسندڙ به خوش ٿئي ٿو.“ ٻئي نهه پهه ورائيس.

بهرحال اهي ته آهن گذريل ٻن ٽن ڏينهن جا هوائي بحث ۽ رايا جيڪي ملائيشيا جي عام ماڻهن واتان ٻڌڻ ۾ آيا. جيسين ڪو فيصلو ٿئي يا جيسين ڪو گلا/ ڪچهريءَ لاءِ ڪو ٻيو دلچسپ عنوان ايجاد ٿئي تيسين آئل آف اُلي جهڙين ڪريمن مٿان عتاب جاري رهندو. ڪي فائدي ۾ ته ڪي مخالفت ۾ ڳالهائيندا رهندا. هاڻ ڏسجي ته اهو بحث گهٽا ڏينهن ٿو رهي.

مٿي هڪ هنڌ انگورن جو مثال آيو آهي. ان تان هڪ لطيف ياد ٿو اچي، جيڪو هن وقت لکڻ بي محل نه ٿيندو:

ڪنهن همراهه هڪ مولويءَ کان پڇيو: ”انگور حلال آهن يا حرام؟“

”حلال.“ مولويءَ ورائيس.

”يلا انگورن جو رس ڪڏي پيئجي تہ حلال يا حرام؟“

”اهو بہ حلال.“ مولويءَ وراڻيس.

”يلا ان رس کي ڪجهہ ڏينهن رکي، ساڙي Ferment ڪري، شراب ٺاهي پيئڻ حلال يا حرام؟“

”حرام.“

”اهو يلا ڇو؟“ همراهہ مولويءَ کان سوال ڪيو. ”جڏهن انگور ۽ رس حلال آهي تہ شراب ڇو حرام ٿيو جيڪو ٺهيو تہ انگورن مان آهي.“ مولويءَ ان جي جواب بدران سوال ڪيس:

”هڪ ڏوڙ جو مٺي مٿي ۾ هڻانءِ تہ تنهنجو مٿو ان سان ڦاٽندو يا نہ؟“

”نہ.“

”يلا هڪ پاڻيءَ سان؟“ مولويءَ پڇيس.

”بلڪل نہ.“ همراهہ جواب ڏنس.

”يلا ڏوڙ ۽ پاڻي ملائي، آلي مٽي هڻڻ سان مٿو ڦاٽندءِ يا نہ ـ؟“

”نہ. بلڪل نہ.“

”يلا ان آلي مٽيءَ مان بال ٺاهي، سڪائي، ڀٺيءَ ۾ پچائي پٿر ڪري مٿي ۾ هڻانءِ تہ پوءِ مٿو ڦاٽندءِ يا نہ ـ؟“

”بلڪل ڦاٽندو.“ همراهہ چيو.

”تہ پوءِ اهو يلا ڇو ـ جڏهن تہ اهو ساڳي مٽي ۽ پاڻيءَ مان ٺاهيو ويو آهي؟“ مولويءَ ورندي ڏنس.

# سوپاري ـ بيوقوفن لاءِ کنڊ لڳل زهر

ڪراچيءَ ۾ رهندڙ ڳوناٺيءَ کي چيم:

”عيد برات تي به ڳوٺ نه وڃين. ڇو؟“

وراڻيائين: ”هونءَ ته هر عيد تي ويندو هوس پر هن سال نه ويو آهيان.“

”ڇو ڀلا ـ؟“ مون وري سوال ڪيومانس.

”ٻار بيمار ٿيو پون.“ هن سبب ٻڌايو.

”اهو ڀلا ڪيئن؟“ مون پڇيومانس.

”ڏس نه منهنجا ٻار ننڍا آهن ۽ ڳوٺ جي گهٽين جي خبر اٿئي ته جتي ڪٿي شيون رکيو وڪڻن. پوءِ ٻارن جي ضد سا ڪير پڄي. پئسو به وڃائين ٿا ته صحت به.“

”پر يار شيون ته ٻار به جڏهن ننڍا هئاسين ته وٺندا هئاسين.“ مون چيومانس.

”هائو،“ منهنجي ڳوناٺي دوست مونکي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، ”پر ٻار ننڍي هوندي جڏهن خرچي ملندي هئي ته رانديڪا، ڪٽمٺڙا يا بسڪيٽ وٺندا هئاسين ۽ نه هي ڪنڊ چڙهيل زهر ـ منهنجو مطلب آهي سوپاريون ـ جيڪي اڄڪلهه هر ٻار وٺڻ لاءِ آتو آهي ۽ ان جي کائڻ سان يڪدم نه ته دير سان بيماري پرائي ٿو.“

”پوءِ ڀلا ٻارن کي جهلي ڇڏ ته سوپاري خراب شيءِ آهي ۽ هو نه وٺن.“ مون صلاح ڏنيمانس.

”ٻارن کي ڪيئن ۽ ڪيترو جهلجي جڏهن هو سڄو ڏينهن ٽي وي، ريڊيو تي مٺي سوپاري، شاهي سوپاري، ناز پان مصالا ۽ ’ڪيسي

مزي ڪي هي سوپاري' ٻڌن ٿا. هاڻ هي ڇوڏن جهڙيون سوپاريون ۽ انهن تي چڙهيل سستا رنگ جيتوڻيڪ ٻارن کي ان ئي وقت بيمار ڪٿي نٿا بڻائين پر پنهنجو اثر اهڙو ڇڏين ٿا جو آهستي آهستي ٻار جو رت سڪڻ لڳي ٿو. دماغ ڪمزور ۽ موڳو ٿيڻ شروع ٿئي ٿو. پيو نه ته ٻار کي چرس ۽ سگريٽ وانگر سوپاريءَ جو عادي بنايو ڇڏين ۽ پوءِ سوپاريءَ بنا ٻار جهڙو ويڳاڻو. ڊاڪٽر ته انهن هٽرادو رنگن لاءِ دانهون ڪن ٿا ته اهي غير قدرتي رنگ ڪئنسر پئدا ڪن ٿا ته سوپاري ته ان کان وڌيڪ خطرناڪ شيءِ آهي. جنهن ۾ نه وٽامن آهي نه پروٽين."

۽ پوءِ جذباتي ٿي چوڻ لڳو: "خدا خانو خراب ڪري انهن مڙني سوپارين جي واپارين جو جن اسان غريبن جي ٻارن جو هيٽو حال ڪري وڌو آهي. مون کي پڪ آهي ته سوپاري امپورٽ ڪرڻ وارو يا پاڪيٽ ٺاهڻ وارو ڪارخانيدار سيٺ، پنهنجن ٻارن کي اها سوپاري کائڻ لاءِ هرگز نه ڏيندو هوندو."

*——*——*

بئنڪاڪ جو بندرگاهه. اسان جي جهاز تي پاڪستان لاءِ سامان چڙهي رهيو آهي. بانس جا ڍگها لڙها، اسپنج جا چئمپل، ڏونگهيون ۽ ڪوپري جو تيل، ٻهارا، هئڊ، لونگ وغيره وغيره.

جهاز جي هڪ هئچ ۾ سوپارين جون ڳوٽيون به چڙهيل آهن. انهن جو مالڪ پنهنجين ڳوٽين تي نشان هٽائي رهيو آهي جيئن ٻين جي مال سان سندس مال ملي نه وڃي. شام ڌاري ٻين واپارين جون پڻ، سوپارين جون ڳوٽيون، چڙهٽيون آهن. نشان لڳڻ ڪري ڪراچيءَ ۾ لاهڻ مهل ڀُل چُل نٿي ٿئي. ۽ ڪراچي پاسي جا خريدار جهاز پهچڻ تي پنهنجو پنهنجو سامان يڪدم سڃاڻي کڻي وٺن ٿا.

نشان هٽائيندڙ ٿائي مالڪ منهن مهاندن مان ڪجهه ڪجهه اسان جهڙو لڳي ٿو. آئون وڌي سائس ملان ٿو. خوش خير عافيت بعد هن ٻڌايو ته هو اصل بمبئيءَ جو مسلمان آهي پر هاڻ سالن کان بئنڪاڪ ۾ رهي ٿو ۽ بزنيس ڪري ٿو. پاڻ گجراتي گاڏڙ اڙدو ڳالهائين ٿو. پاڪستان

مان ڏاڳو ۽ ڪپڙو گهرائي ٿو ۽ ٿائليند مان سوپاري موڪلي، چڱو پئسو ڪمائي ٿو.

”پلا سوپاريون رڳو پاڪستان موڪليو يا ٻين ملڪن ۾ بہ؟“ مون ڪانئس پڇيو.

”توري گهٽي ٻين ملڪن ۾ بہ وڃي ٿي پر هن قسم جي سادي جنس جي سوپاريءَ جي کپت، رڳو پاڪستان ۾ آهي.“

”چو پلا؟ پان تہ هندستان ۽ ڪجهہ عرب ملڪن ۾ بہ اڄڪلهہ ڪاڌو وڃي ٿو.“ آئون وري پڇانس ٿو.

”بس. پاڪستان جا سيٺ اهوئي مال گهرائين ٿا ۽ ملڪ جو صحت کاتو، شايد سختيءَ سان چڪاس نٿو ڪري.“ هن مون کي اهڙي نموني سان سمجهايو ڄڻ آئون ڪو احمق هجان يا مون کي سڀ خبر آهي ۽ آئون نئون بنجڻ جي ڪوشش پيو ڪريان.

”توهان بہ سوپاريون کائو؟“ هن مون کان سوال ڪيو جيڪو سوال گهٽ ٽوڪ وڌيڪ هئي.

”مون کي ڪٽي ڇڏيو. توهان جي ملڪ ۾ ٿين ٿيون، توهان ايڪسپورٽ ڪريو ٿا. توهان پلا ڪائو؟“ جواب بدران مون سوال ڪيومانس.

پنهنجو هٿ منهنجي منهن ڏي تير وانگر جهلي ان اشاري جي ادائگي ڪئي جنهن جو مطلب هوندو آهي تہ ’ڪهڙا وينو سوال ڪرين‘ ۽ پوءِ وات سان چيائين:

”نہ سائين. سوپاري تہ اسان وٽ باندر پولڙو بہ نٿو کائي. خاص ڪري هي سوپاريون تہ هتي چوڏن وانگر ٻارڻ جي ئي ڪم اچن ٿيون.“

”تنهن جي معنيٰ تہ هي سوپاريون انسان ذات جي کائڻ لاءِ سٺيون نہ آهن.“ مون چيو.

”بلڪل صحيح ٿا چئو.“ سيٺ منهنجي ڳالهہ جي تائيد ڪئي.

”تہ پوءِ وڏي افسوس جي ڳالهہ آهي تہ توهان مسلمان ٿي ڪري،

هڪ خراب شيءِ ٻئي ملڪ ۾ موڪلي رهيا آهيو جتي جا ماڻهو، خاص ڪري تهنجا مسلمان ڀائر ڪائي بيمار ٿين ٿا.“

”سائين منهنجا!“ هن منهنجي ڪلهي تي پيار سان هٿ رکي سمجهائڻ واري انداز ۾ چيو، ”مذهب الڳ شيءِ آهي، بزنيس الڳ. هوءَ چوٽي ٻڌي اٿئي ته ’نماز ميرا فرض، چوري ميرا پيشه‘. آئون جي موڪلڻ بند ڪندس ته ڇا تهنجا ڪراچيءَ جا ڊگهين ڏاڙهين وارا مسلمان واپاري گهرائڻ ڇڏي ڏيندا؟ ڇا هتي جا ٻيا واپاري به موڪلڻ بند ڪري ڇڏيندا؟ منهنجي ڪوٽ پوري ڪرڻ لاءِ ٿي سگهي ٿو ٻيا واپاري هن ڪان به وڌيڪ سڙيل مال موڪلين. نتيجي ۾ منهنجي ڪمائي ته بند ٿي، ٻيا وتندا جاوا ڪندا. ٻي ڳالهه ته آئون ته مسلمان ٿي پئسي ڪارڻ برابر غلط ڪم ڪري رهيو آهيان پر توهان جي ملڪ جي پنهنجن مسلمانن کي ڇا ٿي ويو آهي جيڪي هن زهر ۾ رنگ ۽ ٻيون زهريليون شيون ملائي غريب ٻارن جو پيٽ خراب ڪن ٿا، ساهه جون بيماريون ڏين ٿا، رت سڪائين ٿا ۽ وڏي ڳالهه ته خرچيءَ مان ڪو ٻار ميوو يا مٺائيءَ جهڙي شيءِ وٺي طاقت حاصل ڪري، ان بدران ان کي سوپاريءَ جهڙي نشي جو عادي بڻائين ٿا.“

اهو چئي اهو سيٺ اتان روانو ٿي ويو ۽ آئون جهاز جي ڊيڪ تان واپس پنهنجي ڪئبن ۾ پهتس. پڪو هلائي دري کوليم. جهاز جو، اُن دريءَ وارو پاسو، جيئي (ڌڪي) وارو پاسو هو. پري پري تائين ٻئنڪاڪ جون عمارتون ۽ وڻ ٽڻ نظر اچي رهيا هئا. هيٺ بندرگاهه ۾ ڪرينون ۽ ٽرڪون سامان لاهي چاڙهي رهيون هيون. جهاز جي ڏاڪڻ وٽ ٿي چار ٽرڪون، سوپارين جي ڳوڻين سان ڀريل، ڪرين (Crane) جو انتظار ڪري رهيون هيون ـ جيڪا ٽرڪن مان ڳوڻيون ڪڍي جهاز جي هئچ (گدام) ۾ رکي. سوپارين جي ٽرڪن جي ڀر ۾ ڪاري رنگ جي مرسيڊيز ڪار ۾ انهن سوپارين جي ڪيپ جو هڪ ٻيو ايڪسپورٽر/ سيٺ انتظار ڪري رهيو هو ته سندس مال چڙهي ته پاڻ ٻي اوتو ٿي موٽي. رکي رکي هن سگار جا ڊگها ڪش هڻي ڪجهه سوچيو ٿي. شايد اهوئي

سوچيو ٿي تہ سندس ان مال جي وڪري جي عيوض ڪيس لکها رپين جو فائدو ٿيندو جنهن مان سندس اولاد وڏيڪ سُکي زندگي گذاري سگهندو. يا شايد اهو سوچي رهيو هجي تہ پاڪستان جهڙي ملڪ جي سوين ڳوٺن ۽ شهرن جا هزاين لکين معصوم ٻار- جن جي اڳهين صحت ايترو صحيح نٿي رهي، اهي سندس سوپاريون کائي وڌيڪ بيمار ٿيندا.

*——*——*

• ڪراچيءَ ۾ رهندڙ هڪ ڏاهي کان سوپاريءَ جي وڌندڙ کپت بابت راءِ پڇيم:

"ادا، هي Syndrome (سوپاري جو استعمال)، اسان جي ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ ايترو تہ وڌي ويو آهي،" هن غمگين لهجي ۾ ٻڌايو، "جو اهو اسان جي ڪلچر جو ماڳهين هڪ حصو بڻجي ويو آهي. شهرن توڙي ڳوٺن ۾ سوپارين جون چمڪندڙ پڙيون، ننڍن توڙي وڏن جي هٿن ۾، نظر اچن ٿيون. ٻهراڙيءَ ۾ شادي ٿئي يا ڪاڏي پيتي جي ڪا ٻي دعوت، جتي ڪٽي مانيءَ بعد سوپاريءَ جي پڙي پيش ڪئي وڃي ٿي. ملڪ جي وڏي فائو اسٽار هوٽلن ۾ سوپاري ۽ پان مسالو وڪامڻ ۾ اچي ٿو."

• هڪ پڙهيل ڳڙهيل همراهہ کان پڇيم: "سوپاري ڇو ٿو کائين؟"

"بس. وقت پاس ڪرڻ لاءِ." هن جواب ڏنو.

• هڪ ٻئي همراهہ کان ساڳيو سوال ڪيم تہ هن بہ ان قسم جو جواب ڏنو:

"دل پڪي ڪرڻ لاءِ." هن جواب ڏنو.

• هڪ پوڙهي عورت کان ساڳيو سوال ڪيم. ورائيائين:

"کاڌي هضم ڪرڻ لاءِ."

(ان وقت صبح جا ڏهہ ٻارهن ٿيا هئا. خبر ناهي ڪهڙي کاڌي هضم ڪرڻ لاءِ. سڌين ٻجي واري نيرن هضم ڪرڻ لاءِ يا هڪ ٻجي

جيڪو ٻيھرو ڪائيندي، ان کي اڳوات هضم ڪرڻ لاءِ.)

• هڪ غريب پورهيت ڪان پڇيم: ”چاچا، تنهنجا ٻار سوپاريون چو ٿا کائين ـ؟“

”سائين ربئي اڏ ۾ پلا کين ٻي ڪهڙي شيءِ ملندي.“

• هڪ ٻار جي ماءُ کان پڇيم: ”چار ربيا خرچي وٺي تنهنجو پٽ روزانو اسڪول ۾ سوپاريون چو ٿو وٺي؟ اسڪول جي گيٽ وٽ ٻين شين وارا به ته وهن ٿا، انهن جون شيون چو نٿو وٺي.“

”سوپاريون سندس ڪلاس جي ماسترياڻي وڪڻي ٿي. ۽ نه وٺڻ تي شوءَ ناراض ٿئي ٿي.“

• هڪ دڪاندار کان سوپاري چٻاڙڻ جو پڇيم ته وراڻيائين: ”سائين ڏندن جي ورزش لاءِ چٻاڙيان ٿو ـ جيئن انگريز چيغم ڪائين ٿا.“

(چيغم ڪائيندي هن خبر ناهي ڪهڙا انگريز ڏٺا يا ٻڌا آهن. اسان ته ڪڏهن به غريب انگريزن کي، چيغم پٽيان، ائين پئسو ۽ صحت برباد ڪندي نه ڏٺو جيئن اسان جا پاڪستاني پنهنجون ٻئي شيون: پئسو ۽ صحت وڃائي رهيا آهن. جيتوڻيڪ چيغم وري به سوپاريءَ کان گهڻ نقصان ڪار آهي.)

• هالا جي هڪ اسڪول جي ٽيهہ کن ٻارن کان پڇيو ويو: ”سوپاري ڇا آهي؟“

اڌ کان وڌيڪ جواب ڏيئي نه سگهيا. ڪن چيو شيءِ آهي. ڪن چيو ٽِڪي (مٺائي) آهي، ڪن چيو سڪل ميوو آهي. هڪ چيو چُورو آهي. هڪ چيو ’شاهي‘ آهي. يعني سوپاري شاهي آهي! خبر ناهي سندس مطلب اهو هو ته سوپاري کائڻ ۾ شاهي (اعليٰ) آهي يا سوپاري شاهي خاندان سان تعلق رکي ٿي.

• بهرحال سوپاري ڇا آهي. مون کي به خبر نه هئي. گذريل دفعي ٿائلنڊ جي هڪ ائگريڪلچرلسٽ ٻڌايو ته ٻاڄي آهي. جنهن جي ٻوءِ پڪ پنهنجي ڳوٺ جي ٻاٽني جي پروفيسر تاج محمد ميمڻ ۽ ڪراچيءَ جي

عباسي شهيد اسپتال جي نڪ ڪن گلي جي ماهر سرجن سيد سرفراز شاهہ ڪئي.

*——*——*

بئنڪاڪ ۾ هلندڙ هڪ سيمينار ۾ هن ٿائي دوست پڇيو:

”توهان پاڪستاني سوپاريون ڇو ٿا کائو؟ ڪاٺو اٿانوَ تہ موري، گوبي، پالڪ، ٻٽاٽا يا واڱڻ پيندي کائو.“

آئون وائڙو ٿي ويس. نيٺ ڇيومانس:

”سوپاريءَ جو انهن پاڇين سان ڪهڙو واسطو؟“

”سوپاري بہ تہ پاڇي آهي. هڪ تمام سستي قسم جي پاڇي جنهن ۾ ڪا طاقت ناهي. جنهن کي سگهـــوئي جيت جڙو ۽ چارو (Fungus) لڳيو وڃي.“ ٿائي دوست ٻڌايو.

ان بعد پاڪستان پهچڻ تي، ان سبجيڪٽ جي جاچ - يعني مٿين پروفيسرن پڻ پڪ ڪئي تہ سوپاري واقعي هڪ پاڇيءَ جو قسم آهي، جنهن جو سائنسي نالو Areca- Catechu آهي. يا فقط Areca سڏجڻ ۾ اچي ٿو. سندن ٻڌايل ڪجهہ ٻيون ڳالهيون:

- سوپاري سريلنڪا، بنگلاديش، انڊونيشيا، انڊيا، برما، ٿائلنڊ ۽ ملائيشيا ۾ عام پوکي وڃي ٿي ۽ اها گهڻو ڪري اڌ ڪچي پڪي حالت ۾ پٽي، پوءِ گدامن ۾ رکڻ کان اڳ ان کي ڇانولي (Shade) ۾ سکايو وڃي ٿو.

- اڻ هوادار، اونداهن، بدبوار ۽ گهميل گدامن ۽ پاندن ۾ ڏينهن جا ڏينهن ســوپاريون رکڻ ڪري انهن جي اندر هڪ قــسم جو چارو (Fungus) لڳيو وڃي. جڏهن سوپاري سٺي حالت ۾ آهي تہ ان کي اڌ ڪرڻ سان سندس وچ جو مال اڇي رنگ جو ٿئي ٿو. پر سرو ۽ چارو لڳڻ ڪري اهو پورو يا ناسي ڪارو ٿيو پوي.

- ڪراچيءَ ۾ جيڪي سوپاريون پهچن ٿيون انهن ۾ ٻن قسمن جو چارو عام نظر اچي ٿو. هڪ ڪاري رنگ جو Aspergillus Niger آهي ۽

پيو ناسي يا هئڊي رنگ جو Aspergillus- Falvus آهي. اهي ٻئي، بيحد خطرناڪ آهن ۽ Aflatoxin نالي زهر پئدا ڪن ٿا جيڪو جيري ۽ وات جي ڪئنسر (سرطان) جو ذميوار آهي.

• ڏنو ويجي ٿہ سٺي يا خراب سوپاري ٿي اهم راڱا ڪري ٿي:

1- ساهہ جي نلين کي بند ڪريو ڇڏي. جنهن ڪري ماڻهو پوساٽجي مري ٿو. سوپاري ڦاسڻ جا روزانو ڪيترائي ڪيس هر اسپتال ۾ اچن ٿا. ترت تدارڪ نہ ٿيڻ ڪري ڪيترين معصوم جانيون ان سوپاري کائڻ جي شوق ۾ مريو وڃن.

2- سوپاري کائڻ ڪري ڪجهہ وقت کان پوءِ وات ۾ سور ۽ ڦٽ ڦرڙيون ٿيو پون. ان کان علاوه سوپاري ڄاڙيءَ جي چرپر تي اثر انداز ٿئي ٿي.

3- سوپاري گند ۽ پونءِ پئدا ڪري ٿي، جيڪا ڪئنسر پئدا ٿيڻ جي نشاني آهي. اهو گند Oral- sumucovs fibrosis هڪ لاعلاج مرض آهي. ان جو حملو ننڍن ٻارن تي گهڻو ٿئي ٿو. ڪيترن تي ان جا خراب اثر، ڪجهہ سالن بعد ئي نمودار ٿين ٿا، پوءِ اڳتي هلي ڪئنسر پنهنجو روپ ڏيکاري ٿي. پاڪستان ۾ اٽڪل ويهہ سيڪڙو ڪئنسر جا مريض وات جي ڪئنسر کان مرن ٿا جنهن جو وڏو ڪارڻ سوپاري آهي.

## نيو فيلڊس طرفان تازه شايع ٿيل ڪتاب

**ٻـڪر** (نـاول)
نٽ همسن
**اسپارٽيڪس** (ناول)
هاورڊ فاسٽ
**انـدر ملھم، املھم** (شاعري)
حيدر علي لغاري
**جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي** (خطَ)
شيـخ اياز
**ڪلھي پاتـم ڪينرو** (شاعري)
شيـخ اياز
**پن ڇڻ پڄاڻان** (شاعري)
شيـخ اياز
**ذات ۽ حـيـات** (شاعري)
نـارايڻ شيـام
**سـائنـس جو معاشري تي اثر**
بـرٽـرنـڊ رسل
**ڪونجون ڪرڪن روھـ تي** (شاعري)
شيـخ ايـاز
**دونھاتيل راتيون ۽ رولاڪ** (نـاول)
غلام نبي مغل
**حق موجود ـــ تاريخ جو ڪيڏارو**
يـوسف شـاهين
**ڪٿي نـ ڀيـبو ٽـڪ مسافر**(آتم ڪھاڻي جلد - I ۽ II)
شيـخ ايـاز
**ڀڳوانڻ جي ڀونءِ** (سفرنامو)
بدر ابڙو
**گھاٽ مٿان گھنگھور گھٽا م**
شيـخ ايـاز
**ڪينئي ڪتاب** (جلد I ۽ II)
رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻي
**خواب خوشبو ڇوڪري**
ماهتاب محبوب
**ڏسي ڏوھـ اکين سين**
جمـال ابـڙو

